پکين جي پارليامينٽ

("منطق الطير" جو سنڌي ترجمو)

•

خواجه فريدالدين عطار

ترجمو:

غلام حسين جلباڻي

Gul Hayat Institute

سنڌي ادبي بورڊ

حيدرآباد سنڌ

پکين جي پارليامينٽ

[پارسي ڪتاب "منطق الطير" جو سنڌي ترجمو]

•

خواجه فريدالدين عطار رحه

ترجمو:

غلام حسين جلباڻي

استاذالعربيه، الجامعية السنديه، حيدرآباد سنڌ.

Gul Hayat Institute

سنڌي ادبي بورڊ

حيدرآباد سنڌ

١٩٧٩ع

پهريون ايڊيشن 1962ع ڪاپيون 1000

ٻيون ايڊيشن 1968ع ڪاپيون 2000

ٽيون ايڊيشن 1979ع ڪاپيون 2000

[سنڌي ادبي بورڊ جا سڀ حق ۽ واسطا قائم]

قيمت: اٺ رپيا

Price: Rs. 8.00

Gul Hayat Institute

PAKHIAN JI PARLIAMENT (Parliament of the Birds). A Sindhi Translation of the Persian book 'Mantaq-ul-tir'.

Written by: Khwaja Fareed-ud-Din Attar.

Translated by: Ghulam Hussain Jalbani.

Published by: Sindhi Adabi Board,

P. O. Box 12

Hyderabad Sind Pakistan.

First Sindhi Edition: 1962. Third Edition: 1979.

ديباچو

خواجه فريدالدين عطار رحه جو ڪتاب "منطق الطير" فارسي ادب ۾ تصوف تي مشهور مثنوي آهي. ان جا ڪن ٻولين ۾ ترجما به موجود آهن.

تصوف جي راهه ۾ هي هڪ روشن قنديل آهي ۽ عطار جي اندر جو آئينو آهي. زهد ۽ تقوا جي بيان سان ڀريل "منطق الطير" دل ۽ خيالن جي پاڪيزگي لاءِ هڪ ڪسوٽي آهي. نفس ۽ شيطان جي دوکيبازين کي سڃاڻڻ لاءِ هڪ اکين آڏو لکيل دفتر آهي. خوش فهمي ۽ خوش اعتقاديءَ جي مرض لاءِ هڪ لاجواب نسخو آهي. مطلب ته بيمار دلين لاءِ هڪ اڪسير ۽ روح لاءِ هڪ معجون ۽ دائمي رهاڻ آهي.

پکين جي تمثيل ۾ خواجه عطار رحه، سالڪ جي پنهنجي مالڪ جي وصال لاءِ سفر ۽ ان جي دشوارين جو لفظن ۾ نقش چٽيو آهي.

تقريباً 1959ع ڌاري هيءُ ڪتاب سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪري سنڌي ادبي بورڊ کي شايع ڪرڻ لاءِ پيش ڪيو ويو هو. مان بورڊ جو شڪرگذار آهيان، جنهن ڪتاب کي منظور ڪري شايع ڪيو آهي.

"منطق الطير" جيئن ته يونيورسٽيءَ ۽ ڪاليج جي نصاب ۾ آهي، تنهنڪري ان جو سنڌي ترجمو سنڌي شاگردن لاءِ ڏاڍو ڪارائتو ثابت ٿيندو. علاوه ان جي هن ڪتاب ۾ عام جي فائدي ۽ دلچسپيءَ جو به جيڪو سامان موجود آهي. صوفي مزاج وارن لاءِ ته هيءَ هڪ وڃايل وٿ آهي، حڪمت ۽ دانائيءَ جي کاڻ جو هڪ بي بها لعل آهي. عطار جو فلسفو مقبول عام ۽ خاص آهي.

ترجمي جي عبارت نهايت سليس ۽ سلوڻي آهي ۽ هن قصي کي جنهن پيرائي ۾ پيش ڪيو ويو آهي، سو ڏاڍو دلڪش ۽ موهيندڙ آهي. "پکين جي پارليامينٽ" اصل ڪتاب جو اختصار آهي، جنهن ۾ معنيٰ ۽ مفهوم کي شگفته عبارت ۾ پيش ڪرڻ کي لفظي ترجمي کان زياده اهميت ڏني وئي آهي.

مان پنهنجي محترم دوست، ڊاڪٽر قاضي نبي بخش صاحب، صدر شعبه فارسي، سنڌ يونيورسٽيءَ جو گهڻو ٿورائتو آهيان، جنهن تڪليف وٺي هن ساري ترجمي کي نظر مان ڪڍيو ۽ ان ۾ ڀل غلطين کي درست ڪيو.
و آخر دعوانا ان الحمد لله رب العالمين.

غلام حسين جلباڻي
صدر شعبهٔ عربي،
سنڌ يونيورسٽي.

٢٠- نومبر ١٩٦٢ع
حيدرآباد سنڌ،
پاڪستان.

Gul Hayat Institute

فهرست مضامين

ديباچو الف
شيخ فريدالدين عطار ١
پکين جو ميڙ، هد هد جي تقرير ۽ سيمرغ جي تعريف ٨
سيمرغ جي حمد جي پڌرائي ١٣
پکين جا عذر پيش ڪرڻ ۽ هد هد جا جواب ڏيڻ ۽
بلبل جو عذر ١٥
هد هد جو جواب ١٧
طوطيءَ جو عذر ٢٠
هد هد جو جواب ٢١
مور جو عذر ٢٣
هد هد جو جواب ٢٤
ٻدڪ جو عذر ٢٦
هد هد جو جواب ٢٧
چڪور جو عذر ٢٨
هدهد جو جواب ٣٠
هما پکيءَ جو عذر ٣٣
هد هد جو جواب ٣٤
باز جو عذر ٣٧
هد هد جو جواب ٣٨
ٻگهه جو عذر ٤٠
هد هد جو جواب ٤١
چيڙي جو عذر ٤٣

Gul Hayat Institute

هد هد جو جواب ۴۴
ڪتياڻيءَ جو عذر ۴۵
هد هد جو جواب ۴٦
پکين جو گڏجي سوال ڪرڻ ۴۸
هد هد جو جواب ۴۹
سيمرغ کي ملڻ لاءِ پکين جي بيتابي ۽ سندن
هد هد کان سوال ۵۳
هد هد جو جواب ۵۴
سيمرغ ڏانهن وڃڻ لاءِ پکين جو پاڻ ۾ متفق ٿيڻ ۷۰
پکين جو هد هد جي مٿي تي تاج رکڻ ۽
ڪوهه قاف روانو ٿيڻ ۷۱
رستي جي هولناڪيءَ کان پکين جو فرياد ۷۲
هڪ پکيءَ جو سوال ۷۳
هد هد جو جواب ۷۴
هڪڙي ٻئي پکيءَ جو ڪمزوريءَ متعلق سوال ۷۸
هد هد جو جواب ۷۹
هڪڙي ٻئي پکيءَ جو گناهگاري متعلق سوال
هد هد جو جواب ۸۴
هڪڙي ٻئي پکيءَ جو تردد بابت سوال
هد هد جو جواب ۹۰
هڪڙي ٻئي پکيءَ جو نفس امّاره بابت سوال ۹۳
هد هد جو جواب ۹۴
هڪڙي ٻئي پکيءَ جو شيطان جي رهزنيءَ بابت سوال
هد هد جو جواب ۹۷

هڪڙي ٻئي پکيءَ جو زر سان پيار بابت سوال
هد هد جو جواب ١٠١
هڪڙي ٻئي پکيءَ جو عاليشان محل ماڙين جي
رلڪن متعلق سوال ۽ هد هد جو جواب ١٠٧
هڪڙي ٻئي پکيءَ جو مجازي عشق متعلق سوال ١١١
هد هد جو جواب ١١٢
هڪڙي ٻئي پکيءَ جو جان سان پيار ۽ موت کان
ڊپ بابت سوال ۽ هد هد جو جواب ١١٨
هڪڙي ٻئي پکيءَ جو دنيا جي نامراديءَ بابت سوال ١٢٦
هد هد جو جواب ١٢٧
هڪڙي ٻئي پکيءَ جو حڪم جي تابعداريءَ بابت سوال ١٣١
هد هد جو جواب ١٣٢
هڪڙي ٻئي پکيءَ جو پاڪبازيءَ بابت سوال
هد هد جو جواب ١٣٦
هڪڙي ٻئي پکيءَ جو همت جي بلنديءَ بابت
سوال ۽ هد هد جو جواب ١٤٠
هڪڙي ٻئي پکيءَ جو انصاف ۽ وفا متعلق سوال
هد هد جو جواب ١٤٥
هڪڙي ٻئي پکيءَ جو حضرت حق (تعاليٰ) ۾ گستاخي
ڪرڻ بابت سوال ۽ هد هد جو جواب ١٤٩
هڪڙي ٻئي پکيءَ جو عشق بازيءَ ۾ داءُ هڻڻ
متعلق سوال ۽ هد هد جو جواب ١٥٤
هڪڙي ٻئي پکيءَ جو خود بينيءَ ۽ ڪمال بابت
سوال ۽ هد هد جو جواب ١٥٨

Gul Hayat Institute

ھڪڙي ٻئي پکيءَ جو سفر متعلق سوال ١٦٢
ھدھد جو جواب ١٦٣
ھڪڙي ٻئي پکيءَ جو سوال ١٦٦
ھدھد جو جواب ١٦٧
ھڪڙي ٻئي پکيءَ جو عالي دربار ۾ تحفي
ڪڻي وڃڻ بابت سوال ١٧٢
ھدھد جو جواب ١٧٣

ستن وادين جو بيان

ھڪڙي پکيءَ جو طلب جي واديءَ متعلق سوال
۽ ھدھد جو جواب ١٧٦
عشق جي واديءَ جو بيان ١٨٣
معرفت جي واديءَ جو بيان ١٩٠
استغنيٰ جي واديءَ جو بيان ١٩٥
توحيد جي واديءَ جو بيان ٢٠٠
حيرت جي واديءَ جو بيان ٢٠٦
فقر ۽ فنا جي واديءَ جو بيان ٢١٢
پکين جو سيمرغ جي راھ ۾ روانو ٿيڻ ٢١٧
پکين جو خط پڙھڻ بعد فنا ٿيڻ ٢٢٣
فنا ۽ بقا ٢٢٥
ڪتاب جي خاتمي متعلق ٢٢٨
ڪتاب جو ختم ٢٣٧

Gul Hayat Institute

هن ڪتاب جا شروعاتي 8 صفحا، ڪور ۽ رائيٽر سنڌي ادبي بورڊ پريس، ٽلڪ چاڙھي، حيدرآباد سنڌ ۾ ڇپيو، ۽ باقي مواد صفحي 1 کان صفحي 237 تائين الحسين پرنٽرس حيدرآباد سنڌ ۾ ڇپيو ۽ ظفرحسن، سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ، ان کي ڇپائي پڌرو ڪيو.

شيخ فريدالدين عطار

شيخ فريدالدين عطارؒ، نيشاپور جي قريب ڪدڪن ڳوٺ ۾، شعبان مهيني ۾، سن ٥١٣ هجري مطابق ١١١٩ عيسوي جي ڄائو. سندس اصلي نالو **محمد** بن ابراهيم هو ۽ فريدالدين محض هڪ تعظيمي لقب هوس. ڪجهه وقت لاءِ هو پنهنجي پيءُ جو پسارڪو (عطار فروشيءَ) ڌنڌو ڪندو رهيو، جنهن سبب هو عطار سڏجڻ لڳو ۽ جنهن کي هن بعد ۾ پنهنجو شاعرانو لقب ڪري اختيار ڪيو.

هيءَ هڪ تسليم شده حقيقت آهي ته هو ان زماني جي طب کان چڱيءَ طرح واقف هو ۽ انهيءَ علم ۾ شيخ مجد الدين بغدادي سندس اُستاد هو، جو سلطان محمد خوارزم شاهه جو خاص طبيب هو. شيخ هر روز پنهنجي پسارڪي دڪان (دارو خانه) ۾ بيمارن جو علاج پاڻ ڪندو هو ۽ انهن مان گهڻن کي دوا بلڪل مفت ڏيندو هو. پنهنجي ڪتاب خسرونامه ۾ فرمائي ٿو:

بدارو خانه پانصد شخص بودند
که در هر روز نبضم مينمودند

Gul Hayat Institute

شيخ عطّار، پنهنجي پسارڪي ڌنڌي وقت به طريقت جي راهه تي گامزن ۽ حقيقت جي رستي تي روان ۽ دوان هو، جيئن جو هو پاڻ چوي ٿو ته مون "مصيبت نامه" ۽ "الاهي نامه" ٻيئي پنهنجي دڪن تي لکيا:

مصيبت نامه ڪاندوه جهانست
الاهي نامه ڪاسرار عيانست
بدارو خانه ڪردم هر دو آغاز
چگويم زود رستم زين و آن باز

هڪڙي ڏينهن هو جيئن پنهنجي دوستن سان گڏ پنهنجي سينگاريل دڪان تي ويٺو هو تيئن هڪ درويش، پينو فقير جي لباس ۾ وٽس لنگهي آيو. عطّار، هن کي ڪجهه خير ڏنو ۽ هو اهو وٺي ويندو رهيو، ۽ ٿورڙي دير مس گذري ته هو وري واپس موٽي اچي سندس دڪان کي گهٽي انتظار ۽ غم سان ڏسڻ لڳو ۽ هڪڙو ڊگهو ساهه کڻي روئي ڏنو. عطّار، هن جي ان روش کان خفي ٿي وري به ڪجهه خيرات ڏيئي کيس موٽي وڃڻ لاءِ چيو. حقيقت ۾ درويش جو هن دنيا جي بي ثباتيءَ ۽ انساني زندگيءَ جي بي بقائيءَ تي روئي رهيو هو، تنهن ڳالهه کي عطّار سمجهي نه سگهيو. ان تي درويش چيس ته مون کي هن دنيا ۾ سواءِ هنن ڦاٽلن ڪپڙن جي ٻيو ڪجهه به نه آهي، جو ڪٿي مون کي وڏيڪ رهڻ لاءِ هرڪائي، ۽ اهوئي ته سبب آهي جو مان موت لاءِ هروقت تيار ۽ تڪڙو آهيان. اڙي

عطار: مان تہ تنهنجي حال تي افسوس ڪائي رهيو آهيان، ڇا لاءِ جو ڏسان ٿو تہ توکي هن فاني دنيا جون لذتون ڇڏڻ ڏاڍيو ڏکيون لڳن ٿيون.

نوجوان دڪاندار، ان درويش جي نصيحت کان ايترو تہ متاثر ٿيو جو ان کي جواب ۾ چيائين تہ مان دنيا کي درويشن جيان، سواءِ ڪنهن رنج جي ڇڏڻ لاءِ بلڪل تيار آهيان ۽ ائين چئي هن هڪدم دنيا جي ڏنڌن کي خيرباد ڪندي، پنهنجي دڪان کي لٽڻ لاءِ عام اجازت ڏني. اهو شخص جو ڪنهن وقت لکاپتي هو، تنهن وٽ هينئر هڪ دمڙي بہ ڪانہ رهي. هو پوءِ ان درويش سان ملي ويو، جو هن کي شيخ الشيوخ رکن الدين وٽ وٺي آيو جنهن کيس روحاني حقيقتن جي علم کان آگاهہ ڪيو.

ان کان پوءِ هو صوفي فلسفي جي اڀياس ڪرڻ ۾ گهڻو مشغول ٿي ويو ۽ عارفن ۽ سالڪن جا ڪيترائي ڪتاب نظر مان ڪڍي: هوشيار ۽ پڙ ٿي نڪتو ۽ وڏن وڏن صوفين جي صحبت ۾ رهي ڪافي فائدو پرايو. سندس نثر خواهہ نظم ۾ ايترو تہ اثر آهي: جو پئي ڪنهن بہ بزرگ جي ڪلام ۾ نظر نٿو اچي ۽ انهيءَ ڪري ارباب حل و عقد سندس ڪلام کي ”تازيانہ اهل سلوڪ“ جو نالو ڏنو آهي. مولانا جلال الدين رومي رحہ ان کي ”حقيقت“ جو منهن ۽ سنائيءَ کي ان منهن جون بہ اکيون سڏيو آهي ۽ چوي ٿو تہ مان

انهن ٻنهي جو پيرو سندن نقش تي هلي رهيو آهيان:-

عطار روي بود و سنائي دو چشم او
ما از پئي سنائي و عطار ميرويم

عطار پنهنجي ساري ڄمار، عبادت، غور و فڪر ۾ صرف ڪئي ۽ هو في الواقع هڪ مڪمل صوفي هو. هن صوفي استادن جون چوڻيون، قول ۽ اقوال، اشعار، نصيحتون ۽ اخلاقي گفتا گڏ ڪيا ۽ انهيءَ ڪم ۾ هن پورا اڻيتاليهه (۳۹) سال صرف ڪيا.

هو، سلطان سنجر جي زماني ۾ رهندو هو جنهن جو زمانو ادب ۽ حڪمت جي لحاظ کان گهڻو روشن هو. گهميو به گهڻوئي هو ۽ مصر، شام، هندستان ۽ ترڪستان مان ٿي واپس پنهنجي ڳوٺ اچي زندگيءَ جا باقي ڏينهن گذارڻ لڳو ۽ آخر ۾ سن ٦٢٧ هجري مطابق ۱۲۳۰ عيسوي جڏهن سندس عمر ۱۱۴ ورهيه هئي؛ * شادياخ ڳوٺ ۾ تاتارين جي هٿان شهيد ٿي ويو، جن نيشاپور ۾ عام قتل و غارت ڪئي هئي!

دنيا ۽ ان جي مرغوبات کي ترڪ ڪري شيخ حج تي روانو ٿيو ۽ اتان موٽڻ بعد سخت زهديه زندگي بسر ڪرڻ لڳو ۽ تصوف متعلق ڪتابن لکڻ ۾ پاڻ کي رنڀائي ڇڏيو. انهن مان ڪي نثر ۾ آهن جن مان "تذڪرة اولياء". نهايت ئي عمدي ۽ قيمتي

* شادياخ نيشاپور جي جنوب مشرق ۾ هڪڙو شهر آهي.

تصنيف آهي. سندس گهڻا ڪتاب نظم ۾ آهن، جن مان "پند نامه" ۽ "منطق الطير" سڀني کان زياده مشهور آهن. پهريون مڪتبن ۾ ۽ ٻيو يونيورسٽين ۾ عام طور تي پڙهايا وڃن ٿا. پهرين ڪتاب جو تعلق جيتوڻيڪ اخلاقيات سان آهي، مگر ڏاڍو وندرائيندڙ ۽ ڪارآمد نصيحتن سان ڀريل آهي.

"منطق الطير" هڪ تمثيلي نظم آهي ۽ منجهس ۴۶۰۰ بيت آهن. ساروئي ڪتاب دلچسپ ڳالهين سان ڀُر آهي، جنهن ۾ صوفين جي زندگي ۽ سندن عقيدن جو مڪمل جائزو ورتو ويو آهي. هي ڪتاب سنين ۽ شيعن وٽ عام مقبول آهي، ۽ منجهس ڪيترن جڳهن تي اخلاقي ڪهاڻين ۽ پاڪيزه خيالن جو اظهار ڪيل آهي. آخر ۾ ستن وادين جو ذڪر آهي، جن مان پکين (سالڪن ۽ صوفين) کي پار لنگهي، پنهنجي بادشاهه 'سيمرغ' (الله تعاليٰ) ڏانهن وڃڻو پوي ٿو.

نظم جو قصي وارو حصو بيت نمبر ۵۹۶ کان پکين جي ميڙ سان شروع ٿئي ٿو، جن مان تيرهن قسمن جي پکين کي نکيڙي، الڳ الڳ بيان ڪيو ويو آهي. مصنف جي خيال موجب پکي، جمهوري نظام کان تنگ اچي، هڪ بادشاهه لاءِ بي تاب ٿي پيا. هدهد، جنهن حضرت سليمان جي بيابان ۾ رهنمائي ڪئي ۽ هن حقيقت کان پوري ءَ طرح باخبر هو ته هڪ بادشاهه ۾ ڪهڙين لياقتن جو هئڻ ضروري آهي، تنهن کي پکين عرض

ڪيو تہ هو انهيءَ ڏس ۾ سندن رهنمائي ڪري ۽ ٻڌائي تہ هو ڪنهن کي پنهنجو بادشاهہ منتخب ڪن.

هدهد انهن کي مشورو ڏنو تہ هو ”سيمرغ“ کي پنهنجو بادشاهہ مقرر ڪن، جو ڪوهہ قاف جبل ۾ رهي ٿو؛ پر جيئن تہ اوڏانهن ويندڙ رستو گهڻو ڏکيو ۽ پرخطر هو، تنهنڪري ڪيترن پکين اوڏانهن وڃڻ کان معذرت ڏيکاري. انهن مان کي ٿورا روانا ٿيا ۽ جڏهن سيمرغ جي دربار وٽ اچي پهتا، تڏهن انهن جو تعداد ٻہ گهٽجي وڃي ٽيهہ بيٺو. هي سفر سٺيل، پر پڳل، ٻکيا ۽ آڃيا، نيٺ وڃي پنهنجي بادشاهہ سيمرغ جي دربار اندر باريابي حاصل ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيا، پر اتي پهچي جو ڪٿي ڏسن تہ مار، هو سندس حاضريءَ ۾ پنهنجون ذاتيون ئي وڃائي ويٺا آهن ۽ اهي خود سيمرغ آهن ۽ هو خود، هي ٽيهہ پکي، ۽ انهيءَ کي ڳولي لهڻ ۾ هنن پاڻ کي ڳولي لڌو آهي.

هن رنگين پيرائي ۾ شاعر، انساني روح جي تلاش جو نقشو چٽيو آهي، جڏهن هو الوهيت ۾ محو ٿي وڃي ٿو. نظم ۾ سندس ٻيا ڪتاب هي آهن: (١) الاهي‌نامہ، (٢) اسرارنامہ (٣) مصيبت نامہ، (٤) بلبل نامہ، (٥) مختارنامہ، (٦) گل و هرمز، وغيره. شيخ عطار ”خسرونامہ“ ۾ پنهنجي بعض مثنوين جو نالو وٺي فرمائي ٿو:

Gul Hayat Institute

مصيبت نامہ زاد رهروان است
الاهي نامہ گنج خسروان است
جهان معرفت اسرار نامہ است
بهشت اهل دل مختار نامہ است
مقامات طيور * ما چنان است
کہ مرغ عشق را معراج جان است

شيخ فريد الدين هڪ عظيم مصنف هو. فقط سندس شعر ۱۲۰۰۰۰ بيتن تي مشتمل آهي. چون ٿا تہ سندس ڪتابن جو تعداد قرآن پاڪ جي سورتن مطابق ۱۱۴ هو؛ ۽ جيتوڻيڪ هي بيان مبالغي کان خالي نہ آهي، تہ بہ هن حقيقت جو هڪ پڌرو ثبوت ضرور آهي تہ سندس تصنيفن جو تعداد ججهو هو.

Gul Hayat Institute

*مقامات طيور مان مراد "منطق الطير" آهي.

پکين جو ميڙ

ڳالهه ڪندا آهن ته هڪڙي دفعي ساري جهان جا پکي ظاهر خواه لڪل: اچي هڪ هنڌ گڏ ٿيا، ۽ مڙي صلاح ڪرڻ لڳا ته هن وقت دنيا ۾ ڪو به شهر بادشاهه کان خالي ڪونهي. خبر نه آهي ته ڇو اسان جو ئي هڪ اهڙو ملڪ وڃي رهيو آهي، جنهن ۾ بادشاهه آهي ئي ڪونه. اسين هينئر بادشاهه بغير وڌيڪ رهي نٿا سگهون. اسان کي جڳائي ته پاڻ ۾ گڏجي پنهنجي بادشاهه جي ڳولا ڪريون، ڇاڪاڻ ته بادشاهه کان سواء ملڪي ڪاروبار سارو ئي ڏاوان ڏول ٿيو وڃي. بس، پوء سڀيئي هڪ هنڌ ملي پنهنجي بادشاهه جي ڳولا ۾ لڳي ويا.

هدهد جي تقرير ۽ سيمرغ جي تعريف

Gul Hayat Institute

هدهد، جنهن جي جسم تي (ڳچيء ۾) طريقت جو چوغو پيل ۽ مٿي تي حقيقت جو تاج رکيل هو ۽ جو گهڻو ڏاهو ۽ (رستي جو) واقفڪار هو ۽ هر چڱائي ۽ مندائي کان خوب باخبر هو، تنهن پنهنجي غمگين دل ۽ بيقراريء سان سندن وچ ۾ اچي کين مخاطب ٿي چوڻ لڳو:

”اي پرندو، هن ۾ ڪوبه شڪ نه آهي ته مان خدائي دربار جو قاصد ۽ غيب جو ڄاڻو آهيان. ان جي دربار جي مون کي پوري خبر آهي ۽ مان پيدائشي رازدان آهيان. ڀلا جنهن جي چهنب ۾ بسم الله هجي ته پوءِ هو رازن جو ڄاڻندڙ ڪيئن نه هوندو؟ (۱) مان ڏکن ۽ ڏولاون ۾ ڏينهن گذاريان ٿو، مون سان ڪنهن جو سروڪار ڪونهي؛ نه مخلوق سان منهنجو ڪو تعلق ۽ نه وري مخلوق جو مون سان ڪو واسطو. آءٌ پنهنجي بادشاهه جي عشق ۾ ايترو ته گرفتار آهيان، جو دنيا جي ڪا خبر ئي ڪانهيم، (جو سپاهين کان بلڪل بي پرواهه آهيان). مان پنهنجي فهم ۽ فراست سان پاڻيءَ طرف رهنمائي ڪريان ٿو (۲)، (پاڻي ڏيکاريان ٿو) ۽ ان کان سواءِ ٻيا به ڪيئين راز رکان ٿو!

توهان خود خيال ڪريو ته جنهن حضرت سليمان سان گفتگو ڪئي، سو سندس ساري لشڪر کان وڌيڪ مرتبي وارو نه هوندو؟ ڏسو ته جڏهن ڪڏهن ڪوبه ان جي ملڪ مان گم ٿي ٿيو، تڏهن هن ان جي ڪا

(۱) هدهد جي چهنب عربيءَ جي حرف ”ب“ وانگر آهي، جو بسم الله جو پهريون حرف آهي ۽ هن جو آواز به قريب بسم الله جهڙو آهي.

(۲) هدهد لاءِ هيءُ مشهور آهي ته ان کي هيءَ خبر پوي ٿي ته فلاڻي يا فلاڻي هنڌ پاڻي زمين جي سطح کان ڪيترو هيٺ آهي.

پڇائي کانئس ٿي ڪئي، ليڪن جڏهن مان سندس ملڪ
کان هڪ گهڙي غائب رهيس، تڏهن منهنجي ڳولا لاءِ
هرطرف متلاشي روانا ڪيائين. هن جو مون بغير گهڙي
صبر نه ڪرڻ ئي مون لاءِ ڪافي فخر جي ڳالهه آهي.
مان ان جو خط کڻي، واپس جواب وٺي آيس ۽ اهڙيءَ
طرح ان جو همراز به بڻيس. سچ پڇ جنهن کي پيغمبر
چاهيندو هجي، تنهن جي سِرَ تي چِٽ خوب سونهي ٿو.
جنهن جو ذڪر خود خدا تعاليٰ (قرآن شريف ۾) ڀلائي
سان ڪيو، تنهن جي پرواز جي دنيا جي ويجهو ڪهڙو
پکي وڃي سگهي ٿو!

مون ڪيترائي سال درياءَ ۽ خشڪيءَ جو سفر ڪيو
آهي، نهايت گهڻو گهميو ڦريو آهيان ۽ ڪيترين ئي
واديون پهاڙ ۽ برپٽ جهاڳيا آهن ۽ حضرت سليمان
جي فوج ڪشيءَ وقت ساريءَ دنيا جو چڪر لڳايو آهي
نه فقط ايترو، پر مان خود حضرت سليمان سان سفر ۾
گڏ رهيو آهيان، ۽ پوري جهان کي ماپي ورتو آهي.

انهيءَ ۾ ته ڪو شڪ ئي ڪونهي ته مان پنهنجي
بادشاهه کي چڱيءَ پر ڄاڻان ٿو، ليڪن اڪيلو وڃي
نٿو سگهان، جو ايتري قوت ڪانه اٿم جيڪڏهين توهين
سڀ مون سان گڏجي هلندا ته يقيناً انهيءَ جي درگاهه
کي هلي رسندا. توهان پنهنجي خوديءَ کان پاڻ کي
آزاد ڪريو، آخرڪار شبهات جي ڄار ۾ ڪيترو قائل
رهندا؟ جنهن به پنهنجو ناتو اسان سان جوڙيو، تنهن

Gul Hayat Institute

جي جان خودبخود خوديءَ کان آزاد ٿي ويئي، ۽ پنهنجي محبوب جي راهه ۾ هو نيڪيءَ ۽ بديءَ کان آزاد ٿي ويو (بي ميارو ٿي پيو). توهان پنهنجيون جانيون قربان ڪريو، ۽ انهيءَ جي رستي تي قدم رکو ۽ سندس عشق ۾ تمنار ٿي (نچندا) هلي سندس درگاهه اڳيو سر جهڪايو.

بيشڪ اسان جو هڪ بادشاهه آهي، جو ڪوهه قاف جبل جي پٺيان رهي ٿو. انهيءَ جو نالو سيمرغ آهي، ۽ اهو سڀني پکين جو سردار آهي. هو اسان کي بلڪل ويجهو آهي، مگر افسوس جو اسين ڪائنس گهڻو پري پئجي ويا آهيون. ان جو آکيرو هڪ وڏي ۽ اونچي وڻ تي آهي ۽ سندس نالو به سڀڪنهن زبان تي اچي نٿو سگهي (جنهن جي وصف کان زبان گنگي آهي). هو هزار پردن اندر ڍڪيل آهي ۽ سندس مقام، روشني ۽ اونداهيءَ کان ازحد مٿي آهي. ٻنهي جهانن ۾ اهڙو ڪو آهي ئي ڪونه، جو ان جو ديدار ڪري سگهي. هو هڪ بيپرواهه بادشاهه آهي ۽ پنهنجي ڪمال عزت ۾ محو آهي. سندس رهائش تائين ڪنهن جي رسائي ٿي نٿي سگهي ۽ نه وري علم ۽ عقل کي ئي اتي ڪو گذر آهي. نه اسان ان تائين پهچي سگهون ٿا ۽ نه وري ان کان سواءِ رهي ئي سگهون ٿا (ان بغير نهايت پريشان ٿا رهون). اڪيچار مخلوق مٿس ديواني ۽ عاشق آهي.

هاڻي جڏهن ان جي وصف بيان ڪرڻ کان خود پاڪ روح به عاجز آهن، تڏهن ڀلا عقل ڪي ان جي سمجهڻ جي ڪهڙي طاقت؟ عقل ۽ روح واقعي پريشان ۽ حيران آهن ۽ ٻنهي اکين هوندي به انڌا ۽ بي نور آهن. نه ڪنهن ڏاهي ٿي ان جو ڪمال ڏٺو ۽ نه وري ڪنهن بينائي ان جو جمال پسيو، سندس ڪمال جي ادراڪ ۾ دنيا ڪي ڪا واٽ ٿي نه هٿ آئي ۽ نه وري ڏاهپ (عقل) ۽ بينائيءَ ڪي، (جي ان در پٺي رهيا) ڪو پروئي پيو.

جيڪڏهن تون (ان جي) جمال ۽ ڪمال ڪي ادراڪ ڪرڻ لاءِ، ڪٺي ساري مخلوق ڪٺي به ڪرين ته به ان جو مجموعو غور ۽ فڪر هڪ مٺ خيال برابر آهي. هر خيال هن راهه ڪي ڪيئن طئي ڪري سگهي ٿو؟ تون مڇيءَ کان چنڊ ڪي ڪيئن ٿو پڪڙي سگهين؟ (يعني ته تون بلڪل هيٺاهينءَ ۾ پيو آهين، سو ان بلنديءَ ڪي ڪيئن ٿو پهچي سگهين؟). هن هنڌ هزارين مٿا هڪ ڪينهوڙي مثل آهن ۽ هتي شور ۽ غل کان سواءِ پيو ڪجهه آهيئي ڪونه. گهڻائي بحر ۽ بر هن رستي ۾ حائل آهن ۽ تنهنجو هي گمان ته رستو ڇوٽو آهي، بلڪل بيجا آهي. هن رستي ڪي طئي ڪرڻ لاءِ نهايت دلير دل هئڻ گهرجي، ڇاڪاڻ ته هڪ رستو ڏکيو آهي ۽ پيو ته اڳيان سمنڊ گهڻو اونهو ۽ گوڙيلو (موجزن) آهي. مناسب آهي ته اسين اوڏانهن حيرانيءَ ۽ سرگرداني جي حالت ۾ وڃون، ۽ ان جي راهه ۾

Gul Hayat Institute

روئندا ۽ ڪلندا هلون. جيڪڏهن ان جو ڪو ڏس پتو پنجي ويو ته بهتر، ٻيءَ حالت ۾ ان بغير حياتي گذارڻ بي شرمي (۽ معيوب) آهي.

اي انسان، تون جيڪڏهن صحيح معنيٰ ۾ عاشق آهين ته هيءَ جان قربان ڪر، محبوب ڪان سواءِ هيءَ جان ڪهڙي ڪم جي! هن رستي ۾ ته غيرمعمولي جوانمردي درڪار آهي ۽ هن درگاهه ۾ جان صدقو ڪرڻ جڳائي. مجاهدن وانگر پنهنجي جان ڪان هٿ ڌوئڻ گهرجي ته جيئن ڪارآمد سپاهي سڏجي سگهجي. محبوب ڪان سواءِ هن جان جو ڪو ملهه ئي ڪونهي، تنهنڪري بهادرن جيان پنهنجي پياري جان قربان ڪر. سچ پچ جي تون بهادرن جيان پنهنجي جان قربان ڪندين ته ياد رک ته تنهنجو محبوب به تنهنجي مٿان گهور ويندو، ۽ جڏهن تون پنهنجي جان محبوب تان فدا ڪندين، تڏهن پوءِ ڪيترين ئي جانيون توکي ان جي موت ۾ ملي وينديون.

سيمرغ جي خبر جي پڌرائي

هاڻي مان توهان کي پنهنجي بادشاهه سيمرغ بابت ڪجهه مثال طور ٻڌايان ٿو، هيءَ هڪ عجيب ڳالهه آهي، جنهن کي ڪن لائي ٻڌو:

هڪ دفعي جڏهن شروع شروع ۾ سيمرغ آڌيءَ رات جو چين ملڪ مٿان پرواز ڪري رهيو هو، تڏهن اوچتو سندس پرن مان هڪ پر ڪري پيو، جنهن

سڀني ملڪ ۾ شور ۽ غل مچي ويو. هرڪنهن پنهنجي پنهنجي خيال موجب ان (پَر) جو نقشو ڇٽيو. جنهن ڪنهن ان کي ڏٺو تنهن ان جو الڳ الڳ خاڪو ورتو. هي پَر اڃا تائين چين جي عجائب خاني ۾ موجود آهي. اهو ئي تہ سبب آهي جو حديث شريف ۾ آيل آهي تہ ”علم جي تلاش ڪريو پوءِ ڀلي اهو (پري) چين ۾ ڇو نہ هجي.“ جيڪڏهن پَر جو نقش ظاهر نہ ٿئي ها تہ هي سارو هل هنگامو جهان ۾ هجي ئي نہ ها. سڀيئي جانيون ان جي پر جو نقش آهن. ان جي وصف جو نہ منڍ آهي نہ ڇيڙو. مناسب ائين آهي تہ زياده ڳالهہ ٻولهہ ڪريون ۽ مقصد جي ڪڍ پئون. اوهان مان جيڪي همت ڀريا پهلوان آهن، سي هن رستي هلڻ جي تياري ڪن ۽ پنهنجا قدم ان تي رکن.

هدهد جي هن دلپذير تقرير مٿن ڏاڍو اثر ڪيو ايتريقدر جو هو سڀيئي پنهنجي بادشاهہ کي ڏسڻ لاءِ بيقرار ٿي پيا. انهيءَ جي شوق سندن دلين کي ڦٽي وڌو ۽ انهن مان هرهڪ انتهائي بي صبريءَ جو مظاهرو ڪرڻ لڳو. رستي تي هلڻ جو پڪو پهہ ڪري اٿي وڌيا. ان جا عاشق ۽ پنهنجين جانين جا ويري ٿي پيا، پر ڇاڪاڻ تہ سندن بادشاهہ سيمرغ ڏانهن ويندڙ رستو ڏورانهون ۽ ڏور ۽ تڪليف سان ڀرپور هو، تنهنڪري هرهڪ اوڏانهن وڃڻ کان دل هٽڻ ۽ تڪليف محسوس ڪرڻ لڳو. جيتوڻيڪ رستي طئي ڪرڻ جي قابليت سڀني ۾ هئي، مگر تنهن هوندي بہ هرهڪ جدا جدا

Gul Hayat Institute

(ڪونه ڪو) عذر پيش ڪرڻ لڳو.

اي انسان، تون پنهنجي جان کي جلاءُ ۽ اندر جي پکيءَ کي انهيءَ ڪم ۾ لاءِ، ته جيئن الله تعاليٰ توکي سچي ۽ دائمي خوشي عطا ڪري.

پکين جا عذر پيش ڪرڻ ۽ هدهد جا جواب ڏيڻ

بلبل جو عذر

اول اول عاشق بلبل آئي، جا پنهنجي ڪمال عشق ۾ مدهوش هئي، ۽ جنهن جي هر آواز ۾ هڪ خاص معنيٰ رکيل هئي، ۽ هر معنيٰ اندر رازن جو جهان پريل (سمايل) هو. معنائن جي رازن متعلق نعرو ٿي هنيائين ۽ پنهنجي ڪلام سان سيني پکين جون زبانون بند ٿي ڪيائين. اٿي چوڻ لڳي ته مون تي عشق جا اسرار ختم ٿيا، مان ساري رات عشق جي ڳالهه پٺي اوريان. هتي حضرت دائود مثل ڪو تجربيڪار ۽ ڄاڻو ڪونه آهي ته جيئن عشق جو زبور مان ان کي ڪولي ٻڌايان. بينسري جو آواز خود منهنجي گفتار آهي ۽ چنگ جو باريڪ سر به منهنجي ئي بيقراريءَ جي فرياد کان آهي، باغ ۽ باغيچا به منهنجي ڪري ئي شور ۽ غل سان ڀريل آهن، ۽ عاشقن جي دلين ۾ جوش ۽ تاب به مون ئي پيدا ڪيو آهي، مان هرگهڙيءَ نئين لات لنوان ٿي، ۽ هر ٻلڪ نئون ۽ نرالو آواز ۽ سر ڪيان ٿي. جڏهن عشق مون تي غلبو پائي ٿو تڏهن درياءَ مثل

منهنجي دل ڇوليون هڻي ٿي. جنهن ۾ منهنجي جوش کي ڏئو سو پاڻ کي جهلي نه سگهيو ۽ اختيار سندس هٿان ويندو رهيو. پڊنڊڙ جيتوڻيڪ هوشيار ۾ هو مگر تنهن هوندي به بيتاب ۽ مست ٿي پيو. جڏهن سارو سال اهڙو ڪونه ٿي ڏسان جنهن سان پنهنجو راز سلهان تڏهن ماٺ ٿي رهان ۽ ڪنهن کي ۾ پنهنجو منجهه نه ٿي ڏيان. وري جڏهن منهنجو محبوب بهار پنهنجي مشڪ جي خوشبوء سان دنيا کي معطر ڪندو ۽ پريندو آهي تڏهن مان خوشيءَ وچان ان سان مشغول ٿي وڃان ٿي ۽ پنهنجون مشڪلاتون سندس روبرو حل ڪريان ٿي. هو جڏهن وري گم ٿي ويندو آهي، تڏهن هيءَ شوريده بلبل (يعني مان) ۾ گهڻ بوليندي آهي. اهوئي ته سبب آهي جو دنيا ۾ منهنجي راز کان ڪوبه واقف ٿي نٿو سگهي ها، بلبل (منهنجي) جي راز کي گل خوب ڄاڻي ٿو مان گل جي عشق ۾ ايترو ته گرفتار ۽ گم آهيان جو پنهنجي وجود جي ٿي ڪا ڪل ڪانهيم. گل جي عشق جو سودا مون لاء (منهنجي سر ۾) ڪافي آهي، ۽ منهنجو مطلوب خوشنما گل منهنجي لاء بس آهي. ويچاري بلبل سيمرغ جو تاب ڪٿي ٿي جهلي سگهي؟ ان لاء گل جو عشق ٿي گهڻو آهي. ڀلا جڏهن منهنجي محبوب ۾ سوين (سو) پن آهن؛ تڏهن منهنجي سامان جي ڪا ڪمي؟ گل جڏهن هڪ محبوب جي طرح ظاهر ٿيندو (مکڙيءَ کان ٻاهر نڪرندو آهي)،

تڏهن اهو خوشيءَ کان منهنجي اڳيان مشڪندو آهي. سچ پچ جڏهن هو پردي (مکڙي) جي اندران نڪري ٻاهر ايندو آهي، تڏهن منهنجي منهن کي ڏسي مشڪي ڏيندو آهي. تون پاڻ چاڻ ته بلبل هڪ رات (لاءِ) به اهڙي مشڪندڙ لب جي عشق کان ڪٿي ٿي صبر ڪري سگهي! ڀلي مون کان هي ڪشالا ڪڍيا ڪونه ٿيندا، سيمرغ ڏانئين پهچڻ مون نبل ۽ هيڻيءَ جو ڪم نه آهي. مان گل ۾ ئي فنا آهيان ۽ ٻيو ڪجهه نٿي چاهيان.

هدهد جو بلبل کي جواب

اڙي ظاهري صورت ۾ اڙيل بلبل! هن کان زياده عشق ۾ ناز ۽ فخر نه ڪر. ڏسين نٿي ته گل جي ڇهري تنهنجي اڳيان ڪيترا نه اڪيچار ڪنڊا وڇايا آهن ۽ پنهنجو ڪم سنئون ڪري، تنهنجو ڪم اونڌو ڪيو اٿس. گل ڪيترو به حسين ۽ جميل ڇو نه هجي مگر ان جو هي حسن ۽ جمال هڪ هفتي جو مهمان آهي (۽ پوءِ ويندو رهندو). ياد رک ته ان شيءِ جو عشق، جا زوال پذير آهي، تنهن کان ڪاملن کي رنج ۽ ملال رسي ٿو. گل جي کلمک ڪيترو به ڪٿي توکي پاڻ ڏانهن ڇڪي، مگر تڏهن به اها سدائين توکي ڏکن ۽ دردن ۾ رکندي روج ۽ راڙي ۾ مبتلا ڪندي). گل کي ڇڏي ڏي، ڇا لاءِ جو هرنوبهار ۾ توتي کلي

(ٺٺولي ڪري) ٿو، مگر تون بي شرم آهين ۽ سمجهين نٿي. جيڪڏهن توکي اکين ۾ واقعي شرم هجي ها ته تون ان ڏانهن ڪاوڙ ۽ غصي کان سواءِ نه نهارين ها، مگر تـو وانگر جو بي شرم هوندو، تنهن کي ان ڳالهه جو ڪٿي لحاظ ٿيندو، تنهنڪري توکي لائق آهي تـه تون بي بقا شيءِ کي تـرڪ ڪري، لازوال عشق جـي طالب ٿين. اجهو مان توکي هڪ ڪهاڻي ٻڌايان ٿو، جنهن کي تون خيال ڏيئي ٻڌ ۽ هنئين سان هنڊاءِ.

ڪهاڻي

هڪڙي بـادشاهه کي هڪ چنڊ جهڙي ڌيءَ هئي، جـا دل سان چاهيندڙ، عـاشقن سان پيـل دنيا رکندي هئي (ساري دنيا مٿس مست هئي). ان جي نيم خواب (اڌوري ننڊ واري). اکـ، سدائين مست رهندي هئي، تنهنڪري فتنو تـه هميشه بيدار هوندو هو (يعني هروقت فتنو برپا هو). سندس ڳل ڪافور جيان سفيد، ۽ سندس وار مشڪ مثل ڪارا هئا ۽ ان جي چپن کان نهايت چمڪيدار لعل جـا چپ بـه خشڪ هئا. (سرخ شراب سان تر ٿيل چپن جي ڪري لعل پڻ بہ خشڪ يعني شرمسار هـو). جيڪڏهن ان جي جمال جو ڪو ذرو ظاهر ٿي پوي ها تہ عقل بہ پنهنجي بي عقليءَ کان بدنام هجي ها ۽ جيڪڏهن ڪنڊ ان جي چپن جي ذائقي کي سڃاڻي ها تہ شرم کان سـِسي ڳري وڃي ها.

اتفاق سان واٽ، ويندي، هڪ فقير جي نظر ان چمڪندڙ چنڊ تي پئجي ويئي. هن غريب ڪي هٿ ۾ فقط هڪ ماني هئي، جنهن تي پوڙ ۽ پيل ڪونه هو (يعني ڏاڍو مسڪين هو). جڏهن سندس نظر ان چنڊ جي مُنهن تي پيئي، تڏهن ماني سندس هٿ مان ڪري وڃي پٽ تي پيئي ۽ هو سندس اکيان باهه جيان لنگهي ويئي ۽ مٿس مشڪندي ۽ کلندي هلي ويئي. فقير جڏهن ان کي (پاڻ تي) ائين کلندو ڏٺو، تڏهن پاڻ پنهنجي خون ۾ غرق ٿي ويو. ويچارو فقط اڌ ماني ۽ اڌ جان جو مالڪ هو (گهڻو ڪمزور هو) ۽ انهن ٻنهي کان هڪڙيءَ گهڙيءَ ۾ پاڪ (خالي) ٿي ويو. نه رات جو آرام هوس ۽ نه ڏينهن جو سڪون. روح ۽ اندر جي سوز کان ٻڙڪ ۽ ٻاهر نڪري ڪيڍيائين. جڏهن انهيءَ شهزاديءَ جو مشڪڻ ياد ڪندو هو، تڏهن بهار جي ڪڪر جيان اکين مان نار وهائيندو هو. مطلب ته غريب ستن سالن تائين، ان جي عشق ۾ ڦيٿون کائيندو رهيو ۽ انهيءَ جي گهٽيءَ ۾ ڪتن سان گڏ گذر ڪندو رهيو. عشق آهي مشڪ، سو پلا ڪٿي ٿو لڪي. نينگريءَ جي سيني ٻانهن ۽ غلامن کي انهيءَ ڳالهه جي خبر پئجي ويئي، جن گڏجي هي ارادو ڪيو ته انهيءَ فقير جي سر کي شمع وانگر ڪاٽي ڇڏجي. رحمدل نينگريءَ ڳجهه ڳوهه ۾ ان کي پاڻ وٽ گهرائي سمجهايو ته: تو جهڙي ٻيڻوا جي

مون جهڙيءَ شهزاديءَ سان ڪيئن ٿو ميلاپ ٿي سگهي؟ تون هي خيال ڇڏي ڏي. منهنجا خادم توکي ختم ڪرڻ گهرن ٿا، لهذا پنهنجي جان ڇڏاءِ، ۽ منهنجي در تي وڏيڪ نه ترس ۽ اٿي هليو وڃ. فقير مسڪين جواب ۾ عرض ڪيو ته مان ته انهيءَ ڏينهن کان ٿي پنهنجي جان تان هٿ ڌوئي ڇڏيو آهي، جنهن ڏينهن کان توکي ڏسي موهجي پيس. مون جهڙي بيقرار (۽ پريشان حال) جون هزار جانيون توتان هر وقت قربان! جڏهن مون کي تنهنجا غلام بي گناهه قتل ڪندا، تڏهن مهرباني ڪري منهنجي هڪڙي سوال جو جواب ته ڏي. جنهن وقت تو منهنجو سر رائگان قلم پئي ڪيو، تنهن وقت ڪهڙيءَ ڳالهه سببان تون مون تي پئي کلئينءَ؟ نينگريءَ وراڻي ڏني ته: مون توکي نهايت ٿي بي سمجهه ۽ نادان ڏٺو ۽ انهيءَ ڪري ٿي توتي پئي کليس. تنهنجي مٽي ۽ منهن تي کلڻ (ٺٺول ڪرڻ) روا آهي، ليڪن تنهنجي روبرو کلڻ (محبت جو اظهار ڪرڻ) صحيح نه آهي. ائين چئي، هوءَ دونهي مثل سندس اڏو ويندي رهي ۽ جو ڪجهه هو، سو حقيقت ۾ ڪجهه به نه هو.

طوطي جو عذر

ان کان پوءِ طوطي پنهنجي سونهري طوق، ۽ پنهنجي مٽي وات ۽ زردي مائل لباس ۾ ملبوس ٿي، ٻاهر آئي. سندس دٻدٻي ۽ شان اڳيان باز به هڪ مڇر مثل هو، ۽ هرطرف ساوڪ ڏي ساوڪ ڇانئي پئي هئي. پنهنجي گفتگو

۾ مٺا ٻول ٻوليندي ۽ خوشي ۽ لذت وچان پرھ ڦٽي ڏيکاريندي اچي چوڻ لڳي ته: ڏسو مون جھڙيءَ لاءِ ھر پٽر دل ڪس ۽ ناڪس لوھي پڃرو بنائي ٿو، جنون قيدخاني ۾ مان گھڙي ويٺي آھيان ۽ آبحيات جي آرزوءَ ۾ ڳري ويٺي آھيان. پکين جي مان خضر آھيان ۽ انھيءَ ڪري ئي سبزپوشِ آھيان ته جيئن آبحيات پي سگھان! سيمرغ جي پَر جو تاب مان ڪٿي ٿي جھلي سگھان. مون لاءِ آبحيات جي چشمي جو ھڪ ڍڪ ئي ڪافي آھي. آبِ حيات جي راھ ۾ مون مستن جيان جان ڏني آھي (سِرُ رکيو آھي) ۽ انھي ئي جي ڳولا ۾ ھرجڳھ وڃان ٿي، ڇاڪاڻ ته (منھنجي وجود جي آبحيات سان نسبت آھي)، انھيءَ ڪري عبادت ۾ مون کي بادشاھي حاصل آھي.

ھدھد جو جواب

اي حقيقي دولت کان محروم طوطي، جوانمرد اھو ھرگز نه آھي جو محبوب مٿان قربان نه وڃي ۽ سِر جو سانگو ڪري. تنھنجي جان تڏھن ئي ڪارآمد ٿيندي، جڏھن ھڪا ساعت دوست جي (ملڻ جي) قابل ٿيندي. تون پنھنجي جان (جي دوستيءَ) لاءِ آبحيات چاھين ٿي، سچ پچ تو ۾ مغز نه آھي، پر کل آھي (بي عقل آھين). جڏھن تون پنھنجي جان محبوب مٿان قربان ڪندينءَ، تڏھين ئي تون صحيح معنيٰ ۾ عاشق سڏبينءَ. ۽ محبوب جي راھ ۾ جوانمردن جيان جان گھوريندڙن مان ٿيندينءَ.

سڪندر ڪيترين نہ تڪليفون ۽ مشقتون برداشت ڪيون مگر تنهن هوندي بہ هو آب حيات جي شوق ۾ مري ويو. جيڪڏهن سختي سهڻ ۾ تون مون وانگر ٿيڻ چاهين ٿي تہ پوءِ توکي پنهنجي جان سان هن راهہ ۾ ڪيڏڻ گهرجي. بيجا خواهش ۽ حرص کي ڇڏي ڏي تہ جيئڻ ڪنهن جي (هٿ جي) محتاج نہ ٿين. جڏهن ڏسين ٿي تہ ان جي تلاش تولاءِ لازمي ۽ ضروري آهي، تڏهن پوءِ دنيا ۾ تو جهڙي ٻي ڪا ذليل ڪانهي. تنهنجي عمر آجائي (فضوليات ۾) گذري ويئي ۽ تنهنجي زندگي جو قافلو پيچيدگين ۾ اڙجي ويو. ڏاهي ٿي ۽ ڪو سبق سک ۽ هي ڳالهہ ٻڌ.

هڪ ديواني جي ڳالهہ

هڪڙي وڏي مرتبي واري ديواني کي حضرت خضر عليہ السلام چيو تہ هيءُ مناسب آهي تہ: تون منهنجو يار ٿي رهين. ان جواب ۾ چيو تہ: سائين منهنجو ڪم توکان ٿي نہ سگهندو. تو ڪافي عرصي تائين آب حيات پيتو آهي تہ جيئڻ گهڻي عمر ماڻين. منهنجي حالت وري ان جي بلڪل برعڪس آهي. مان تہ چاهيان ٿو تہ جان کان جدا هجان، ڇالاءِ جو محبوب بغير، جان جو ڪو فائدو؟ تون جان جي حفاظت ۾ لڳل آهين ۽ مان پنهنجي جان کان ٿي تنگ. بهتر ائين آهي

نہ جيئن پکي ڦاهي کان پري رهن ٿا، تيئن اسين بہ هڪٻئي کان پري رهون.

مور جو عذر

ان بعد خوبصورت مور آيو جنهن جي هرهڪ پَرَ تي سَو بلڪ هزار نقش هئا ۽ جنهن ڪنوار وانگر پنهنجو جلوو پئي ڏيکاريو. چوڻ لڳو تہ: جنهن وقت غيبي نقاش منهنجو نقش پئي ورتو تنهن وقت چيائين جي هٿن جون آگريون وڍجي ويون. مان جيتوڻيڪ پکين جو جبرائيل آهيان، ليڪن تقدير جي طرفان مون کي هڪ برو واقعو پيش آيو. ڳالهہ هيءَ آهي تہ انهيءَ بار (نانگ) جي سنگت مون کي خون ۾ آڇلايو ۽ عدن بهشت مان ڪڍي ٻاهر ڦٽو ڪيو. اتفاق سان هو (ڪمينو) منهنجو يار ٿي ويو تان جو مان آتان تڙجي ٻاهر (آيس ۽) اچي خواريءَ ۾ پيس. هاڻي جڏهن قدرت منهنجي جلوي جي جڳهہ بدلائي ڇڏهن، منهنجوئي پير مون لاءِ قيد ٿي ويو. ارادو تہ هي اٿم تہ ڪو رهبر رهنمائي ڪري هن اونداهيءَ مان ڪڍي آٽي بهشت پهچائي. مان اهو تہ پکي نہ آهيان (مون ۾ ايتري قابليت نہ آهي) جو اڪيلي سر بادشاهہ تائين پهچي وڃان. مون لاءِ تہ دربان تائين پهچڻ ئي ڪافي آهي. ٻلا ٻڌاءِ تہ سيمرغ کي منهنجي ڪهڙي پرواهہ؟ مون لاءِ تہ يار! فردوس اعليٰ آرامگاهہ بس آهي. دنيا ۾ جيڪڏهن ڪا تمنا اٿم تہ اها تہ وري موٽي بهشت

وڃان دنيا ۾ هن کان سواءِ ٻيو ڪو ڪم نہ اٿم تہ بهشت وري مون کي جاءِ ڏئي).

هدهد جو جواب

اڙي مور، ٻيلي تون رستي کان گهڻو گمراهہ آهين. جنهن شخص کي بادشاهہ جي گهر جي گهرج آهي، تنهن کي جڳائي تہ ان جي ويجهو وڃي؛ ڇا لاءِ جو بادشاهہ جو گهر ان بهشت کان گهڻو ڀلو آهي. نفس جو گهر تہ هڪ هوس سان ڀريل بهشت آهي (بهشت جي تمنا بہ هڪ نفسانيت آهي) ۽ دل جو گهر صدق ۽ سچائيءَ جي جاءِ آهي، تنهنڪري تون نفس پرستي ڇڏي سچائيءَ جي راهہ اختيار ڪر. حضرت حق هڪ وڏو بادشاهہ آهي جنهن جي مقابلي ۾ بهشت هڪ ننڍڙو ڦڙو آهي. جنهن وٽ درياءُ آهي تنهن جي آڏو هڪ ڦڙي جي ڪهڙي وقعت؟ جو ڪجهہ درياءُ کان سواءِ آهي اهو سڀ خام خيال ۽ سودا آهي. جڏهن درياءُ تائين رسائي ٿي سگهي ٿي، تڏهن پوءِ ملڪ طرف ڇو ڊوڙجي؟ (درياءَ کي ڇڏي هڪڙي قطري جو پوئلڳ ٿيڻ ڪيتري نہ حماقت آهي). ڀلا جو ماڻهو پنهنجو راز خود سج سان سلي سگهي ٿو سو هڪ ذري سان ڪيئن گذر ڪندو؟ اهو جو ڪُلّ ٿيو تنهن جو جز سان ڪهڙو واسطو؟ ۽ اهو جو جان ٿيو تنهن جو عضوي سان ڪهڙو تعلق؟ جيڪڏهن تون ڪامل شخص آهين تہ ڪلّ کي ڏس

ڪلّ جي طلب ڪر، ڪلّ رهه ۽ ڪلّ تي ۽ ڪلّ اختيار ڪر. هاڻي مان نصيحت خاطر توکي هڪ آکاڻي ٻڌايان ٿو.

اُستاد ۽ شاگرد جي آکاڻي

هڪ دفعي ڪنهن شاگرد پنهنجي اُستاد کان سوال پڇيو ته حضرت آدم عليه السلام، بهشت کان ٻاهر ڇو تڙيو (ڪڍيو) ويو. اُستاد ٻڌايس ته حضرت آدم وڏي شان واري شخصيت هئي ۽ جڏهن بهشت ۾ داخل ٿيو (سر جهڪايو)، تڏهن هڪڙو غيبي آواز آيس ته خبردار توکي بهشت هرطرح (سڀ طرح) سان بند ڪيو (ڦاسائي ڇڏيو) آهي، ۽ جو شخص هِن ٻنهي جهانن ۾ اسان کان سواءِ ڪنهن ٻيءَ شيءِ آڏو سر جهڪائيندو، سو اسان جي نزديڪ ڪمينو ۽ هيچ هوندو. اسان ان جو صفايو ڪري ڇڏينداسون، پوءِ ڪٿي هو ڪهڙو به ڍنگ ڇونه هجي، ڇا لاءِ جو دوست کان سواءِ ڪنهن ٻئي وٽ هٿ ٽنگڻ روا نه آهي. محبوب جي اڳيان هزار جانيون ڇا آهن؟ (ڪجهه به نه آهن). ان بغير هيءَ جان ڪهڙي ڪم جي؟ جو ڪوئي حقيقي محبوب کي ڇڏي، ڪنهن ٻيءَ شيءِ طرف لاڙو ڪندو ۽ ساڻس لنوَ لائيندو ته اهو رسوا ۽ برباد ڪيو ويندو، پوءِ ڪٿي حضرت آدم ئي ڇو نه هجي! ڇا توکي هيءُ سڌ نه آهي ته بهشت وارن جي حق ۾ هيءَ خبر آئي آهي ته پهرين شيءِ جا انهن کي (ڪائڻ ڪاڻ) ڏني ويندي

سان جگر هوندو، ڇاڪاڻ تہ اهلِ جنت راز جا لائق نہ هئا (هوندا)، تنهنڪري هو ٽئين سر جگر ڪاڻ شروع ڪندا.

بدڪ جو عذر

بدڪ نهايت صفائيءَ ۽ پاڪائيءَ سان اچي اجري ٿي، سفيد (بهترين) لباس پهري، پاڻيءَ ڪان ٻاهر آئي ۽ مجمعي ۾ اچي چوڻ لڳي تہ پاڻيان ٿي تہ ٻنهي جهانن ۾ مون ڪان زياده پاڪيزه ۽ شان وارو ٻيو ڪونهي. مان هرگهڙي تازو غسل ڪريان ٿي ۽ پنهنجو مصلو پاڻيءَ تي وڇايائين ٿي. مون وانگر ڪوبہ پاڻيءَ تي بيهي نٿو سگهي، منهنجي ڪرامتن ۾ اڃا بہ ڪو شڪ؟ مان پنهنجي پاڪ راءِ سبب پکين ۾ اڃا زاهد (شمار) آهيان، ۽ منهنجو ڪپڙو ۽ جان هميشه پاڪ رهن ٿا. پاڻيءَ بغير هن دنيا ۾ رهي نٿي سگهان، جو منهنجو اصلي وطن پاڻي ئي رهيو آهي. مان جيتوڻيڪ پنهنجي دل ۾ ساريءَ دنيا جو غم رکان ٿي، مگر تنهن هوندي بہ ان کي دل تان ڌوئي ڇڏيو اٿم، ڇالاءِ جو پاڻي مون وٽ هروقت موجود آهي. منهنجي ندي پاڻيءَ سان هميشه ڀري رهي ٿي، سو خشڪيءَ ۾ پنهنجو ڪم ڀلا ڪيئن ڪري سگهنديس؟ جڏهن منهنجو ڪم ئي پاڻيءَ مان آهي، تڏهن پوءِ ان ڪان ڪناره ڪشي ڪرڻ سراسر ناداني آهي. ڏسو نہ تہ دنيا ۾ سڀ شيءِ جو جياپو پاڻي (سبب) آهي، پوءِ پاڻي ڪان مان ڪيئن

ھٿ ڏونٺان؟ جيڪڏھن مان سيمرغ تائين پھچي نٿي سگھان تہ پوءِ اھو ڪو ضروري ڪونھي تہ مان ان خاطر وتان واديون طئي ڪندي؟ جنھن جو ڪامل قبلو آھي، اھو سيمرغ وٽ پنھنجي مراد ڪٿي ٿو ماڻي سگھي؟ ڀلا جنھن جي جان کي ھڪ چڻنگ ئي جلائي ٿي ڇڏي، سا باھہ جي درياءَ مان (جو سيمرغ جي راھہ ۾ واقع آھي)، ڪٿي ٿي لنگھي سگھي؟

ھدھد جو جواب

اڙي ڳيھلي بدڪ، تون تہ پاڻي ۾ ئي مگن آھين، مگر پاڻي تہ تنھنجي چوڌاري ٽپي رھيو آھي ۽ تنھنجي خوبي تہ ان اندر زائل ٿي ويئي آھي، ۽ ان جي ھڪڙي قطر ئي تنھنجي رونق مٽائي ڇڏي آھي. پاڻي تہ ان شخص لاءِ آھي، جنھن جو منھن ميرو آھي. تو جيڪڏھن اڃا بہ پنھنجو منھن نہ ڌوتو آھي تہ پوءِ پاڻيءَ جي تلاش ڪر. آخر ڪيترو وقت صاف پاڻيءَ جي طرح ھرڪنھن جو منھن ڏسندي رھندينءَ؟ چڱو ھيءَ ڳالھہ جا مان سلي رھيو آھيان، تنھن کي ڌيان ڏيئي ٻڌ.

ھڪ ديواني جي ڳالھہ

ھڪڙي ماڻھوءَ ھڪ ديواني کان پڇيو تہ: ھي ٻئي جھان پنھنجن ھيٺين سارن خيالن سان آخر آھن ڪھڙي شيءِ؟ ھن جواب ۾ چيو تہ ھي ٻئي جھان، مٿاھون ۽

هيٺاهون، هڪ پاڻيءَ جو ڦڙو آهن ۽ بس. شروعات ۾ به هيءُ ئي پاڻيءَ جو ڦڙو هو (جو ظاهر ٿيو) ۽ هاڻي به هن سنسار ۾ هي سمورو نقش و نگار به محض اهو هڪ ڦڙو آهي ۽ نه وڌيڪ ڪا ٻي شيءِ، مگر قابل غور ڳالهه هيءَ آهي ته هر اها بنا (جاءِ)، جا پاڻيءَ تي ڪڙي (ٺاهي) ڪئي ويندي، سا لازمًا برباد ٿيندي، پوءِ ڪٿي اها لوهي ئي ڇو نه هجي. لوهه کان ته ڪا به شيءِ زياده مضبوط ڪانهي، مگر اهو به پاڻيءَ اندر فنا ٿي وڃي ٿو. جنهن شيءِ جو بنياد پاڻيءَ تي هوندو، سا هڪ خواب مثل آهي، پوءِ ڀلي ساري لوهي ئي ڇو نه هجي. پاڻيءَ کي ته جيئن معلوم آهي، ڪو جتاءُ يا پائداري آهي ئي ڪانه، تنهنڪري ڪو به بنياد متس مستحڪم ٿي (بيهي) نٿو سگهي، مگر افسوس جو ماڻهو هن حقيقت کي سمجهن ئي ڪونه ٿا. ✓

چڪور جو عذر

چڪور کي به صبر نه آيو، سو به سرڪشي ۽ سرمستيءَ ۾، خوشيءَ وچان ٽلندو، پنهنجي ڪاڻ ڪان ٻاهر آيو. سندس ڇهنب ڳاڙهي، پوشاڪ ڳاڙهي ۽ اکيون خون کان جوش زن هيون. ڪنهن مهل پهاڙ جي چوٽين تي پئي اڏامندو ته ڪنهن مهل انهن جي چوڌاري ڦيريون پئي ڪاڍائين. اچڻ سان چوڻ لڳو ته: مان ڪاٽين اندر گهڻو گهميو آهيان ۽ ڪيترن ئي موتين جي مٿن تي پهتو آهيان. جبلن جي وچ ۽ چوٽيءَ تي رهائش ڪئي

اٿم، ۽ جيترو ٿي سگهيم، تيترو موتين جي پٺي حفاظت ڪيم. موتيءَ جي عشق منهنجي دل ۾ باهه لڳائي ڇڏي آهي ۽ سچ پڇو ته منهنجي لاءِ هيءَ باهه نهايت ئي سٺو ڦل آهي (ان کان وڌيڪ مون کي ڪجهه به نه گهرجي). انهيءَ جي گرمي، جڏهن پنهنجو مٺو مٺي ڪري ٿي، تڏهن پٿرين کي منهنجي دل ۾ خون بنائي ڇڏي ٿي. هيءَ ان جو ڪهڙو نه عجيب اثر آهي، جو پٿر به بنا دير خون بڻجيو وڃي. مان پٿر ۽ باهه جي وچ ۾ پيو آهيان بيڪار هڪ طرف ته پريشان ٻئي طرف. گرمي ۽ تپش ۾ پٿريون ڪائي، دل (کي) باهه سان پريان ٿو*!

اي منهنجا ساٿيو، توهان پنهنجون اکيون به ته کوليو ۽ منهنجي ڪاڏي ۽ آرام (ننڊ) کي به ته ڏسو. سڄو وقت پٿرن تي پيو آهيان، ۽ پٿر ئي ڪائيندو رهان ٿو، مون سان جنگ (جهيڙو) ڪرڻ اجائي آهي. موتين جي عشق مون کي پهاڙ سان ٻڌي ڇڏيو آهي ۽ انهيءَ ڪري ئي منهنجي دل زخمن سان چور چور آهي. جو شخص موتين کان سواءِ، ڪنهن ٻيءَ شيءِ سان پيار رکي ٿو، تنهن جي سلطنت جلدي وينديي هلي، باقي موتين جي بادشاهي ته سدائين پائيدار آهي، جو ان جي جان هروقت پهاڙ سان ڳنڍيل آهي (رهي ٿي). مان پهاڙن

---

* ڇڪور جو کاڌو پٿريون ۽ مٽي آهي.

جي ڪسوٽي آهيان ۽ موتين جي ڳولا ۾ هميشه سرگردان
گهڙي پلڪ به ان جي چوٽين بغير رهي نٿو سگهان.
اتي هميشه موتي رهن ٿا، تنهنڪري مان انهن جي تلاش
۾ لڳو رهان ٿو.

حقيقت هيءَ آهي ته مون موتيءَ مثل ڪو جوهر
ڏٺوئي ڪونهي ۽ نه وري موتيءَ کان زياده قيمتي
ڪنهن ٻئي جوهر کي ڏٺو اٿم. سيمرغ جو رستو ڏاڍو
ڏکيو آهي، هوڏانهن منهنجي حالت هيءَ آهي، جو
منهنجا پير سدائين پٿر تي پيا آهن ته موتي دل ۾ پيا
آهن. مان اطمينان سان ان کي ڪٿي ٿو پهچي سگهان!
جڏهن منهنجو هٿ مٽي تي ۽ پير مٽيءَ ۾ آهن؟ باهه
جي طرح پٿر کان منهن هرگز نه موڙيندس، يا مرندس
يا هٿ ۾ موتي آڻيندس. منهنجي لاءِ چڱو آهي ته
(موتي پيدا ڪريان)، منهنجا موتي نڪري نروار ٿين،
ڇالاءِ جو جنهن وٽ موتي (جوهر) نه آهن، سو آدمي
ڪهڙي ڪم جو؟

هدهد جو جواب

اڙي چريا چڪور، تنهنجو رنگ برابر جوهر جهڙو
خوشنما آهي، ليڪن آخرڪار هي اڻ واجبي عذر ۽
بهانه بازي ڪيستائين؟ منهنجي ته دعا آهي ته شال
تنهنجي چهنب جگر جي خون سان پُر هجي ۽ تون
هڪ بي بنياد (بيقدرو) پٿر ٿيو پيو رهين. موتي به آخر
هڪ رنگ چڙهيل (ململ ڪيل پٿر آهي ۽ نه ڪا بي

Gul Hayat Institute

ٿيءُ. افسوس جو تون پٽر جي عشق ۾ اهڙو ڪنور (سخت) دل ٿيو آهين (ٿي ويو آهين). جيڪڏهن سندس رنگ لهي وڃي ته هو ساڳيو پٽر جو پٽر وڃي رهندو. اهو شخص واقعي بي بنياد آهي، جو رنگ جي فڪر ۾ گرفتار آهي. حقيقي شخص نه رنگ جو طالب آهي ۽ نه پٽر جو خواهشمند. تون جيڪڏهن هھڙيءَ طرح پٽر ۽ جوهر ۾ اٽڪيو رهندين ته پوءِ تنهنجو اتان نڪرڻ محال آهي. هاڻي مان توکي هڪ حڪايت ٻڌايان ٿو، جنهن ۾ سمجھ وارن لاءِ سوائي نصيحت آهي.

حضرت سليمان جي منڊيءَ جي حڪايت

ڪنهن به موتيءَ کي اهڙي سرداري حاصل نه هئي، جهڙي حضرت سليمان کي پنهنجي منڊيءَ سبب هئي. انهيءَ ڪري ئي کيس ايتري عزت حاصل ٿي، حالانڪ اها هئي، هڪ رتيءَ جيترو پٽر مس. ان (منڊيءَ) ۾ اها خاصيت رکيل هئي، جو جڏهن به حضرت سليمان (اها) پائيندو هو، تڏهن ساري دنيا سندس حڪم آڏو جهڪي پوندي هئي، ۽ ان جي ڪري ئي سندس ملڪ ايترو وڌيو ۽ سندس اطاعت هيٺ آيو. حضرت سليمان جو شاميانو به چاليهه فرسنگ هو، جنهن کي هوا سندس حڪم سان آڏائي کڻي ويندي هئي. ان ايڏيءَ ساريءَ عظمت جو بنياد به هڪ اڌ رتيءَ پٽر تي هو. مطلب ته هي ساري عظمت ۽ بزرگي کيس ان منڊيءَ سبب مليل هئي، ڇا لاءِ جو منجهس اسم اعظم اُڪريل هو.

حضرت سليمان هيءَ حالت ڏسي چوڻ لڳو ته ”جڏهن هڪ ملڪ ۾ هي سارو ڪاروبار، هن قدر ننڍڙي پئر سبب دائماً قائم آهي، تڏهن مان نٿو چاهيان ته (دين ۽ دنيا ۾) ڪو شخص اهڙي ملڪ ۾ ڦاسي. بس پوءِ هٿ کڻي چوڻ لڳو ته: اي منهنجا مولي! مون عبرت جي اکين سان هن بادشاهيءَ جي آفتن جي ظاهر ظهور ڏٺو آهي. برابر آخرت جي مقابلي ۾ هيءَ گهڻي گهٽ آهي ته به هن بعد اي پروردگار، هيءَ بادشاهي ڪڏهن به ڪنهن کي نه ڏج. پنهنجي لشڪر ۽ بادشاهيءَ سان منهنجو هينئر ڪو سروڪار نه رهيو آهي ۽ هاڻي چليون پٽڻ ۽ گودڙين ٺاهڻ جو ئي ڏنڌو اختيار ڪريان ٿو، جو ڏسان ٿو ته منهنجي ڀلائي انهيءَ ۾ آهي.“

اها حقيقت آهي ته حضرت سليمان ان موتي سببان ئي شاهه ٿيو، ليڪن اهو ساڳيو موتي ته هو، جنهن سندس رستي روڪ ڪئي ۽ جنهنڪري ئي هو باقي پيغمبرن کان پنج سئو سال پوءِ، عدن بهشت ۾ داخل ٿيندو. (هن ۾ ان حديث ڏانهن اشارو آهي، جنهن ۾ چيل آهي ته غريب، شاهوڪارن کان پنج سئو سال اڳ ۾ بهشت ۾ داخل ٿيندا) *! ڀلا تون ان ڳالهه

* پيغمبر هجڻ سان گڏ، هو هڪ دنياوي بادشاهه به هو، جنهنڪري بهشت ۾ ٻين پيغمبرن کان گهڻو پوءِ داخل ٿيندو.

ني غور ڪري ڏس ته جنهن حضرت سليمان جهڙي پيغمبر سان اهڙو برتاءُ ڪيو، سو تو جهڙي نڪمي ڪي ڪهڙي وقعت ڏيندو؟ جڏهن موتي هڪ پٿر آهي، تڏهن خواه مخواه پاڻ کي ايتري تڪليف ۾ ٻه نه وجهه ۽ محبوب جي منهن مبارڪ کان سواءِ ٻئي طرف وڃڻ جي نه ڪر.

اڙي موتيءَ جا طالب (بي سمجهه انسان)، موتيءَ کي خيال مان ڪڍي ڇڏ (موتيءَ جو خيال ڇڏي ڏي)، تون هميشه جوهريءَ (موتين جو صانع ۽ مالڪ) جي تلاش ۾ رهه (يعني مخلوق کي ڇڏي خالق جي طرف راغب ٿي)، جنهن ۾ ئي تنهنجي دائمي زندگي ۽ لازوال سعادت آهي.

هما پکيءَ جو عذر

بعد ۾ سايو بخشيندڙ هما ميڙ ۾ آيو، جنهن جو پاڇو بادشاهن لاءِ سرمايو آهي، ڇاڪاڻ ته هو وڏيءَ همت وارو آهي، تنهنڪري ئي نهايت مبارڪ ۽ پاڪ وارو آهي. هو ڪين مخاطب ٿي چوڻ لڳو ته: اي درياءَ ۽ خشڪيءَ جا پکي، ياد رکو، مان پين وانگر نه آهيان. منهنجي همت گهڻو بلند آهي، تنهنڪري باقي مخلوق کان مون گوشه نشيني اختيار ڪئي آهي. مون لاءِ بادشاهه (جي همت) کان هڪ مليل ڪوني باقي دنيا کان ازحد ڪافي آهي. مان پنهنجي نفس جي ڪتي کي ذليل ۽ خوار رکان ٿو. انهيءَ ڪري فريدون

۽ جم کي عزت مون کان نصيب ٿي. سڀيئي بادشاهہ منهنجي پاڇي جا پاپل آهن، ھر لالچي منهنجي درجي کي ڪٿي ٿو رسي سگهي؟ مان پنهنجي نفس جي ڪتي کي هڏا ڪارائيندو رهان ٿو ۽ انهيءَ ڪري پنهنجي روح کي ان کان امن ۾ رکان ٿو. نفس کي هميشہ هڏن ڪارائڻ سان ئي منهنجي جان هن مرتبي کي پهتي آهي. پهلا جنهن جي پر جي پاڇي کان هڪ ادني شخص بادشاهہ ٿئي، تنهن جي حڪم کان منهن ڇو موڙيو وڃي؟ سڀني کي ان جي پاڇي هيٺ اچڻ گهرجي تہ جيئن ان مان ڪو ذرو ڪين نصيب ٿئي. سيمرغ جهڙو ڏاڍو مڙس منهنجو ساٿي ڪٿي ٿو ٿي سگهي! پيلي يار، منهنجو تہ سڀ ڪم عقلمنديءَ تي مبني آهي (منهنجي عقل جي تقاضا اها آهي تہ سيمرغ جي درپئي نہ رهان).

هدهد جو جواب

اڙي دوکي ۾ آيل (غرور جا قيدي) هما، پاڇي کي پري ڪر ۽ هن کان زيادهہ پاڻ تي فخر نہ ڪر. هينئر (هن زماني ۾) تو ۾ ڪنهن کي بادشاهہ بنائڻ جي طاقت نہ رهي آهي، تون تہ پاڻ ڪتي جي طرح هڏن تي ڪريو پيو آهين. هاءِ افسوس! جيڪڏهن تون بادشاهہ کي تخت تي نہ ويهارين ها، ۽ خود کي هڏن کان آزاد ڪرين ها! مون مڃيو تہ اڄ دنيا جا سڀيئي بادشاهہ تنهنجي پاڇي مان پيدا ٿين ٿا، ليڪن

سيان (قيامت جي ڏينهن) هو يقيناً مصيبتن ۾ گرفتار هوندا ۽ پنهنجي بادشاهيءَ کان ڪنهن عرصي تائين پوئتي پيل رهندا. جيڪڏهن ڪو بادشاهي تنهنجي پاڇي کي نہ ڏسي ها تہ هو سيان هن مصيبت ۾ ڪين ڦاسي ها! مناسب آهي تہ مان توکي هڪ قصو ٻڌايان. ٿي سگهي ٿو، تون ان مان سبق پرائين.

سلطان محمود جو قصو

هڪڙو شخص، جو ڏاڍو ڏاهو هو، پرهيزگار ۽ نيڪ هو، تنهن هڪ دفعي سلطان محمود (غزنويءَ) کي خواب ۾ ڏٺو. کانئس پڇيائين تہ اي نيڪ بخت شاهہ! تنهنجو هن وقت ڪهڙو حال آهي؟ سلطان جواب ڏنو تہ ڀلي! خاموش رهہ، منهنجي جان جو خون نہ وهاءِ، دم نہ هڻ، ۽ اٿي! هيءَ بادشاهيءَ جي جڳهہ ڪٿي آهي؟ منهنجي بادشاهي محض خودپسندي ۽ هڪ غلط گمان هو. هڪ مٺ خاڪ مان ڇا بادشاهي ڪري ٿي سگهي ٿي؟ منهنجي بادشاهيءَ جو درد هڪ وهم ۽ گمان آهي، بادشاهيءَ جو لائق اهو الله تعاليٰ آهي ۽ بس اهو جو جهانن جو مالڪ آهي، سوئي سلطنت ۽ بادشاهيءَ جو سزاوار آهي. جڏهن مون هتي اچي پنهنجي عاجزي ۽ پريشاني (حيراني) ڏٺي، تڏهن پنهنجي بادشاهيءَ کان ازحد شرم آيم (جو منهنجي بادشاهي هن بادشاهي اڳيان تيچ آهي). جيڪڏهن تون مون کي سڏڻ چاهين تہ پريشان بغير نہ سڏينم. صحيح حاڪم اهوئي آهي،

مون کي حاڪم جي نالي سان نه پڪار. سلطنت ويندي رهي ۽ بادشاهيءَ کي هوا آڏائي ويئي. فقط اهو شخص خوش ۽ سعيد آهي، جو هن جهان کان آزاد ٿي ميو.

محمود کي، ٻندي جي نالي سان سڏ ۽ نه بادشاهه جي نالي سان. وچ ۾ منهنجا سلام وجهي مسعود کي پهچاءِ ۽ چوينس ته اي منهنجا پٽ، جيڪڏهن تون به ڪا خبر ۽ سمجهه رکين ٿو ته پنهنجي پيءُ جي حال مان ڪو سبق پراءِ. ڪاش، دنيا ۾ جيتري زندگي هئي، محمود اهو سارو وقت ان ۾ ڪورو پچائيندو رهي ها! ڪهڙو نه چڱو ٿئي ها، جيڪڏهين محمود هن جهان اندر ڪوري پچائڻ ۾ ئي مشغول رهي ها، ته جيئن هو هن اوڙاهه (آخرت جون مصيبتون) ۾ ڪرڻ کان بچي پوي ها! سڀ عزت ۽ حڪومت (اصلي عزت ۽ حڪومت جي مقابلي ۾) چنڊ کان ويندي مڇيءَ تائين ڪجهه به نه آهي، بادشاهي انهيءَ لاءِ آهي ۽ مان نه آرام تڏهن لهان ها، جڏهن خود دنيا ۾ هڪ پينو هجان ها. ڪهڙو نه چڱو ٿئي ها، جيڪڏهن مان سؤ ڪوهن ۾ پيو هجان ها، ڪو رتبو نه هجيم ها، ۽ هڪ بيڪاري هجان ها، ۽ نه بادشاهه! مون کي ته ڪا گهڙي به ڇوٽڪارو ڪونهي، مون کان هڪ هڪ جنو جو حساب گهرن ٿا. شال انهيءَ هما جا پر ۾ ٻج سگهي ۽ سڙي وڃن، جنهن مون کي پنهنجي

پاڇي هيٺ جاءِ ڏني (۽ مان بادشاهه ٿيس ۽ ان کري حساب ڪتاب جي سختيءَ ۾ اچي پيس. (١)

باز جو عذر

جڏهن هنن پکين پنهنجا عذر ڏيئي پورا ڪيا، تڏهن باز به اچي ان ميڙ ۾ داخل ٿيو، ۽ حقيقت جا راز کولڻ لڳو. پنهنجي سرداريءَ جي ٺاٺ ۽ تاجداريءَ تي ڏاڍ هڻندي چوڻ لڳو ته: مان بادشاهه جي هٿ جي شوق (باز اڪثر بادشاهن جي هٿن ۾ رهندو آهي) ڪري باقي مخلوق کان اک ٻوٽي ڇڏي آهي ۽ پنهنجي تابعداريءَ ۽ عاجزيءَ ۾ هي اميد رکي آهي ته منهنجو پير، بادشاهه جي هٿ تائين پهچي وڃي. مان پاڻ کي ادب جي گهڻي تربيت ڏني آهي ۽ رياضت ڪندڙ وانگر پنهنجي خوب رياضت ڪئي آهي؛ ۽ اهو ان ڪري ته جيڪڏهن ڪنهن ڏينهن تقدير (ڪارڪنان قضا و قدر) مون کي پنهنجي بادشاهه وٽ آڻي پهچائي، ته مان ان وقت شاهي خدمت جي رسمن کان پورو واقفڪار هجان. مان سيمرغ کي خواب ۾ ڪيئن ڏسان ۽ ڇو ان طرف اجايو ڊوڙان؟ مون کي پنهنجي بادشاهه جي هٿ کان هڪ لقمو ئي ڪافي آهي، ۽ هن جهان

(١) حديث شريف ۾ آيل آهي ته قيامت جي ڏينهن، مالدار حساب ڪتاب جي سختي ڏسي چوندا ته: بهتر هو جيڪڏهن دنيا ۾ اسان جو جسم ڪينچين سان ڪتريو وڃي ها! (يعني ته نهايت ڏکن ۽ تڪليفن ۾ هجون ها.)

Gul Hayat Institute

۾ هيءَ جاءِ (سندس دربار) ئي بس آهي. مون وٽ مسافريءَ جو ذريعو ڪونہ آهي، انهيءَ ڪري ئي بادشاه جي هٿ تي سربلندي ڪريان ٿو. جو بہ شخص بادشاه وٽ لائق ثابت ٿئي ٿو تہ پوءِ ان جي هرڳالھ مڃي وڃي ٿي. مان بہ جيڪڏهن وٽس لائق بڻجي وڃان تہ اهو بهتر آهي، جو وتان گمنام واديون لتاڙيندو. برابر مان اها اميد رکان ٿو تہ ان جي سامهون سندس محل ۾ خوشيءَ جي زندگي گذاريان، تنهنڪري ڪڏهن ان جي انتظار ۾ رهان ٿو ۽ ڪڏهن ان جي شوق ۾ شڪار ڪريان ٿو. ڀلا هاڻي تون ئي ڪٿي ٻڌائي هدهد، تہ هن حالت کي ڇڏڻ ۾ بہ ڪا عقلمندي آهي؟

هدهد جو جواب

اڙي اپوجھ باز، تون تہ مجاز ۾ اڙيل، حقيقت کان گھڻو دور ۽ صورت ۾ ئي گرفتار آهين. جيڪڏهن ملڪ ۾ بادشاه جو ڪو ثاني هجي تہ پوءِ ان کي بادشاهي ڪٿي ٿي سونهين؟ بادشاهيءَ جي لائق سيمرغ جي پيو ڪونہ آهي، ڇا لاءِ جو ان جي بادشاهيءَ جو ڪو نظير ئي ڪونهي. اهو شخص بادشاه ٿو بڻجي، ڪنهن (هر) ملڪ ۾ ڪنهن حقيقت (سمجھ) کان سواءِ ئي پنهنجو پاڻ کي ڪٿي ٿو بادشاه ٻڌائي. بادشاه تہ اهو ٿئي ٿو جنهن جو ڪو نظير نہ هجي ۽ جو سواءِ وفا ۽ رحم جي پيو ڪجھ نہ ڪندو هجي. تون اهڙي حاڪم جي طلب ۾ رهہ، جو سدائين وفادار ۽ رحيم آهي.

باقي دنيا جو بادشاهه ڪٿي هڪ وقت وفاداري ڪري ٿو ته وري ٻئي وقت ظلم به ڪري ٿو، ۽ جو به دنيا جي بادشاهه جي زيادهه ويجهو ٿئي ٿو ته، ان جو معاملو نهايت ئي نازڪ ٿي پوي ٿو. هو سدائين بادشاهه ڪان ڊپ ۾ رهي ٿو ۽ سندس جان هروقت (هميشه) خطري ۾ رهي ٿي. دنيا جو بادشاهه چاڪاڻ ته باهه مثل آهي جا توکي ساڙيندي ويرم نه ڪندي، تنهنڪري تون ان ڪان پڇي پري ٿيءُ، جو ان ڪان پري ٿيڻ ۾ ئي چڱائي آهي. انهيءَ ڪري ئي بادشاهن ڪان دور رهڻو پوي ٿو، ڇالاءِ جو انهن جي اڳيان ڀلا ڪو ويهي به سگهي ٿو؟ تنهنڪري توکي جڳائي ته تون به هٿي وچ چڱو، هاڻي هيءَ ڳالهه ڪن لائي ٻڌ:

بادشاهه جي ڳالهه

هڪ دفعي هڪڙو بادشاهه، پنهنجي خوبصورت غلام تي اهڙو ته عاشق ٿي پيو، جو ان بغير هڪڙي گهڙي به ڪيس آرام نه ايندو هو. ٻين غلامن جي ڀيٽ ۾ هن کي زياده سينگاريل ۽ هميشه پنهنجي اکين آڏو رکندو هو ان بادشاهه جي البت اها عادت هوندي هئي، جو هو پنهنجي محل ۾ ان غلام جي مٿي تي هڪ صوف رکي ان کي ڇٽيندو هو. ڪنهن ناواقف ان غلام کان پڇيو ته آخر ڪهڙو سبب آهي جو تنهنجو منهن پيلو ۽ زرد ٿي ويو آهي؟ تنهنجي ته بادشاهه وٽ گهڻي عزت ۽ هلندي آهي، تنهنڪري تنهنجي زرديءَ جو سبب

کھڙو؟ غلام جواب ۾ چيو ته بادشاهه منهنجي مٿي تي صوف رکندو آهي، پوءِ جيڪڏهن ان جي تير کان مون کي ڪو نقصان پهچي ويو ته هو چوندو ته منهنجو ڪو غلام ئي ڪونه هو، ۽ مان ان کي ڄاڻندو سڃاڻندو ئي نه هوس. پر جيڪڏهين سندس تير منهنجي مٿي تي رکيل صوف کي ڪٽي ڇٽي وڃهي ته هر ڪوئي چوندو ته اها بادشاهه سلامت جي بخت جي نشاني آهي. انهي غم ۽ فکر ڪري ئي منهنجو اندر ڪاڏل آهي، جو منهنجي جان هميشه خطري ۾ رهي ٿي (۽ وري ان جو عوض ڪجهه به نه).

ٻکھ جو عذر

جڏهن ٻين پکين ڇٽي بس ڪيو، تڏهن ٻکھ پنهنجو وارو ورتو ۽ اچي چوڻ لڳو ته اڙي منهنجا خيرخواه پکي، توهان کي معلوم آهي ته منهنجي رهائش هميشه درياءَ جو ڪنارو آهي، جتي مان خاموشيءَ ۾ حياتيءَ جا ڏينهن گذاريان ٿو. ايترو ته ڪم آزار آهيان جو ڪوبه مون کان رنجيده نه آهي ۽ هميشه هن ڪناري تي غمگين ۽ دردمند ٿيو ويٺو آهيان ۽ پاڻيءَ جي آرزوءَ ۾ پنهنجي دل کي خون سان پيو ٿو پريان، ۽ پنهنجو غم پاڻ ئي ڪائيندو رهان ٿو. جڏهن مان درياءَ وارن مان ئي نه آهيان، تڏهن عجب جي ڳالهه آهي جو ان (درياءَ) جي ڪنڌيءَ تي اڃ ۾ مرندو (پياسو) رهان

ٿو. درياءَ جيتوڻيڪ سؤ دفعا جوش ۾ اچي ٿو، ته به مان هڪڙو ڦڙو به پي نٿو سگهان؛ ۽ وري جيڪڏهن ان مان هڪڙو قطرو به گهٽ ٿي پوي ٿو ته منهنجي دل غيرت جي باهه کان جلي ڪباب ٿي وڃي ٿي. مون جهڙي لاءِ درياءَ جو عشق ئي ڪافي آهي، ۽ سندس سودائي بس. مان هڪ گهڙي به ان جي غم کان سواءِ ٻيو ڪجهه به نٿو چاهيان. سيمرغ وڏي شيءِ آهي، مان ان جو ڪٿي ٿو تاب جهلي سگهان! الله پناهه ڏئي! ڀلا اهو جنهن جو بنياد ئي پاڻيءَ تي ٻڌل آهي (اصل ڏي پاڻيءَ جو قطرو آهي) سو سيمرغ جو وصل ڪٿي ٿو ماڻي سگهي؟

هدهد جو جواب

اڙي يار ٻڪ، تون ته درياءَ کان ئي ناواقف آهين. ان ۾ ته واڳون ۽ ٻيا ڪيترائي خوفناڪ جانور رهن ٿا. سندس پاڻي ڪڏهن ڪڙو ته ڪڏهن کارو آهي، ۽ هو ڪنهن وقت ماٺو آهي ته ڪنهن وقت موجزن. مطلب ته هو ڪڏهن به هڪ حالت ۾ نٿو رهي. ڪيترائي بزرگ ماڻهو ٻيڙيءَ سوار، سندس ڪُن ۾ اچي ٻڏي مئا. جيڪڏهن ڪو به ٽوٻي وانگر ان ۾ وڃي ٿو ته هروقت جان جي خوف کان پنهنجي دم جو خيال رکي ٿو؛ ۽ جيڪڏهن ڪو ان جي اونهائيءَ سان دم هڻي ٿو ته بلڪل ختم ٿي وڃي ٿو. اهو جو ڪنهن سان وفادار نه آهي، تنهن ۾ ياريءَ جي اميد رکڻ به

عبث آهي! جيڪڏهن تون به درياهه مان نڪري ڪناري تي نه ايندين ته آخرڪار منجهس ٻڏي مرندين. اهو خود پنهنجي محبوب (الله تعاليٰ) جي عشق ۾ غلباءِ شور مچائي ٿو، ڪڏهن موجون هڻي ٿو، ته ڪڏهن ڪڙڪا ڪري ٿو. جڏهن ان کي ئي پنهنجي مقصد ۾ ناڪاميءَ سبب آرام نه آهي ته پوءِ توکي ان ڪان ڪهڙو دلي آرام حاصل ٿيندو؟ درياهه، خود ان (الله تعاليٰ) جي گهٽيءَ جو محض هڪ چشمو (هڪ نالي) آهي. خبر نه آهي ڇو تون ان اصل درياهه کي ڇڏي هن حقير چشمي تي راضي ٿيو ويٺو آهين؟ هاڻي مان توکي هڪ ڳالهه ٻڌايان ٿو، جا تون خيال ڏيئي ٻڌ:

هڪ ماڻهوءَ جي ڳالهه

هڪڙو ڏاهو، درياهه (سمنڊ) ۾ گهڙيو، ڪانئس پڇڻ لڳو ته آخر تنهنجو رنگ نيرو ڇو آهي، ۽ تو ماتمي لباس آخر ڇو پهريو آهي؟ ۽ جڏهن ته تو ۾ باهه آهي ئي ڪانه، تڏهن پوءِ ايترو جوش ڇا جو؟ درياهه جواب ڏنس ته: حقيقت هيءَ آهي ته مان پنهنجي دوست جي جدائيءَ سبب ڏاڍو پريشان آهيان، ۽ ڇاڪاڻ ته مان ان جو سچو عاشق آهيان، تنهنڪري ئي ان جي درد ۾ نيلو لباس پهريو اٿم. مان خشڪ لب ۽ بيخبر نه آهيان، ليڪن ان جي عشق جي باهه ڪان ئي جوش ۾ آهيان. جيڪڏهن مون کي ان جي ڪوثر (فيض) مان هڪڙو قطرو ملي وڃي ته پوءِ سدائين سندس در تي

Gul Hayat Institute

پيو رهندس، ورنه مون جهڙا هزارين خشڪ لب هر روز وشب سندس راهه ۾ مرندا رهن ٿا.

چبري جو عذر

چبري، چرئي وانگر اچي چوڻ لڳو ته: مون ته ويراني پسند ڪئي آهي. ويراني ۾ پيدا ٿيو آهيان تنهنڪري عاجز آهيان، ۽ سواءِ ڪنهن شراب پيئڻ جي ويرانيءَ ڏانهن هليو وڃان ٿو. مون جيتوڻيڪ سوين آباد بستيون ڏٺيون آهن، مگر انهن سڀني کي مخالف ۽ تڪليف ده ڏٺم. جو شخص دلجمعيءَ سان ويهڻ چاهي ته ان کي مستن وانگر ويرانيءَ طرف وڃڻ گهرجي. مان غم ۾ هن ڪري وڃي ويراني وسائي آهي جو خزانو گهڻو ڪري ويراني ۾ ئي هوندو آهي. خزاني جي عشق ئي مون کي ويرانيءَ جي طرف راهه ڏيکاري آهي، ان جي (حاصل ڪرڻ) لاءِ، سواءِ ويرانيءَ (ويران جاين) جي مون لاءِ ٻيو ڪو رستو ئي نه آهي (هو). مان سڀني ماڻهن کان پنهنجي زندگي غم ۾ گذاريان ٿو ته جيئن پنهنجو خزانو سواءِ ڪنهن طلسم جي هٿ ڪريان. جيڪڏهن منهنجو ٻير خزاني ۾ هليو وڃي ها ته پوءِ منهنجي هيءَ چري دل آزاد ٿي پوي ها. سيمرغ جو عشق هڪ افسانو آهي. ان جو عاشق ٿيڻ سڀ جو ڪم نه آهي. ٻيلي، مان ان جو سچو عاشق نه آهيان. مون کي ته خزاني ۽ ويرانيءَ جو عشق گهرجي ۽ بس.

هدهد جو جواب

خزاني جي عشق ۾ گرفتار ڇيرا، سون مڃيو ته توکي خزانو هٿ اچي ويو، ليڪن تون ان خزاني تي پاڻ کي مرده سمجھه، ۽ پنهنجي گذري ويل عمر کي اجائي ۽ بيشمري ڪر. خزاني ۽ مال جو عشق به ڪفر جو هڪ حصو آهي ۽ اهو جو سون جو بت بنائي ٿو سو آذر آهي (١). زرپرستي سچ پچ ڪفر مان آهي. تون آخر سامري قوم منجهان ته ڪونهين؟ (٢) ۽ هي پڻ ٻڌي ڇڏ ته، جنهن به ماڻهوءَ جي دل، مال جي محبت ۾ اٽڪي پوي ٿي، تنهن جي صورت قيامت جي ڏينهن ڦري ٻي ٿي ويندي، اهو ان ڏينهن ڪٺي جي صورت وٺندو، ۽ پوءِ ارمان کان هر گهڙيءَ پيو ڦيٿون ڪائيندو، مگر ان ڏينهن، هي ارمان ۽ افسوس ڪيس ڪهڙو ڪم ڏيندو؟ هاڻي مان توکي هڪڙو قصو ٻڌايان ٿو:

هڪڙي مڪل جو قصو

هڪڙو نادان، نائي جو هڪ دبو رکندو هو، پر جڏهن مري ويو تڏهن دبو ته پٺيان رهجي ويو. هڪ سال کان پوءِ سندس پٽ کيس خواب ۾ ڏٺو ته ان جي

(١) حضرت ابراهيم عليه السلام جي والد جو نالو آهي.
(٢) حضرت موسيٰ عليه السلام جي زماني ۾، بني اسرائيل جي هڪ وڏي شخص جو نالو آهي، جنهن هڪ گابو بنائي، ان جي پوڄا جو بنياد وڌو.

شڪل چوهي جهڙي آهي ۽ سندس اکين مان آب وهي رهيو آهي، ۽ جنهن هنڌ هن ان ناڻي کي لڪائي رکيو هو، تنهن جي چوڌاري چوهي وانگر پئي ڦريو (۽ ٽڪرو آيو ويو). سندس پٽ جو چوڻ آهي ته مون جڏهن کانئس پڇيو ته تون هن هنڌ ڪهڙي ڪم سان آيو آهين، ۽ ڳالهه اصل ڇا آهي؟ ته جواب ڏنائين ته مون هن هنڌ ناڻو لڪائي رکيو هو، ۽ منهنجي مرضي نه آهي ته ڪو آدمي ان جي ويجهو وڃي. وري جڏهن کانئس پڇيائين ته آخر تنهنجي چوهي جهڙي شڪل ڇو ٿي آهي؟ تڏهن جواب ۾ چيائين ته جنهن به ماڻهو کي زر جي لالچ هوندي، تنهن جي صورت ڦري اهڙي ٿيندي. اي منهنجا فرزند، تون (مون کي ڏسي) منهنجي حال مان سبق سک، ۽ مال (زر) کي اڇلائي ڦٽو ڪر.

ڪٺيائيءَ جو عذر

آخر ۾، ڪٺيائي اچي چوڻ لڳي ته: مان گهٽ حيران ۽ پريشان آهيان، ڏاڍي غمزده، هيڻي ۽ بکي آهيان. منهنجي پرن ۾ ڪٺليءَ جيتري به طاقت ڪانهي؛ ۽ جڏهن ته مون ۾ نه پَرَ آهن ۽ نه پير نه وري ڪا ٻي اهڙي شيءِ، تڏهن مان سيمرغ جهڙي سردار جي ويجهو ڪيئن ٿي وڃي سگهان؟ مون جهڙي، نبل ۽ هيڻيءَ جي هتي جاءِ نه آهي. دنيا ۾ ان جا عاشق گهڻائي آهن. مون جهڙيءَ جو ان سان وصال محال آهي. هاڻي مان

Gul Hayat Institute

جڏهن ان جو وصال ماڻي ئي نٿي سگهان، تڏهن هڪ محال شيءِ جي درشي به ٿي نٿي سگهان؛ پر جيڪڏهن ڪٿي مان ان جي درگاهه طرف رخ ڪريان به، ته به نتيجو هي نڪرندو، جو يا ته مان راهه ۾ مري وينديس يا سڙي وينديس. ان هنڌ پهچڻ لاءِ مان اهڙي مضبوط ۽ قوي آهيان ئي ڪانه، تنهنڪري مان پنهنجي يوسف کي، جنهن کي کوهه ۾ وڃائي ويٺي آهيان، پيئي ٿي ڳوليان. ٿي سگهي ٿو، دنيا ۾ وري ان کي ڳولي لهان. جيڪڏهن خوش قسمتيءَ سان مون پنهنجي يوسف کي کوهه ۾ ڳولي لڌو ته پوءِ ان سان گڏ، مڇيءَ کان چنڊ (زمين کان آسمان) تائين پيئي پرواز ڪنديس.

هدهد جو جواب

هدهد کان، هي ٻڌو نه سٺو، سو چوڻ لڳس ته: ته اي ڪنياڻي، ڪمزوريءَ جو اجايو عذر آڏو نه آڻ، مان تنهنجي مڪر ۽ فريب کي خوب ڄاڻان ٿو. قدم اڳتي وڌاءِ ۽ خوف خطري کي جاءِ نه ڏي. جيڪڏهن پيا به ان راهه ۾ جلي فنا ٿين ته پوءِ تون به جلي فنا ٿي وڃ. تون جيڪڏهن في الواقع يعقوب جي مثال آهين ته ياد رک ته قضا ۽ قدر تنهنجو ميلاپ يوسف سان ڪڏهن نه ڪندا. غيرت جي باهه سدائين ٻرڪندي رهي ٿي، تنهنڪري هن جهان تي (لاءِ) يوسف جو

عشق حرام آهي. اجهو مان توکي هڪ عجيب قصو ٻڌايان ٿو:

حضرت يعقوب عليه السلام جو قصو

چا، تو هيءَ ڳالهه نه ٻڌي آهي ته جڏهن يوسف عليه السلام پنهنجي پيءُ کان جدا ٿي ويو هو، تڏهن اُن جي جدائيءَ کان سندس پيءُ يعقوب عليه السلام اکين کان انڌو ٿي پيو هو، ۽ سندس اکين مان خون جو سمنڊ موجون هڻي رهيو هو، ۽ هر گهڙيءَ ۽ هرپلڪ يوسف جو نالو سندس زبان تي هو. ملڪ جبرائيل فورا آسمان کان آيو ۽ اچي چيائينس ته: هن کان پوءِ جيڪڏهن وري به يوسف جو نالو پنهنجي زبان تي آڻيندين ته اسان تنهنجو نالو رسولن ۽ نبين جي دفتر مان خارج ڪري (ميٽي) ڇڏينداسون. انهيءَ فرمان اچڻ شرط پنهنجي پٽ جو نالو زبان تي آڻڻ وساري ڇڏيائين. جيتوڻيڪ يوسف جو نالو سندس ساٿي هو، مگر جان جي خوف کان ان جو نالو دل ٿي دل ۾ وٺندو هو. هڪ رات پٽ کي خواب ۾ ڏٺائين، ۽ مرضي ٿيس ته ان کي پاڻ ڏانهن سڏي وٺي، مگر خدائي حڪم ياد اچي ويس، سو هڪدم خاموش رهجي ويو، البت بيڪسيءَ ۽ حيرانيءَ سبب هڪ دردناڪ دانهن نڪري ويس. اجا خواب مان سجاڳ (مس) ٿيو ته جبرئيل به اچي سندس اڳيان حاضر ٿيو. چيائينس ته: الله تعاليٰ فرمائي ٿو ته، تو جيتوڻيڪ يوسف جو نالو

زبان سان نہ ورتو، ليڪن خواب جي دوران تو هڪ آهہ ٻري ورتي ۽ مان خوب ڄاڻان ٿو تہ انهيءَ آهہ ٻرڻ مان تنهنجو مطلب ڇا هو. حقيقت ۾ تو توبهہ ڪي پڇي ورتو، هاڻي پڇتائڻ مان ڪهڙو فائدو؟ اڙي ڪٺياڻي، عقل هن عشق جي راهہ ۾ ديوانو ٿي پوندو آهي. تون ذرا خيال ڪري ڏس تہ عشق بازيءَ ۾ اسان جو ڇا حال آهي (اسان رڳو ڳالهيون ڪري ڄاڻون) اهڙيءَ طرح ٻين بہ ڪيترن پکين اهڙا منڊا عذر پيش ڪيا.

پکين جو گڏجي سوال ڪرڻ

بس، پوءِ سڀيئي پکي مڙي اچي، هدهد کي چوڻ لڳا تہ، تون اسان سڀني کان رهنمائي ۽ سرداريءَ ۾ گوءِ کڻي ويو آهين. ڀلا هاڻي تون ئي کڻي ٻڌاءِ تہ، اسين، جنهن صورت ۾ نهايت ڪمزور ۽ هيڻا آهيون، تڏهن سيمرغ جهڙي بادشاهہ تائين ڪهڙيءَ طرح پهچي سگهون ٿا؟ آخر ان عالي بادشاهہ جي اسان سان ڪهڙي نسبت آهي؟ اها ڳالهہ بہ اسان کي کولي سمجهاءِ؛ ڇاڪاڻ تہ جيڪڏهن اسان ۽ ان جي وچ ۾ ڪا نسبت هجي ها تہ اسان مان هرهڪ ضرور ان ڏانهن راغب ٿئي ها (ليڪن ائين آهي ڪونہ). هو تہ حضرت سليمان جهڙو زبردست بادشاهہ آهي ۽ هيڏانهن اسين آهيون مسڪين ڪٺليون. ان حالت ۾ اسان جو پاڻ ۾ ميلاپ ڪيئن ٿي سگهي ٿو! بادشاهي ماڻڻ ۽ ڪرڻ ڀينو فقير

جو ڪم نه آهي. پيلي هيءَ ڪم اسان جي طاقت کان
نه ٻاهر آهي!

هدهد جو جواب

اي پرندو، ياد رکو ته بي همت ۽ بزدلن کي عشق
سونهين ئي نٿو. توهان آخر ڪيترو وقت بي همتيءَ جو
مظاهرو ڪندا رهندا. جنهن شخص کي عشق جي
حقيقت معلوم ٿي، سو ته جهٽ خوشيءَ وچان ان ۾
ٽپي پيو.

توکي معلوم هئڻ گهرجي ته، جڏهن سيمرغ پردي
اندران پنهنجو چمڪندڙ منهن ظاهر ڪيو، تڏهن سندس
هزارين پاڇا زمين تي ڇائنجي ويا. هي پرندا ۽ جاندار،
جي تون هن جهان ۾ ڏسين ٿو سي سڀ ان جي پاڇي
کان ئي وجود ۾ آيا آهن. انهن جون صورتون گويا
ان جو پاڇو آهن. تنهنڪري تون هاڻي ان ڏانهن
پنهنجي نسبت کي درست ڪر ۽ هن راز کي فاش نه ڪر.

جيڪڏهن توکي معلوم ٿئي ته تون ڪنهن جو
پاڇو آهين، ته تون يقيناً پاڻ کان ئي بيپرواهه ٿي
ويندين پوءِ ڪٿي تون زنده ئي ڇونه هجين. جيڪڏهن
ڪوبه پکي يا جانور پيدا نه ٿئي ها ته ان جو مطلب
هيءُ ٿئي ها، ته سيمرغ کي پاڇو آهي ئي ڪونه.
حالانڪ اسان ان جي پاڇي جو نتيجو آهيون. ازانسواءِ
جيڪڏهين سيمرغ پوشيده (لڪي) ٿي وڃي ها ته جهان

۾ ان جو پاڇو بہ نہ هجي ها (يعني اسان جو وجود بہ نہ هجي ها. جڏهن ڪابہ شي هن دنيا ۾ ظاهر ٿيندي آهي، تڏهن اول ان شيء جو خاڪو عالم مثال (١) ۾ چٽيو ويندو آهي. تو اڃا تائين ان (سيمرغ) کي ڏٺو نہ آهي ۽ ان جو سبب هي آهي، جو تنهنجي دل آئيني مثل صاف ۽ روشن نہ آهي. جڏهن هن جي حسن ۽ جمال کي ڏسڻ جي ڪابہ طاقت نٿو رکي، ۽ نہ وري ان کان سواء صبر ئي ڪري سگهي ٿو، تڏهن پنهنجي ڪمال لطف (مهرباني) کان هڪ آئينو بنايائين، ۽ اهو آئينو آهي تنهنجي دل. تون دل ۾ نهار تہ جيئن ان جو ديدار پسي سگهين. هاڻي مان توکي هڪ حڪايت ٻڌايان ٿو.

هڪ خوبصورت بادشاهہ جي آئيني بنائڻ جي حڪايت

ڳالهہ ڪن ٿا تہ، هڪڙو بادشاهہ هو، جو اهڙو تہ حسين ۽ جميل هو جو جهڙس ٻيو ڪو هوئي ڪونہ ساري دنيا ۾ ان جي حسن جي هاڪ هئي، ۽ هر هڪ متس عاشق ۽ مفتون هو. فردوس بهشت سندس منهن مبارڪ جو هڪ مختصر نمونو هو. مطلب تہ ساري دنيا سندس رازن سان ڀري پئي هئي ۽ ڪنهن دلڪش ۽ خوبصورت شيء کي ڏسڻ سان سندس ديدار جو

---

(١) عالم مثال اهو جهان آهي، جنهن ۾ هن جهان ۾ پيدا ٿيندڙ شيون پهريائين پيدا ٿينديون.

ڪجهه پتو پيو ٿي. هو جڏهن رنگارنگي چادر پائي، گهوڙي سوار ٿي، ٻاهر نڪرندو هو تڏهن جوڀ ڏانهنس نهاريندو هو، يا سندس نالو زبان تي آڻيندو هو ته ان جو في الفور خاتمو آندو ويندو هو. مگر ان جي باوجود هزارين آدمي، سندس عشق ۾ هر روز مرندا رهندا هئا. حقيقت هيءَ آهي ته اهڙي محبوب ۽ دلربا جي عشق ۾ مرڻ هزار عمرين کان بهتر آهي. نه ڪمهن کي ان بغير گهڙي پلڪ صبر ٿي آيو ۽ نه وري هو ان جو تاب ئي جهلي ٿي سگهيو، ۽ هروقت رئندو ۽ رڙندو ٿي رهيو. اها ته ڪليل حقيقت آهي ته جيڪڏهن ڪو ان جي ڏسڻ جو تاب جهلي سگهي ها ته هو پنهنجو منهن بلڪل ڪولي ڏيکاري ها.

هاڻي جڏهن نه ته ڪو ان کي ڏسي ٿي سگهيو، ۽ نه ان کان سواءِ رهي ٿي سگهيو، تڏهن هن (بادشاهه) هڪڙو آئينو گهرايو، ۽ پنهنجي صورت جي عڪس سان ان کي روشن ڪرايو، ته جيئن عاشق ان معرفت کي ڏسي سگهن. توهان جيڪڏهن واقعي دوست جو منهن ڏسڻ چاهيو ٿا، ته پوءِ ان کي پنهنجيءَ دل ۾ ڳول جڏهن تو ان کي ڳولي لڌو، تڏهن هر چيز عرش کان وٺي فرش تائين تنهنجي اکيان کلي ظاهر ٿي پوندي. هي پکي، جيترا به تون ڏسين ٿو سي سڀيئي ان سيمرغ جو پاڇو آهن ۽ سندس پاڇو ڪو کانئس جدا نه آهي. تنهنڪري تون پاڇي کي ڇڏي خود سيمرغ جي تلاش

ڪري، چالاڪ جو جيڪڏهن تون پاڻ کي پاڇي ۾ ٺي گم ڪندين ته پوءِ توکي سيمرغ هٿ نه ايندو.

سلطان محمود ۽ اياز جو قصو

اياز (جنهن کان سلطان محمود جي هڪ گهڙي به نه سرندي هئي)، هڪ ڏينهن بيمار ٿي پيو. جڏهن سلطان کي ان جي بيماريءَ جي خبر پيئي، تڏهن فوراً پنهنجي نوڪر کي گهرائي چيائين ته: تون اياز جي طرف هوا ٿي اڏام، ۽ رستي تي ڪنهن ڏانهن به نه نهار، ۽ جلدي پهچي وڃي چوينس ته، بادشاهه، تنهنجي بيماريءَ جو ٻڌي، خود بيمار ٿي پيو آهي؛ ۽ چوي ٿو ته، جيتوڻيڪ منهنجو ظاهر توکان پري ۽ جدا آهي، ليڪن منهنجو باطن تنهنجي بلڪل ويجهو ۽ توسان گڏ آهي. اهو تاڪيدي فرمان ٻڌي، قاصد ته سواءِ ڪنهن ديرمدار جي جلدئي اياز وٽ پهچي ويو، ليڪن ان جي حيرت جي حد ئي نه رهي، جڏهن ڏٺائين ته بادشاهه ته اڳيئي وٽس ويٺو آهي! ويچاري کي پنهنجي جان جي خوف اچي ورايو ۽ ڏڪندي سلطان کي عرض ڪيو ته: مون جلدي اچڻ ۾ ڪا ڪسر باقي نه ڇڏي آهي، خبر نه آهي ته سائين جن ڪيئن اڳ ۾ پهچي ويا آهن! سلطان کيس معاف ڪندي چيو ته: تنهنجو ڪو قصور ڪونهي، مون جهڙي جلد بازي توکان ٿي ئي نه سگهندي. مون جو هي ڊگهو رستو اک ڇنڀ ۾ طئي ڪيو تنهن جو سبب هيءُ

هو، جو مان اياز جي منهن لاءِ بيتاب هوس ۽ مون کي هڪ گهڙي به ان بغير آرام نٿي آيو.

حقيقت هيءَ آهي ته مان ڳجهه ڳوهه ۾ وتس هر گهڙي اچان ۽ وڃان ٿو، جنهن کان باقي دنيا بي خبر آهي منهنجي دل هن سان ڳنڍيل آهي. ظاهري طور ته مان ان متعلق بين کان پڇان ٿو، ليڪن باطني طور مان ان جي حال کان هروقت آگاهه آهيان. مان جيتوڻيڪ هي راز (ته منهنجي اياز سان گهري دلبستگي آهي) دنيا وارن کان لڪايان به ٿو، ليڪن اندروني طور ته منهنجي جان ان سان ڳنڍير جيان ڳنڍي پيئي آهي. تون هي رمز سمجهي ڇڏ. اسان هڪٻئي کان الڳ ٿي ئي نٿا سگهون.

سيمرغ کي ملڻ لاءِ پکين جي بيتابي ۽ سندن هدهد کان سوال

جڏهن پکين هدهد جون هي ڳالهيون ٻڌيون، تڏهن اهي سيئي پنهنجي مشق ۽ مهربان بادشاهه جي ڳولڻ لاءِ هٿ پير هڻڻ لڳا. پنهنجي مالڪ سيمرغ سان جا کين نسبت هئي، تنهن کي هاڻي سمجهي ويا، تنهنڪري ان ڏانهن وڃڻ لاءِ گهڻو راغب ۽ بيچين ٿي پيا. سيئي اوڏانهن وڃڻ لاءِ سندرو ٻڌو، ۽ ملي اچي پنهنجي استاد ۽ واقفڪار هدهد کان ان ڏانهن ويندڙ رستي جي پڇاڳاڇا ڪرڻ لڳا، ۽ کيس چوڻ لڳا ته جيئن ته، اسين گهڻو ڪمزور ۽ هيڻا آهيون، تنهنڪري وڏي پنهنجي عالي مرتبي بادشاهه تائين پهچڻ اسان کي نهايت ئي

محال نظر ٿو اچي. هاڻي تون ڪا اسان جي رهنمائي ڪر، ورنه اسان جو حال ڪونهي.

هدهد جو جواب

اي پرندو، اول اول هيءَ ڳالهه اوهان کي ياد رکڻ گهرجي، ته جو شخص عاشق ٿيڻ ۽ عشق جو دم هڻڻ گهري، تنهن کي سڀ کان پهريائين پنهنجي جان تان هٿ کڻڻ گهرجي ۽ جڏهن هو پنهنجي جان قربان ڪندو، تڏهن ئي وڃي پنهنجو مقصد ماڻيندو.

اي انسان، تنهنجي جان ئي تنهنجي آڏو رڪاوٽ بڻي بيٺي آهي، تون ان جي قرباني ڏي، ۽ پوءِ پنهنجي محبوب جي ديدار جي درپئي ٿي، ۽ جيڪڏهن تنهنجي مسلماني توکي ائين ڪرڻ کان روڪي، ڪو ڪٿي توتي ڪفر جو الزام هڻي، ته تون اهڙيءَ مسلمانيءَ ۽ اهڙي الزام جي پرواهه نه ڪر، ڇالاءِ جو عشق مسلمانيءَ ۽ ڪفر کان گهڻو بلند ۽ اعليٰ شيءِ آهي (مگر افسوس جو ماڻهو ان کي سمجهن ئي نٿا). عشق ڪمائڻ ڪا ٻاراڻي راند ڪانهي، هتي ته ڪيترن ئي مشڪلاتن کي منهن ڏيڻو ٿو پوي، ۽ پنهنجي جان جي بازي لڳائڻي پوي ٿي.

عشق اندر ۾ هڪڙو (سوز ۽) درد پيدا ڪري ٿو، هي درد عاشق کي هروقت تڙپائيندو رهي ٿو، ليڪن درد ۾ جو ميناج آهي، تنهن جو ته ڪو مثال ئي ڪونهي. فرشتن کي عشق برابر آهي، مگر هو درد

جي نعمت کان محروم آهن. انهيءَ (ناياب) نعمت سان فقط انسان کي نوازيو ويو آهي. جو شخص عشق ۾ پختو ۽ ثابت قدم رهيو، اهو ڪفر ۽ اسلام جي جهيڙي کان بچي ويو.

عشق جي راهه وٺڻ، هڪ بهادر ۽ مستقل مزاج جو ڪم آهي، هاڻي اوهان کي ٻه جڳائي ٿو ته بهادرن جيان ان راهه ۾ گهڙي پئو، ۽ ٻڇو نه، ڪفر ايمان کان اڳتي لنگهي هلو. پلا ڪيستائين ٻڇندؤ؟ ۽ پاراٺا خيال ۽ اطوار ڇڏي ڏيو، توهان شاهين ٿي نڪرو، شير مردن وانگر مهم کي منهن ڏيو. جي توهان کي اوچتو سوين مشڪل گهٽ منهن ۾ اچن ته به پرواهه ناهي، جڏهن توهان ان رستي تي آهيو. (شڪار اوهان جي اڳيان آهي). مثال خاطر مان اوهان کي هڪ آکاڻي ٻه ٻڌايان ٿو.

شيخ صنعان جي آکاڻي

شيخ صنعان پنهنجي زماني جو وڏو بزرگ ۽ ڪامل شخص هو. پنجاهه سال مڪي شريف ۾ رهيو ۽ سندس هزارين مريد هئا. شب خيز، زاهد ۽ عابد سارو وقت رياضت ۽ عبادت ۾ صرف ڪندو هو، مطلب ته هو سراپا عمل ۽ عبادت جو مجسمو هو. حقائق جي معنائن کان خوب واقف ۽ ڪرامتن سان پريل ۽ بيمارن لاءِ هڪ شفا هو.

Gul Hayat Institute

هڪڙي رات خواب ۾ ڏٺائين ته، سندس منزل هتان (مڪي مان) منتقل ٿي[١]، روم هلي ويئي آهي ۽ هو هڪ بت جي آڏو سر جهڪايو بيٺو آهي. جڏهن خواب مان سجاڳ ٿيو، تڏهن پنهنجي مريدن کي سڏي چيائين ته هينئر اسان کي روم هلي، هن خواب جي تعبير معلوم ڪرڻي آهي. رستي ۾ جيتوڻيڪ گهڻيون گهاٽيون ۽ پيچرا آهن، ليڪن جو سر تان سانگو لاهي اڳتي وڌيو سو ڪامياب ويو ۽ جو پٺتي رهيو، تنهن جا دنيا ۽ آخرت ٻئي برباد.

جڏهن هو مريدن سان اچي روم پهتو، تڏهن اوچتوئي اوچتو سندس نظر هڪ عاليشان محل تي وڃي پيئي، جنهن جي چوٽيءَ تي هڪ خوبصورت عيسائي ڇوڪري ويٺي هئي. سندس حسن ۽ تاب اڳيان سج ۽ چنڊ ٻنهي پئي شرمايو ۽ سندس ڪارن زلفن، ڏسندڙن کي ڳنڍ ٻڌي ٿي ڇڏيو ۽ سندس ابروئن عاشقن جي دلين ۾ گهرا گهاءَ ڪري ٿي ڇڏيا. هوءَ سچ پچ هڪ فتنو هئي ۽ جنهن ڏانهن اک کڻي ٿي نهاريو، سو پنهنجيءَ جان کان بي جان ٿي پئي ويو. سندس ڳل، سونهن ۽ سوڀيا کان ائين پئي چمڪيا، چڻ ڪا باهه ٻري رهي هئي ۽ سندس جادوءَ ڀريون اکيون، عاشقن جو ناحق خون وهائي رهيون هيون.

جنهن وقت ان نازنين پنهنجي منهن تان پردو هٽايو تنهن وقت شيخ کي عشق جي باهه وڪوڙي ويئي.

Gul Hayat Institute

جيتوڻيڪ هن پاڻ کي بچائڻ جي ڪوشش گهڻي ڪئي مگر معاملو سندس هٿان ويندو رهيو. هو بي اختيار ٿي سندس آڏو ڪِري پيو ۽ ايمان جي عوض خوشي سان عيسائيت ۽ بت پرستي خريد ڪئي ۽ آخرت کي وڪڻي بدنامي مول وهائي. عشق جي غلبي سبب هو پنهنجي دل ۽ جان کان آزاد ٿي ويو ۽ چوڻ لڳو ته جڏهن ايمان ئي هليو ويو، تڏهن هاڻي دل جي ڪهڙي ڳالهه؟ عيسائڻ جو عشق مشڪل آهي.

جڏهن مريدن پنهنجي مرشد جو هي حال ڏٺو تڏهن گهڻو پريشان ۽ حيران ٿي ويا، ڪيس نصيحت ڪرڻ ۽ سمجهائڻ لڳا، مگر وريو ڪي ڪين. هو اٽلو انهن جي نصيحت جي خلاف ڪم ڪرڻ لڳو. ڀلا ڪڏهن ديوانو به ڪنهن جي نصيحت قبول ڪندو آهي؟ اهو سارو ڏينهن عشق جي چوٽ کان ڦٿون ڪائيندو رهيو، مگر جڏهن رات آئي تڏهن سندس درد ۽ الم ۾ بي انتها اضافو اچي ويو. درد ڀري دل جي رات ڀلا ڪٽي ٿي ڪٽڻي! گهڻيون ئي آهون ۽ دانهون ڪندو رهيو ۽ خدا کي ان رات جي خاتمي لاءِ ٻاڏائيندو رهيو. ويچاري غريب جي رات ته نه هئي، گويا قيامت سان ڳنڍيل هئي. بهرحال، هو ويچارو عشق جي سودا ۾ پاڻ کي جلائي پنهنجو عقل ۽ هوش وڃائي ويٺو. سندس سڀئي عضوا بيوس ٿي ڪم ڪرڻ کان جواب ڏيئي ويا. عشق جي درد ان کي اهڙي ته چاشني چکائي جو سندس صبر،

سنڌس سمجهه ۽ سنڌس يار مطلب ته سڀڪجهه ڪانئس موڪلائي ويو. عشق سان جنهن جو پلئو پيو آهي تنهن جي حالت اهڙي ئي ٿيندي آهي، مگر نادانن ان کي ٻاراڻي راند ڪئي سمجهيو آهي.

مريدن جي شيخ کي نصيحت

سيئي مريد گڏجي پنهنجي مرشد کي سمجهائڻ لڳا، ته تون هي اجايا خيال ۽ هي مشرڪانہ حرڪتون ڇڏي پنهنجي خدا تعاليٰ ڏانهن رجوع ڪر ۽ پنهنجي روزي نماز ۽ تسبيح پڙهڻ کي لڳي وڃ. هرهڪ مريد، علحده علحده طور کيس سمجهائڻ لڳو مگر هو باز نه آيو. جڏهن ڪنهن مريد نماز پڙهڻ لاءِ ٿي چيس، تڏهن جواب پئي ڏنائين ته: منهنجي نماز هن محبوب جي ابروئن (جي محراب) ۾ آهي ۽ صحيح نماز هيءَ آهي. جڏهن هڪڙي پئي تلقين ڪندي کيس چيو، ته توهان کي شيطان خبيث صحيح راهه کان گمراهه ڪري وڌو آهي. تڏهن جواب ۾ چيائين، ته ههڙي گمراهي ئي سڀ کان بهتر آهي. شيطان ته هي نهايت عمدو ڪم ڪري رهيو آهي مگر ان کي سمجهڻ وارا ٿورا آهن. وري جڏهن ڪنهن شرم، عزت ۽ ننگ ناموس جو طعنو ٿي هنيس، تڏهن ان کي صاف ٿي ٻڌايائين، ته اسان عشق جي پتر سان اهڙي عزت ۽ ناموس کي پرزا پرزا ڪري ڇڏيو آهي.

جڏهن ڪنهن ڪعبي ڏانهن موڙي هلڻ ۽ خدا تعاليٰ
کان معافي وٺڻ لاءِ ٿي چيس ته جواب ٿي ڏنائين ته
مون لاءِ گرجا بس آهي، ان جي چائنٽ تي سر جهڪائي
معافي وٺندس، مان هتي ئي مست آهيان (ڪعبي وڃڻ
جو ڪهڙو ضرور). وري جڏهن ڪنهن دوزخ جو ڊپ
۽ بهشت ڏانهن رغبت ٿي ڏياريس ته ٿي چيائين، ته
دوزخ منهنجي عشق جي آهه اڳيان سرد آهي، باقي
بهشت، سو هن محبوب جي منهن کان وڌيڪ ڪا بي
شي؟. وري جڏهن ڪنهن ڪفر جو طعنو ٿي هنيس
تڏهن جواب ٿي ڏنائين، ته مون ته چاڙهي واڙهي دين ۽
ايمان وڪڻي ڪفر خريد ڪيو آهي.

آخر جڏهن مڙني زور لائي بس ڪيا ۽ سندن سڀ
ڪوششون رائگان ويون، تڏهن هو به مجبور ٿي سندس
غمخواري ڪرڻ لڳا. رات ته ڏکي سکي ويئي گذري
۽ ٻئي ڏينهن صبوح جو هو سڌو محبوب جي گهٽيءَ
۾ وڃي ڪتن سان گڏ رهڻ لڳو. سندس چيلهه جهڙو
منهن به ڏوڙ ۽ ٽپش سبب ڦري ڪارو دونهه ٿي ويو.
قريباً هڪ مهينو سانده سندس اهائي حالت رهي، ان
جي چائنٽ تي پيو رهيو، ۽ ان جي گهٽيءَ جي مٽي
سندس بسترو پئي رهي.

جڏهن هن ان جي گهٽيءَ جي پچر نه ڇڏي، تڏهن
هوءَ ڇوڪري به هن جي مٽس عاشق ٿيڻ کان واقف
ٿي ويئي. تجاهل عارفانه طور اچي ڪانئس پريشانيءَ

جو حال پڇڻ لڳي ۽ چوڻ لڳي، ته زاهد لوڪ ته ڪڏهن به عيسائين جي گهٽين ۾ نه ويهندا آهن؟ شيخ جواب ۾ چيس ته منهنجي هيءَ حالت توڪان ئي آهي، توئي ته منهن جي دل تي ڏاڙو هنيو آهي، هاڻي يا ته منهنجي دل مون کي موٽائي ڏي يا مون سان موافقت ڪر. ڪجهه منهنجي حال تي رحم ڪاءُ، ۽ ناز ۽ نخري کي ڇڏي ڏي. مون سڀڪجهه تولاءِ قربان ڪري ڇڏيو آهي، منهنجو جياپو هينئر تنهنجي مرضيءَ تي وڃي رهيو آهي، ڇالاءِ جو مون پنهنجي جان تنهنجي عشق سان سبي ڇڏي آهي. تنهنجي ياد ۾ هنجون هاريان ٿو ۽ توڪان سواءِ منهنجو هيءُ ئي حال رهندو.

حقيقت هيءَ آهي ته جو ڪجهه مون تو ۾ ڏٺو آهي سو ٻئي ڪنهن ۾ ڏٺوئي نه آهي، ورنه ان جي حالت مون وانگر هجي ها. چوندا آهن ته "لڳي هجيئي تي ڪل پوئي". هاڻي وڌيڪ نه ڏکوئينم ۽ پنهنجي وصل سان نوازيم، ته جيئن منهنجا اڳيان (شان ۽ شوڪت وارا) ڏينهن وري موٽي اچن.

Gul Hayat Institute

ڇوڪريءَ جواب ۾ چيو ته تون اڃا عشق جي راهه ۾ ڪچو آهين، اڃائي لپاڙ نه هڻ ۽ وڃي پنهنجي موت جو سامان تيار ڪر. تون هينئر پوڙهو ٿي ويو آهين ۽ اڃا ٿڌا ساهه کڻين ٿو، تنهنڪري تون عشق ڪمائي نٿو سگهين.

شيخ وراڻي ڏنيس ته توکي جيڪي وڻي، سو تون چوندي رهه، مون وٽ ته تنهنجي عشق کان سواءِ ٻي ڳالهه ئي ڪانهي. عشق ته جوان ۽ پوڙهي ٻنهي تي هڪجهڙو اثر ڪري ٿو.

ڇوڪريءَ ورائي چيس ته: ڀلا جيڪڏهن تون عشق ۾ سچو آهين ته پوءِ توکي پنهنجي دين اسلام کان بلڪل هٿ ڪڍڻو پوندو، ڇالاءِ جو اهو شخص، جو پنهنجي محبوب جي همرنگ (هم مذهب) نه آهي، تنهن جو عشق سواءِ نالي جي، ٻيو ڪجهه نه آهي، ۽ جيڪڏهن تون سچ پچ جوانمرد آهين ته پوءِ توکي چار شيون اختيار ڪرڻ گهرجن (١) بت جي آڏو سجدو ڪر، (٢) قرآن کي باهه ڏيئي جلائي ڇڏ، (٣) شراب پي ۽ (٤) ايمان اکيون ٻوٽي ڇڏ. شيخ جواب ۾ چيو ته: مون شراب نوشي خوشيءَ سان اختيار ڪئي، باقي ٻين ٽن شين سان منهنجو واسطوئي ڪونهي هي ٻڌي ڇوڪريءَ چيس ته ها، هاڻي تون اٿي ڪڙو ٿي ۽ خوب شراب پيءُ، جوش ڪاهُ.

شيخ جو ڇوڪريءَ سان گڏجي گرجا وڃڻ

شيخ جڏهن شراب ۾ الوٽ ٿي ويو، تڏهن عيسائي اچي هن کي پنهنجي گرجا ۾ ڪٺي ويا (جتي ڀڇڻدي ئي هن پنهنجي گودڙيءَ کي جلائي زنار ٻڌو) شيخ، جو ڪنهن وقت قرآن جو استاد ۽ ڪيترن ديني ڪتابن جو ياد حافظ هو، تنهن اهو سڀ ان عيسائي ڇوڪريءَ

جي اڳيان فراموش ڪري ڇڏيو. جڏهن خوب مستيءَ ۾ آيو، تڏهن ڇوڪريءَ کي ڳل لائڻ جي خواهش ڪرڻ لڳو، ليڪن ان چيس، ته تون هن ڪم جو اڇا لائق نه آهين. جيڪڏهن تون سچو عاشق ٿيڻ گهرين ٿو ته پوريءَ طرح سان ڪافر ٿئجي، منهنجي مذهب جي پيروي ڪر، پيءَ حالت ۾ هتان هليو وڃ.

شراب چاڪان ته ڪهنو هو، تنهنڪري شيخ کي بيڪار وانگر سرگردان ڪري ڇڏيائين. شيخ جو عشق نه پختو هو ۽ علاوه ان جي سندس معشوق به اڳيان حاضر هئي، لهذا ان جي اها ڳالهه مڃيائين. ڇوڪريءَ به پوءِ دلداري ڏيندي چيس ته: هاڻي تون عشق ۾ واقعي ثابت قدم ٿيو آهين، تون پنهنجي آرام سان زندگي گذار، هينئر تون بيشڪ منهنجو مڙس آهين ۽ منهنجي لائق آهين (مون سان گويا ملي چڪو آهين).

ليڪن شيخ محض هن جي ان چوڻ تي راضي نه ٿيو ۽ ڪانئس وصل جي حقيقي طلب ڪرڻ لڳو. چيس عرض ڪيائين، ته آخر هن وصل جي لاءِ باقي ڪهڙي چيز وڃي رهي آهي ته جيئن مان اها پوري ڪريان. مون نه شراب پيتو به اختيار ڪيو، بت پرستي به ڪئي ۽ پيون به ڪيتريون ئي مصيبتون سٺيون. ڪنهن وقت ته مان خدا تعاليٰ جي رازن جو هڪ موجون ماريندڙ درياهه هوس، ليڪن هڪ ڏينهن اوچتوئي عشق جو تير لڳي ويو، جنهن مون کي زخمي ڪري وڌو. بهرحال جو ڪجهه ٿيڻو هو، سو ٿي ويو. مون جو به ڪجهه

ڪيو آهي، سو سڀ تنهنجي وصل ماڻڻ لاءِ ئي ڪيو آهي. وصل ۾ جيتريقدر دير پوي ٿي، سان تيتريقدر جلي رهيو آهيان، هاڻي تون پنهنجو انجام پورو ڪر ۽ وڌيڪ نه مار.

ڇوڪري، جا امتحان وٺڻ ۾ اڃا ڪا سخت هئي، تنهن ورائي چيس ته: تون سچو ۽ ڪنگال آهين، منهنجي مهر، سون ۽ چاندي آهي، تون هاڻي وڃي انهيءَ جو ڪو انتظار ڪر، وصال جي ڳالهه پوءِ.

ويچاري شيخ جواب ۾ چيس ته: مون وٽ ته جيڪي ڪجهه هو، سو سارو ئي تنهنجي مٿان گهور ڪري ڇڏيم، باقي جان وڃي رهي آهي، سا به هروقت حاضر آهي. مان تو کان سواءِ هڪ گهڙي به جي نٿو سگهان، توسان منهنجو دوزخ به بهشت آهي ۽ تو بنا بهشت به دوزخ.

جڏهن ڇوڪريءَ شيخ کي عشق ۾ غير متزلزل ڏٺو، تڏهن چيائين ته: تو کي اڃا هڪڙو ڪم ڪرڻو آهي، هاڻي تون وڃي هڪ سال لاءِ منهنجي سوئرن جي سنڀال ڪر. غريب شيخ، جو ڪنهن زماني ۾ ڪعبي جو شيخ ۽ وڏو پير هو، تنهن انهيءَ حڪم جي پيروي ڪندي، هڪ سال سانده سندس سوئرن کي چاريندو رهيو، تڏهن مس وڃي محبوب وٽ مقبول ٿيو.

جيڪڏهن عميق نظر سان ڏٺو وڃي ته معلوم ٿيندو، ته هر انسان جي اندر ۾ سوين سوئر موجود آهن، جن

تي ڪڙي نگراني ڪرڻ جي ضرورت آهي. اهو انسان جو پنهنجي اندر جي سوٽرن کان واقف نه آهي سو هن راهه ۾ اڃا نئون آهي. مؤمن مرد کي گهرجي ته هن راهه ۾ قدم رکڻ کان اڳ، انهن سوٽرن جو خاتمو آڻي.

مريدن جو پنهنجي شيخ جي معاملي ۾ حيران ٿي،

ڪعبي واپس وڃڻ

مريد، پنهنجي مرشد جي هيءَ حالت ڏسي، ازحد پريشان ٿي، سندس دوستيءَ تان هٿ ڪڍي ويا. انهن ۾ هڪڙو شيخ جو گهرو دوست به هو، جنهن پڻ شيخ کي گهڻو سمجهايو ۽ کانئس پڇڻ لڳو ته: تون اسان اڳيان اها حقيقت ته کولي پڌري ڪر، جنهن سبب تو پنهنجو ههڙو حال ڪيو آهي ته جيئن اسين به تنهنجي پيروي ڪنديءَ، عيسائي بڻجي وڃون ۽ زنار ڪٽي پڌون؟

شيخ انهن کي چيو ته: توهان پلي جيڏانهن چاهيو تيڏانهن هليا وڃو، مان عيسائي ڇوڪريءَ جي عشق ۾ گرفتار آهيان ۽ منهنجو ٺڪاڻو گرجا آهي. توهان جو ان شيءِ سان واسطو نه پيو آهي، ورنه توهان منهنجي غم ۾ مون سان شريڪ رهو ها. هاڻي توهان تي اهو فرض آهي ته جيڪڏهن ماڻهو منهنجي متعلق اوهان کان ڪڏهن احوال پڇن ته توهان انهن کي منهنجي بيڪسي ۽ عاجزيءَ جو بلڪل صحيح حال ٻڌائجو. ائين چئي، هو پنهنجي مريدن کان منهن

موڙي سوڻرن کي چارڻ لاءِ روانو ٿي ويو ۽ سندس مريد، آخرڪار روئندا ۽ پٽيندا ڪعبي موٽي آيا.

ڪعبي ۾ شيخ جو هڪڙو گهرو (دل گهريو) مريد رهندو هو جو پڻ ڪامل بزرگ هو، شيخ جي روانگيءَ وقت هو موجود ڪونه هو، تنهنڪري هاڻي موٽڻ بعد شيخ جي جاءِ خالي ڏسي سندس مريدن کان ان بابت پڇڻ لڳو، جن کيس سموري خبر ذري پرزي ٻڌائي.

— جڏهن بزرگ مريد هيءَ سموري ڳالهه ٻڌي، تڏهن تعجب کان سندس منهن پيلو ٿي ويو ۽ اڇي روئڻ ۾ چٽڪيو. پيو مريدن کي چيائين ته، توهان دوستيءَ ۾ بلڪل بيوفا ۽ منافق آهيو. سچو دوست اهو آهي جو ڏکئي وقت ڪم اچي. اوهان تي پنهنجي شيخ جي پيروي ڪرڻ (يعني ته انهيءَ وانگر عيسائي بنجي وڃڻ) لازم هو. توهان جو ڪجهه ڪيو آهي سو وفاداريءَ جي سراسر خلاف ڪيو آهي. ڇا توهان کي خبر نه آهي ته عشق جو بنياد ئي بدناميءَ تي آهي؟

مريدن ٻڌايس ته، اسان سڀيئي سندس تقليد ڪرڻ لاءِ تيار هئاسون، مگر اسان کي موٽائڻ ئي مناسب سمجهيائين. جڏهن اسان جي دوستيءَ مان ڪو فائدو نظر نه آيس تڏهن ته اسان کي جلد واپس ڪيائين.

ان بعد، ان مريد کين چيو ته جيڪڏهن توهان اصل حقيقت کان واقف هجو ها ته سڀيئي هٿ ڪٽي

خداتعاليٰ کي پاڏايو ها ۽ هن کي آخر اوهان تي ڪهل اچي وڃي ها ۽ اوهان جو شيخ اوهان کي موٽائي ڏئي ها.

مريد جي هيءَ ڳالهه ٻڌي، شرمساريءَ کان ڪوبه ڪنڌ مٿي نه ڪري سگهيو، مگر هينئر ڇا ٿي سگهيو ٿي! ان ڪامل مريد، کين وري سمجهايو ته جڏهن هاڻي ڪم اچي سر تي پيو آهي، تڏهن ٻنادير اٿڻ گهرجي، الله تعاليٰ جي در التجائون ڪرڻ گهرجن ۽ اسان سڀني کي جلدي تيار ٿي پنهنجي شيخ وٽ پهچڻ گهرجي.

مريدن جو شيخ ڏانهن واپس ورڻ

سڀئي مريد عرب ڇڏي روم روانا ٿيا. پورا چاليهه ڏينهن سفر ۾ رهيا ۽ ان وچ ۾ نه ڪاڌو نه پيتو ۽ نه ننڊ ۽ آرام هون، ساروئي وقت خداتعاليٰ جي در آهه ۽ زاري ڪندا ۽ پنهنجي مرشد لاءِ شفاعت گهرندا رهيا. آخرڪار انهن ۾ جيڪو وڏيڪ پاڪ دل هو تنهن جي دعا وڃي اثر ڪيو ۽ پرهه ڦٽيءَ مهل هن حضرت محمد صلعم جن جي ننډ ۾ زيارت ڪئي جنهن کيس دلداري ڏني ته اسان توهان جي شيخ کي ٻند مان آزاد ڪرايو آهي ۽ هيءَ تنهنجي عالي همت جوئي نتيجو آهي.

هو پوءِ خوشيءَ ۾ مدهوش ٿوڙندو آيو ۽ اچي پنهنجي ساٿين کي هيءَ خوشخبري ٻڌائي ۽ بعد ۾ سڀئي

ڳڌجي اچي پنهنجي شيخ جي هنڌ سهڙيا (پهتا). ڏاڍائون نه هو باوجود بيقراريءَ جي خوش هو، نه وٽس ناقوس هو ۽ نه زنار، نه ڪفر جي ٽوپي ۽ نه ڪا عيسائيت. مطلب ته ڪفر جي هر داغ کان صاف ۽ پاڪ ٿي چڪو هو ۽ جو ڪجهه دين مان وساريو هئائين سو سمورو موٽي ياد آيس. شرم کان سندس اکيون خون سان پريل ۽ جسم پگهر سان تمتار هو.

مڙي چيائونس، ته الله تعاليٰ جو شڪر آهي جو ڪفر جي جاءِ تي وري ايمان موٽي آيو ۽ روم جو بت پرست، خداتعاليٰ جو پوڄاري بڻجي پيو. اسان جون دعائون وچي اڪهاميون ۽ الله تعاليٰ جي رسول شفاعت ڪئي. هينئر هي وقت شڪر جو آهي ۽ نه غمخواريءَ جو. مطلب ته، شيخ اٿي غسل ڪري صوفيانو لباس پهريو ۽ پنهنجي مريدن سان ڳڌجي حجاز روانو ٿيو.

ڇوڪريءَ جو خواب ڏسڻ ۽ شيخ جي پٺيان پوڻ.

شيخ جي اتان رواني ٿيڻ بعد، هڪ رات عيسائي ڇوڪريءَ خواب ۾ ڏٺو ته سج سندس هنج ۾ اچي، ڪيس شيخ جي پٺيان في الفور وڃڻ لاءِ چيو ۽ اهو به چيائينس ته تون ان جو دين اختيار ڪري سندس تابعدار ٿي رهه، ناداني ڇڏي ڏي ۽ دانائي اختيار ڪر.

جڏهن خواب مان بيدار ٿي تڏهن پاڻ کي بيقرار ۽ درد مند ڏٺائين. سمجهي نه سگهي ته آخر هيءَ بيقراري اندر ۾ ڪهڙو ٻج ڇٽينديءَ. نه سندس ڪو ساٿي هو ۽

نہ همراهہ ۽ نہ رستي جي ڪا خبر چارہ بهرحال، هوءَ نعرو هڻندي، ڪپڙا ڦاڙيندي ۽ مٿي مٿي تي هاريندي رواني ٿي. عاجز ۽ پريشان، ڳوڙهہ وهائيندي ويئي ۽ خداتعاليٰ کي هردم نيزاريون ڪرڻ لڳي، تہ جيئڻ تہ مان نمائي عورت آهيان تنهنڪري اي منهنجا مولا! منهنجي ڪارسازي ڪر، مون کان جو ڪجهہ ٿيو تنهن جو بدلو نہ چُڪائينم، مان هينئر مري رهي آهيان، منهنجي دستگيري ڪر!

هوڏانهن وري شيخ کي دل ۾ آگاهہ ڪيو ويو تہ عيسائي ڇوڪري، پنهنجو سڀ ڪجهہ ڇڏي اسان جي دوستي خريد ڪئي آهي، ۽ اسان جي ئي رستي تي گامزن آهي. تون پويان پير ڪري وڃي سندس همدم ۽ همرا ٿي. شيخ فوراً هوا تي آڏاڻو ۽ پنهنجي مريدن ۾ شور برپا ٿي ويو. چوڻ لڳا تہ اي مرشد سائين! تنهنجي هيءَ منهن موڙ ۽ ڊڪ ڊوڙ آخر ڇالاءِ هئي؟ توبهہ ڪري وري عشق بازي ڪرڻ نهايت ئي بيجا حرڪت آهي.

شيخ، ڇوڪريءَ جي ڳالهہ ڪري ٻڌائي ۽ جنهن ۾ آها ڳالهہ ٻڌي تنهن پنهنجي جان تان هٿ ڪڍي ڇڏيو. پوءِ آهي سڀيئي اچي ان محبوب وٽ پهتا جنهن جو منهن زرد ۽ وار گرد آلوده هئا. پيرن اگهاڙي، ڪپڙن ڦاٽل، هڪڙي مردي مثل مٽيءَ جي ڍير تي پئي هئي. شيخ هيءَ حالت ڏسي سندس ڳلن تي پنهنجي اکين مان ڳوڙها هارڻ لڳو، جنهن تي ان جي اک،

کلي ۽ شيخ کي ڏسي، اکين مان نار وهائڻ لڳي؛ ۽ کيس عرض ڪرڻ لڳي ته هينئر اصل حقيقت منهنجي اکيان کول ۽ اسلام پيش ڪر ته جيئن مان سنئين راهه تي اچان. شيخ جي اسلام پيش ڪرڻ تي هوءَ يڪدم مسلمان ٿي پيئي ۽ وڃي معرفت کي رسي ۽ ايمان جي ذوق کان پوريءَ طرح آگاهه ٿي ويئي ۽ چوڻ لڳي، ته ايمان جي چاشني چکڻ کان پوءِ منهنجي دل بيقرار ٿي پيئي آهي، هينئر منهنجو بچڻ ڪونهي، اي شيخ صنعان الوداع، الوداع!

ائين چئي دم ڏنائين ۽ مجاز جي درياءَ جو هيءُ قطرو وڃي، حقيقت جي سمنڊ سان مليو. عشق جي رستي ۾ اهڙائي واقعا پيش ايندا، مگر ماڻهو انهن رازن کي سمجهي نٿا سگهن. دل جي، نفس سان جنگ هروقت سخت رهي ٿي. اي انسان! تون پنهنجي حال تي ماتم ڪر، هي واقعي ماتم جي جاءِ آهي.

معشوقه جي مرڻ کان پوءِ، شيخ جي جان به جلي ويئي ۽ پنهنجي ساٿين کي سڏي چيائين، ته عشق جي شروعات ۽ پڇاڙي ائين ئي ٿيندي آهي. جو شخص ان جي ڦاهيءَ ۾ ڦاسڻ چاهي، تنهن کي دير نه وجهڻ گهرجي. مون عشق جي پڪيءَ کي سوگهو پڪڙيو آهي، هينئر ان بغير منهنجو زنده رهڻ ناممڪن آهي. مان هينئر پنهنجي محبوب جي طرف بهشت وڃي رهيو آهيان.

Gul Hayat Institute

صبوح جو عيسائي ڇوڪريءَ دم ڏنو ۽ منجهند جو شيخ به موڪلايو. مريدن انهن جي هڪ ئي قبر بنائي ۽ ٻنهي کي هڪٻئي جي آغوش ۾ سمهاريو. ڪجهه وقت گذرڻ بعد انهن ٻنهي جي قبر مٿان هڪ سرو جو بلند وڻ پيدا ٿيو ۽ علاوه ان جي الله تعاليٰ پنهنجي فضل سان هڪ مٺي پاڻيءَ جو چشمو پيدا ڪيو اها زمين ڪيترن ميلن ۾ سرسبز ۽ شاداب پکڙيل پيئي آهي. ان جهڙي دنيا ۾ بي ڪا جاءِ ئي ڪانهي. جيڪڏهن توکي اها جاءِ نصيب ٿي پوي ته تون اتي سدائين بهار ڏسندين ۽ سدائين ميوا ۽ گل موجود.

اهي ٻئي وڏي مرتبي وارا هئا ۽ عاشقي جو گل پيدا ڪن ٿا. عشق جا ڪم ئي عجيب آهن. اها جاءِ اڄا تائين ڪعبي ۽ روم درميان عام ۽ خاص جي زيارتگاهه بڻيل آهي. ڪاش، عطار جي هن قصي کي ڪو سمجهي.

سيمرغ ڏانهن وڃڻ لاءِ پکين جو پاڻ ۾ متفق ٿيڻ

جڏهن پکين هي قصو ٻڌو، تڏهن پنهنجيون جانيون قربان ڪرڻ لاءِ تيار ٿي ويا ۽ سيمرغ ڏانهن وڃڻ لاءِ عزم بالجزم ڪيائون. سڀني ملي صلاح ڪئي ته اسان کي پنهنجي لاءِ هڪ قابل 'پيشوا مقرر ڪرڻ گهرجي، جو نه فقط اسان جي ڪاروبار جي نگراني ڪري، مگر اسان جي خاص ڪري هن ڏکيءَ راهه ۾ رهبري به ڪري ۽

Gul Hayat Institute

اسان کي ان جي حڪم کان سواءِ ڪنهن ٻي ڳالهه جي پيروي ڪرڻ نه گهرجي. جيڪڏهن قسمت ياوري ڪئي ته وڃي ڪوهه قاف رسنداسين ۽ پنهنجي بادشاهه سيمرغ جي پاڇي جي نعمت کان ڀرپور ٿينداسين.

آخر فيصلو ڪيائون ته پيشوائيءَ جي چونڊ لاءِ ڪٿا وڌا وڃن ۽ پوءِ جنهن جي نالي تي ڪٿو نڪري تنهن جي ڪئي پيروي ڪريون. جڏهن ڪٿا ڪڍيائون ته هدهد جو نالو نڪري آيو. پوءِ سڀني ان کي پنهنجو رهبر ۽ سردار ڪري ورتو ۽ ان جي حڪم جي بجاآوريءَ ۾ دل ۽ جان ڏيڻ کان دريغ نه ڪيو.

پکين جو هدهد جي مٿي تي تاج رکڻ ۽ ڪوهه قاف روانو ٿيڻ

رهنما هدهد پهلوان جيئن ٻاهر آيو، تيئن پکين مڙي سندس مٿي تي چٽ (تاج) رکيو. پکيءَ جي ڳاٽيءَ کان ٿي ٻاهر هئا، سي هدهد سان گڏجي سيمرغ جي طرف روانا ٿيا. جڏهن پري کان ڪين هڪ وادي نظر آئي، تڏهن سندن دلين ۾ ڇڪ ٻاهه لڳي ويئي. چاڪاڻ ته رستو ڏکيو هو، ۽ سندن بار به ڳرو هو، تنهنڪري سڀيئي ملي يڪمشت ٿي ويا (ته جيئن هن راهه کي گڏجي طئي ڪن). رستي ۾ سڪون ۽ آرام هو، نه منجهس ڪا اڇ وڃ ۽ نڪو شر ۽ خير. هيءَ حالت ڏسي هڪ پکي هدهد کان پڇيو ته: آخر هيءَ راهه خالي ڇو آهي؟ جنهن تي هدهد جواب ڏنس ته: بادشاهه جي عزت ۽ شان سبب ٿي خالي آهي.

چانڊوڪيءَ رات ۾ بايزيد بسطاميءَ جو ٻاهر وڃڻ

هڪڙي دفعي چانڊوڪيءَ رات ۾ بايزيد بسطامي گهر کان ٻاهر نڪري، ڪليل ميدان ۽ جهنگ جي ارگرد ڦرڻ لڳو. مگر هرهند سناٽو ڇانيو پيو هو. دل ۾ جوش پيدا ٿيس، پر سمجهي نه سگهيو، ته ايتريقدر بلند دربار مشتاقن کان آخر خالي ڇو آهي. غيب مان آواز آيس، ته هتي ته ڪيترائي سال انتظار ڪرڻو پوي ٿو، تڏهن مس ڪا وار ملي ٿي.

رستي جي هولناڪيءَ کان پکين جو فرياد

رستي جي هولناڪي ۽ هيبت ڏسي، ويچارا پکي دهلجي ويا. ان جو ڪو ڇيڙوئي نظر نٿي آين ۽ نه پنهنجي درد جو ڪو مرهم. انهيءَ هنڌ بيپرواهيءَ (استغنيٰ) جي هوا اهڙي تيز پئي گهلي جو آسمان جي پٺي ڀڄي ٿي. اهڙو بيابان هو، جنهن ۾ آسمان جو مور ٿي اڏي نٿي سگهيو، تڏهن ان هنڌ، هن جهان جي پکين کي پرواز ڪرڻ جي ڪهڙي طاقت ٿي سگهي ٿي. هيءُ حال ڏسي، سڀيئي گڏجي اچي، هدهد کي چوڻ لڳا، ته تون خوب ڄاڻين ٿو ته ڪنهن بادشاهه جي اڳيان بي ادبيءَ سان وڃي نٿو سگهجي. تون حضرت سليمان وٽ رهيو آهين ۽ ان جي شاهي مسند تي به ويٺو آهين، شاهي آدابن جي رسمن کان چڱيءَ پر آگاهه آهين، امن ۽ خطري جي جاين کان به واقف آهين، تنهنڪري هاڻي اسان جي راءِ هيءَ آهي ته تون هن هنڌ منبر تي

چڙهي، پنهنجي قوم کي رستي ڏئي ڪرڻ جون ترڪيبون ٻڌاءِ ۽ بادشاهي آدابن جي رسمن کي سندن اڳيان کولي بيان ڪر، ڇالاءِ جو هيءَ ڏکيو رستو ناداني سان ڪڏهن به طئي ٿي نٿو سگهي ۽ نه وري شڪ ۽ شبهي جي حالت ۾ صاف ٿي نظر ايندو. هرهڪ دل ۾ ڪانه ڪا مشڪل آهي، حالانڪ هن رستي لاءِ فارغ البالي گهرجي. تون پهرياڻين اسان جي دلين جي مشڪلاتن کي دور ڪر ته پوءِ اسين پنهنجو ارادو نيڪ ۽ درست ڪريون. دل جڏهن خطرات کان خالي ٿي، تڏهن پوءِ سِر محبوب جي در هروقت قربان.

هدهد جو تخت نشين ٿي گفتگو ڪرڻ

هدهد تاج پهري، تخت تي ويهي، پکين جي اڳيان گفتگو شروع ڪئي، جي سڀئي صفون ٻڌيو بيٺا هئا. پهرياڻين بلبل ۽ ڳيري، ٻن قارين جي طرح مٺي آواز سان سندس اڳيان آيا. سندن آواز اهڙو ته شيرين ۽ موهيندڙ هو، جنهن ٻڌندڙن کي بيقرار ۽ مدهوش ڪري ٿي ڇڏيو. هرهڪ تي هڪ خاص حالت طاري هئي، ان کان پوءِ هدهد اچي حقائق تان پردو هٽايو ۽ رازن کي کوليو.

هڪ پکيءَ جو سوال

هدهد کان هڪڙي پکيءَ اچي پڇيو ته، آخر ڪهڙي ڳالهه جي ڪري تون اسان کان سبقت حاصل ڪري ويو آهين؟ اسين آهيون ته سڀيئي هڪجهڙا، پوءِ خبر

نہ آهي تہ هي تفاوت ڇو آهي. اسان کان ڪهڙي خطا ٿي، جنهن سبب تون وڏي مرتبي وارو ٿي وئين ۽ اسين ذليل ۽ هيچڪس!

هدهد جو جواب

اي پرندؤ، مون تي هڪ دفعي حضرت سليمان جي گهڙي کن نظر پئي. مون هي ۽ عزت، زر ذريعي حاصل نہ ڪئي آهي، بلڪ اها ان هڪ نگاهہ جوئي نتيجو آهي. ههڙي عزت اطاعت سان ڪئي ٿي دستياب ٿي سگهي. خود ابليس زياده اطاعت ڪئي هئي؛ ليڪن جيڪڏهن هتي ڪو ائين چوي تہ اطاعت جي ڪا ضرورت ڪانهي تہ اهڙي تي هروقت لعنت هجي. تون هڪڙي گهڙي بہ اطاعت نہ ڇڏ، البت تون ان تي ناز بہ نہ ڪر. پنهنجي ساري ڄمار اطاعت ۾ گذار تہ جيئن سليمان توتي رحم جي نظر فرمائي، ۽ جڏهن تون وٽس مقبول ٿي ويندين تہ پوءِ تہ تون واقعي هڪ وڏي مرتبي کي پهچي وئين. هن حقيقت کي سمجهڻ لاءِ مان توکي بہ ٽي حڪايتون ٻڌايان ٿو.

سلطان محمود جو هڪڙي شڪاري ڇوڪري سان شرڪت ڪرڻ

ڳالهہ ٿا ڪن، تہ هڪڙي دفعي سلطان محمود پنهنجي لشڪر کان الڳ ٿي ويو ۽ گهوڙو ڊوڙائيندو اچي هڪ درياءَ جي ڪناري تي پهتو، جتي هڪڙي ڇوڪري

Gul Hayat Institute

مڇي ڦاسائڻ لاءِ درياءَ اندر ڪنڌي وڌي هئي. ڇوڪرو گهڻو غمگين ۽ ڏکويل ٿي نظر آيو، تنهنڪري سلطان ان جو ڪارڻ سبب پڇيو. هن جواب ۾ چيو ته: اسين ست يتيم ٻار آهيون ۽ اسان جي والده نهايت ٻڍي، هڪڙي ئي ڪنڌ ۾ فقيرياڻي ٻڻي ويٺي آهي. سڄو ڏينهن مڇي ڦاسائڻ لاءِ ڪيترين تڪليفون ونندو رهان ٿو، تڏهن مس وڃي ڪا هڪ مڇي ٿي هٿ اچي، ۽ اها به فقط رات جو قوت ٿي ٿئي! هي ٻڌي بادشاهه چيس، ته جيڪڏهن تون مون کي پنهنجو شريڪ ڪرڻ چاهين ته مان ائين ڪرڻ لاءِ تيار آهيان. ڇوڪرو ازحد راضي ٿيو، ۽ پوءِ بادشاهه پاڻ ڪنڌي اڇلائي، جنهن جي نتيجي ۾ هڪ سئو مڇيون شڪار ٿيون. هيءَ حالت ڏسي، ڇوڪري کي ڏاڍو عجب لڳو! جنهن تي بادشاهه ٻڌايس ته اها ساري دولت انهيءَ ڪري هٿ آئي، جو بادشاهه تنهنجو، ماهيگير ٻڻيو آهي.

ائين چئي، بادشاهه گهوڙي تي سوار ٿي روانو ٿيو. ٻئي ڏينهن، جڏهن پنهنجي محل ۾ داخل ٿيو، تڏهن ان ڇوڪري جي يادگيري آيس. يڪدم سپاهي روانو ڪري، کيس پاڻ وٽ گهرائي، پنهنجي مسند تي گڏ ويهاريائينس. درٻاري هيءُ حال ڏسي تعجب ۾ اچي ويا، ۽ ان ڇوڪري کان اهڙي عالي مرتبي تي فائز ٿيڻ جو سبب پڇڻ لڳا! جنهن جي جواب ۾ هن چيو، ته هي سڀ بادشاهه سلامت (صاحب دولت) جي نظر جو نتيجو آهي.

حضرت جنيد جو هڪڙي خونيءَ کي خواب ۾ ڏسڻ

هڪڙو خوني، جنهن کي بادشاهه قتل ڪري ڇڏيو هو، تنهن کي حضرت جنيد خواب ۾ بهشت اندر هشاش بشاش گهمندو ڦرندو ڏٺو. کانئس پڇيائين ته تون هن درجي کي ڪيئن پهتو آهين، حالانڪ تنهنجا عمل ته اهڙا هئا ئي ڪونه؟ جواب ۾ خونيءَ ٻڌايس ته، جنهن وقت منهنجو رت زمين تي ڪري رهيو هو، تنهن وقت حبيب عجمي * منهنجي اڳيان لانگهائو ٿيو ۽ پوشيده طور مون تي هڪ نظر ڪئي. هاڻي هيءَ عزت محض ان هڪ نظر سبب حاصل ٿي اٿم. جنهن بہ شخص تي ڪنهن صاحب دل جي نظر پئي ٿي، سو هڪ پل اندر فرش کان عرش تائين پهچي وڃي ٿو. جيستائين توتي ڪنهن صاحب دل صوفيءَ جي نظر نہ پيئي آهي، تيستائين تون پنهنجي وجود کان ئي بيخبر آهين. هن رستي ۾ پير (مرشد) جي ضرورت آهي، ان بغير هي ڏکيو ۽ اڙانگو رستو طئي ٿي نٿو سگهي.

سلطان محمود ۽ هڪ پورسن ڪاٺير

هڪ دفعي اهڙو اتفاق ٿيو، جو سلطان محمود، شڪار ڪندي، پنهنجي لشڪر کان جدا ٿي ويو. پري کان هڪ ڪاٺير نظر آيس، جنهن جي ڪاٺين جي لَڏ

* حبيب عجمي، هڪ عالي مرتبي وارو صوفي ٿي گذريو آهي. هو حضرت حسن بصريءَ جو مريد هو.

گڏهه تان ڪري پيئي هئي. نزديڪ وڃي ڪيس چيائين ته: جيڪڏهن تون مون کي پنهنجو يار (مددگار) ڪرڻ چاهين ته مان حاضر آهيان. ٻڍي هي ٻڌي وراڻي ڏني ته: تنهنجي ته ان ۾ سراسر ڀلائي آهي. مان تنهنجي منهن ۾ حسن جي جهجهي جهلڪ ڏسان ٿو ۽ حسين (هونءَ به) ته هميشه مهربان هوندا آهن.

بادشاهه، گهوڙي تان لهي اها ڪانئڻ جي لڏ پنهنجي هٿن سان گڏهه تي رکي واپس لشڪر ڏانهن روانو ٿيو. پهچندي ئي لشڪر کي حڪم ڪيائين ته هڪڙو ٻڍو منهنجي طرف اچي رهيو آهي، تنهنڪري هن جا پيا سيئي رستا (سواءِ مون واري رستي جي) بند ڪريو ته جيئن هو مون کي ڏسي سگهي. پيرسن هيءَ رستي روڪ ڏسي گهبرايو گهڻوئي، مگر پري کان بادشاهه جي چٽي ڏسي پنهنجي لڏيل گڏهه سميت اچي آتي پهتو. چٽيءَ جي هيٺان دوست (آشنا) کي ڏسي گهڻو شرمندو ٿيو ۽ چوڻ لڳو ته، اي الله! مون محمود بادشاهه کي پنهنجو حمل (ڪولي) ٻڌايو!

بادشاهه ڪانئس حال دريافت ڪيو، جنهن تي هن جواب ڏنو ته، مان هڪ عيالدار ۽ غريب آهيان، ڪانئون ڪري گذر ڪريان ٿو، تون مون تي مهرباني ڪرين ته ڪري سگهين ٿو: منهنجو حال ڪو توکان ڳجهو ڪونهي. ان تي بادشاهه چيس ته، چڱو پنهنجي ڪانئن جي قيمت ٻڌاءِ ته توکي ڏيون؟ ٻڍي جواب ڏنو ته، سائين! سون جي ڏهن ٿيلهين کان گهٽ ۾ ڪونه

وڪڻندس. سلطان جي لشڪر، هي ٻڌي تنبيهه ڪيس ته اڙي بيوقوف خاموش ره، هيءَ پري ٻن جوَن جي قيمت مس ٿي رکي! ٻڌي وراڻي ڏني ته، اٺين برابر آهي، ليڪن خريدار نهايت عمدو ۽ عالي مرتبي وارو آهي. جڏهن منهنجي ڪاٺين تي هڪ بادشاهه پنهنجو هٿ ڦيريو آهي تڏهن انهن جي قيمت به گهڻو وڌي ويئي. بادشاهه هيءَ ڳالهه ٻڌي کيس گهڻو سون عطا ڪيو ۽ حڪم ڪيو ته هن کي ڏهه ٿيلهيون سون جون ڏنيون وڃن!

هڪڙي ٻئي پکيءَ جو سوال پڇڻ

هڪڙي ٻئي پکيءَ هدهد کان سوال ڪيو ته، جڏهن ته مان گهڻو هيڻو ۽ ناتوان آهيان ۽ ڏاڍو عاجز ۽ بي بس آهيان تڏهن هن راهه تي پلا ڪيئن هلي سگهندس؟ وادي گهڻو دور ۽ رستو ڏاڍو اوکو آهي؛ علاوه ان جي وچ تي ڪيترائي آتشي پهاڙ آهن. مان ته پهرينئي منزل ۾ ختم ٿي ويندس. هيءُ ڪم هر ڪنهن جو نه آهي. هن راهه ۾ ڪيتريون ئي جانيون قربان ٿي ويون ۽ خون جا درياءَ وهي هليا ۽ ڪيترنئي ڏاهن اچي پنهنجو ڪنڌ نوايو. اهڙي راهه، جتي سچن پچن جوانمردن به پنهنجي عاجزي ڏسي شرم کان ڪنڌ منهن ڍڪيو، تتي مون جهڙي ڪمزور جو ڪهڙو حال ٿيندو؟ جيڪڏهن مان اهڙو قصد ڪندس ته يقيناً خوار ۽ خراب ٿيندس.

هدهد جو جواب

اڙي ٻڍا، تون ڪيسيتائين پنهنجي دل هن ٻند ۾ رکيو ايندين. هن راهه ۾ جوان خواه ٻڍو، ڳالهه ساڳي آهي. ساري دنيا گندگيءَ سان ڀري پئي آهي ۽ نادان ان ۾ پيا ليٽڙيون ڪائين. اسان هن راهه ۾ تڪليف سان مرون ته اهو بهتر آهي جو هن گندگيءَ ۾ غلطان پيا رهون باقي جيڪڏهن عشق جي خاطر خواري ڪڻي ٿي پوي ته اهڙي خواري ڀلي ڪنهن وچي ۽ اها سونهين به ٿي. ها، جيڪڏهن ڪو ائين چوي ته، هي عشق جو خيال مڙيوئي دوکو آهي ۽ تون ان هند پهچي ٿي ڪونه سگهندين ته اهڙي دوکي ۾ اچي جان ڏيڻ هزار بهتر آهي. آخرڪار دنيا سان هي تعلّق ۽ هيءَ تن پروري ڪيستائين.

اي انسان! جيڪڏهن تون واقعي ڪم وارو (ڪارائتو) ماڻهو آهين ته پوءِ هن رستي ۾ پير رک (ڪُڏي پؤ) ۽ زنانپڻو ڇڏي ڏي. تون هيءَ ڳالهه يقين سان سمجهي ڇڏ ته تنهنجي هيءَ طلب (تلاش) اصلي ۽ حقيقي شيءِ آهي پوءِ ڀلي ڪڻي ڪو ان کي ڪفر ڇونه سمجهي. اهڙو ڪفر زيبا آهي ۽ عشق جي طلب کان سواءِ پيو سڀڪجهه اجايو ۽ بي معنيٰ آهي. جنهن به شخص جي سيني ۾ عشق اچي ديرو دمايو تنهن پنهنجي هستيءَ تان دل ڪڻي ڇڏي. عشق جڏهن وڻي ٿو تڏهن گهڙي به ڇڏي نٿو ۽ مارڻ به ان بعد غريب عاشق کان خون

ٻها جي گهڻ ڪري ٿو، رنج رسائڻ کان سواءِ ڪو آرام نٿو ڏئي ۽ جيڪڏهن ڪو ڪاڏو ڏئي ٿو ته اهو به جگر جي خون سان پريل. عاشق پاڻي ڪٺلي ڪان به وڌيڪ ضعيف چونه هجي، عشق هروقت ان تي زور لائيندو (رهندو) رهي ٿو، جنهن سببان ضعف، قوت ۾ تبديل ٿي وڃي ٿو. انسان جڏهن خطرن جي درياءَ (عشق) ۾ گهڙيو ته پوءِ جگر جي خون بغير ڪٿي ٿو لقمو کائي سگهي. هاڻي هڪڙي حڪايت ٻڌايان ٿو، جنهن کي ڪن لائي ٻڌ:

شيخ خرقانيءَ جي حڪايت

هڪڙي دفعي شيخ خرقاني، نيشاپور شهر ۾ آيو ۽ سفر جي تڪليف سبب، اچڻ سان بيمار ٿي پيو. هفتو ڪن ته هڪ ڪنڊ ۾ بکيو پيو رهيو. آخر جڏهن بک ڏاڍو اچي تپايس تڏهن خداتعاليٰ کي هڪ مانيءَ لاءِ عرض ڪيائين. ليڪن غيب مان فوراً آواز آيس ته، تون هينئر ٻهارو کڻي نيشاپور جي ساري ميدان کي وڃي ٻهار، تو کي ان مزوريءَ جي عوض اڌ جَوَ برابر سون هٿ ايندو جنهن سان تون ماني وٺي کاءِ. ويچاري جواب ۾ چيو ته جيڪڏهن مون وٽ ٻهارو ۽ پروڻ هجي ها ته پوءِ آهي چونه وڪڻي کڻي ماني وٺان ها. مان بي سرو سامان آهيان ۽ جگر جو سارو خون پي چڪو آهيان. مون مسڪين کي وڌيڪ تڪليف نه ڏني وڃي. غيبي آواز کيس وري خبردار

ڪيو ته بغير پورهئي جي، مفت ۾ ماني نه ملندي! گهڻيءَ زاري ۽ پريشانيءَ ڪان پوءِ، نيٺ هن هڪڙي شخص کان ٻهارو ۽ پروڻ هٿ ڪري، نيشاپور جو سارو ميدان ٻهاريو، جنهن جي بدلي ۾، جو سون ذرو مليس، تنهن سان هن ماني وٺي کاڌي، مگر اتي خوشيءَ ۾ ٻهارو ۽ پروڻ ٻئي وساري ويٺو. جڏهن اهي ياد آيس، تڏهن ڏاڍو پريشان ۽ حيران ٿي چوڻ لڳو، ته آخر مان غريب انهن جي چٽي ڪٿان پري سگهندس؟ انهن جي تلاش ۾ چرين وانگر ڦرندو رهيو، تان جو اچي هڪ ويران جڳهه وٽ پهتو، جتي اوچتوئي اوچتو ٻهاري ۽ پروڻ کي ڏسي، حيرت زده ٿي ويو. ان وقت غيب کان آواز آيس ته اي بدمزاج! پورهئي کان سواءِ (رکيءَ) مانيءَ ۾ مزو نه هوندو آهي. جڏهن تو ڪجهه ڪمائي ڪئي، تڏهن باقي رهيل جو اسان پورائو ڪيو. ڀلا، پورهئي بغير ڪو ڦل حاصل ٿي سگهندو؟

هڪ ديواني جو قصو

هڪڙو ديوانو، جو ننگو وڃي رهيو هو، تنهن ماڻهن کي ڀريل سهريل ڏسي، خدا تعاليٰ کان هڪڙي چوغي جي طلب ڪئي. هاتف آواز ڏنس، ته تون اس ۾ وڃي پاڻ کي ڪوسو ڪر، انهيءَ لاءِ ته اسان سج کي گرم بنايو آهي؛ ليڪن هن ديواني وري به چوغي لاءِ عرض ڪيو، جنهن تي ڪيس ڏهن ڏينهن لاءِ صبر

ڪرڻ جي تلقين ڪئي ويئي. ڏهن ڏينهن گذري بعد، هڪڙو شخص، جو هوا جيان تيز اچي رهيو هو، تنهن هن آس سڙيل کي هڪ سبيل چوغو ڏنو، جنهن کي ڪيترائي پيوند لڳل هئا. هيءَ حالت ڏسي، ان ديواني کيس چيو، ته اي رازدان! ائين معلوم ٿو ٿئي ته تون انهيءَ ڏينهن کان (جنهن ڏينهن کان مون ان چوغي جي گهر ڪئي هئي)، وٺي هن گودڙيءَ کي سندو رهيو آهين. ڇا تنهنجي خزاني ۾ بيا ڪپڙا سڙي ويا، جو تون هن ٿيگڙين لڳائڻ ۾ لڳي وئين! پلا پڌاء ته سهي، ته تو اهڙو درزڪو ڪم ڪنهن کان سکيو آهي؟ ان جواب ۾ چيس، ته اي يار! انهيءَ (الله تعاليٰ) جي درگاهه ۾ باريابي حاصل ڪرڻ ڪو آسان ڪم نه آهي. انهيءَ جي راهه ۾ اسان کي خاڪ ٿيڻ گهرجي. ڪئين لوڪ پري کان ڪهي هن درگاهه تي آيا، ڪڏهن سڙي ويا ته ڪڏهن (سڙڻ بعد) چمڪي روشن ٿي نڪتا. اڪثر ڪري ائين ٿئي ٿو، جو جڏهن ڪنهن مدت بعد ماڻهو پنهنجي مقصد کي اچي ويجهو پوي ٿو، تڏهن مقصود ماڻڻ کان محروم رهجي وڃي ٿو.

رابعه عدويه جو حج تي وڃڻ

مردن جي سرتاج بيبي رابعه، پورا ست سال مڪي طرف حج لاءِ ڪلهن پر هلندي رهي. جڏهن حرم جي ويجهو آئي، تڏهن چوڻ لڳي، ته هاڻ مون پنهنجو حج گويا پورو ڪيو؛ پر جڏهن هڪ ڏينهن هن ڪعبي

ڏانهن وڃڻ جو رخ ڪيو ته اوچتوئي اوچتو ماهواريءَ جو شڪار ٿي پيئي! پوئين پيرين ٿي چوڻ لڳي، ته اي منهنجا پروردگار! مون ست سال ڪلهن ڀر سفر ڪيو ۽ جڏهن حج جي بازار گرم ڏٺم، تڏهن تو منهنجي راهه ۾ ڪٽي هيءَ ڪنڊا اڇلايا. هاڻي يا ته پنهنجي گهر ۾ رهڻ ڏينم يا وري اچڻ جي اجازت ڏينم؟

اي انسان، تون سمجهي ڇڏ ته جيستائين ڪو شخص رابعه وانگر عاشق نه ٿيو آهي، تيستائين هو هڪ عارف جي قدر ۽ منزلت کي ڪيئن سڃاڻي سگهندو. تون جيستائين هن فضيلت جي سمنڊ (دنيا) ۾ پيو ترندين، تيستائين ان اندر رد ۽ قبول جون موجون اٿنديون ٿي رهنديون. هاڻي جيڪڏهن تون هن ڪُن مان سر ٻاهر ڪڍندين ته هر گهڙيءَ اطمينان جو ساهه کڻندين (۽ ان اطمينان ۾ اضافو آڻيندين)؛ پر جيڪڏهن انهيءَ ڪُن ۾ قائل رهندين ته تنهنجو مٿو چڪيءَ جي طرح پيو ڦرندو ۽ توکي گهڙي پلڪ به آرام نصيب نه ٿيندو.

Gul Hayat Institute

هڪڙي شخص جي هڪ ديواني سان ملاقات

هڪڙو شخص، هڪ دفعي هڪڙي ديواني وٽ آيو، جو هڪ ڪنڊ ۾ ذليل ۽ خراب حالت ۾ پيو هو. ان کي چيائين، ته مان تو ۾ اهليت ڏسان ٿو ۽ هن اهليت ۾ توکي اطمينان به آهي. ديواني جواب ۾ چيو، ته اطمينان ڪنهن ڪان حاصل ڪيئن ٿي سگهي ٿو،

جڏهن مون کي پُسوئن ۽ مکين کان رهائي ڪانهي. سارو ڏينهن مکين جي عذاب ۾ مبتلا ۽ ساري رات پُسوئن جي آزار کان بي آرام. نمرود جي مٿي ۾ فقط هڪڙو مڇر ويو، جنهن سبب سندس مٿو پريشان ٿي پيو ۽ سندس دل دونهي سان ڀوساڙجي ويئي. مان شديد پنهنجي وقت جو نمرود آهيان، جنهنڪري هي مڇر، ڀُسون ۽ مکيون نصيب ۾ پلئه پيون اٿم!

هڪڙي ٻئي پکيءَ جو سوال ڪرڻ

هد هد کان هڪڙي ٻئي پکيءَ پڇيو، ته مان ڏاڍو گنهگار آهيان، هاڻي هيترن گناهن هوندي، مان انهيءَ هنڌ ڪيئن ٿو وڃي سگهان! جڏهن ڪو پکي گناهن ۾ سراسر غلطان آهي، تڏهن ڪيئن ڪوهه قاف تائين پهچي سيمرغ جي ملاقات جو لائق بڻجي سگهي ٿو؟ جڏهن هڪ گنهگار انهيءَ بادشاهه جي رستي کان ٿي ٿڙي ويو، تڏهن هاڻي ڪيئن ٿو بادشاهه جو قرب حاصل ڪري سگهي!

هد هد جو جواب

اڙي غافل! تون ان کان نااميد نه ٿيءُ ۽ هميشه ان جي مهربانيءَ جو طالب ٿي رهه. تون جيڪڏهن آساني ۽ آرام ۾ رهڻ چاهيندين ته پوءِ تنهنجو ڪم ڪنهن وقت ڏاڍو اوکو ٿيندو. جيڪڏهن تو گناهه ڪيا آهن، ته پرواهه نه آهي، تون توبهه ڪر، ۽ توبهه جو دروازو سدائين کليل آهي. جيڪڏهن

توبهه ڪندڙ جي توبهه قبول نه ٿئي ها ته پوءِ هو (الله تعاليٰ) هر رات هيٺ ڇو لهي اچي ها (١)؟ جيڪڏهين تون هن راهه ۾ ڪجهه وقت لاءِ سچائيءَ سان ايندين ته پوءِ توکي ڪيترين ئي ڪاميابيون نصيب ٿينديون. مثال طور مان توکي هڪ ڳالهه ٻڌايان ٿو:

هڪ گنهگار جي ڳالهه

هڪڙي ماڻهوءَ گهڻن گناهن ڪرڻ کان پوءِ توبهه ڪري سنئين راهه ورتي، مگر وري جڏهن سندس نفس طاقت ۾ آيو تڏهن توبهه ٽوڙي ناجائز خواهشن جي پنيان ڪاهي پيو، ۽ ڪو وقت هر قسم جي برائين ۾ گرفتار رهيو. آخر دل ۾ درد پيدا ٿيس، مگر افسوس جو پاڻ ۾ توبهه ڪرڻ جي طاقت نه ڏسي اندرئي اندر جلندو رهيو. هڪڙي ڏينهن صبح جو غيبي آواز آيس ته خداتعاليٰ چوي ٿو ته: تو جڏهن پهريون دفعو توبهه ڪئي تڏهن مون قبول ڪئي ۽ توکي معاف ڪيم. وري جڏهن ٻيو دفعو تو توبهه ڪي ٽوڙيو تڏهن به مون توکي مهلت ڏني ۽ گرفت نه ڪئي؛ هينئر به

(١) حديث شريف طرف اشارو آهي، جنهن ۾ آيل آهي ته، اڌيءَ رات بعد الله تعاليٰ عرش کان لهي هن زمين واري آسمان تي ايندو آهي ۽ صبح تائين پڪاريندو رهندو آهي ته "آهي ڪو سائل جنهن جو مان سوال پورو ڪريان ۽ آهي ڪو تائب جنهن جي توبهه قبول ڪريان،" وغيره.

Gul Hayat Institute

ڏون تائب ٿي، جو بخشش جو دروازو هر وقت کليل رهي ٿو ۽ منهنجي رحمت جو کو ڪاٿوئي ڪونهي.

حضرت جبرئيل جي ڳالهه

هڪڙي رات، جبرائيل عليه السلام سدرة المنتهيٰ ۾ هو ته اللهتعاليٰ جي طرفان "لبيڪ" جو آواز سندس ڪنين پيو. سمجهي ويو ته ڪو الله جو بندو پنهنجي موليٰ کي پڪاري رهيو آهي ۽ مان ڄاڻان ٿو ته هو هڪ وڏي مرتبي وارو بندو آهي، جنهن پنهنجي نفس کي ماري مات ڪيو آهي. بس پوءِ ته ستن آسمانن ۽ زمينن ۾ ان جي تلاش ۾ ٿي نڪتو مگر ڪٿي به نظر نه آيس. نيٺ اللهتعاليٰ وٽ اچي ان بابت عرض ڪيائين. جنهن کيس روم ۾ هڪ گرجا اندر وڃي ان جي حال کان واقف ٿيڻ لاءِ چيو. حضرت جبرائيل فوراً انهيءَ هنڌ پهچي ويو ۽ کيس بت کي ظاهر ظهور پڪاريندو ڏسي اچرج ۾ پئجي ويو. موٽي اچي عرض ڪيائين ته، اي منهنجا پروردگار! هن راز جو پردو ته منهنجي اکيان کول! حق تعاليٰ ٻڌايس ته، هن جي دل ڪاري ٿي ويئي آهي، هينئر هو صحيح ۽ غلط کي سمجهي ٿي نٿو. مون کي ان جي عاجزي ڏاڍي مٺي لڳي، تنهنڪري ئي هيءُ جواب ڏنو پيو. هاڻي اسين گهڻي مهربانيءَ سان کيس پنهنجي دربار جي واٽ ڏيکاريندا سون. اڃا گهڙي ئي نه گذري ته ان جي دل جي دري کلي پئي ۽ هو هڪدم "الله الله" پڪارڻ لڳو. اها ڳالهه انهيءَ

لاءِ ڪئي سون، تہ جيئن تون سمجهين تہ انهيءَ دربار ۾ ڪي اهڙا ڪم بہ ٿين ٿا جن جوڪو (ظاهري) سبب ڏي ڪونہ ٿو معلوم ٿئي. هن درگاهہ تي جيڪڏهن تون وقتاً خالي هٿين بہ آئين تہ بہ ڪو حرج ڪونهي. اتي تہ نيڪوڪار ۽ بدڪار ٻنهي لاءِ جاءِ آهي.

هڪ صوفي ۽ ماڪيءَ وڪڻندڙ جي ڳالهہ

بغداد شهر ۾، جيئن هڪ صوفي تڪڙو وڃي رهيو هو تيئن (رستي جي وچ ۾) هن ڪي هڪ آواز ٻڌڻ ۾ آيو. هڪڙو شخص هوڪو ڏيئي رهيو هو تہ، مون وٽ گهڻي ماکي آهي ۽ وڪڻان بہ سستي ٿو، آهي ڪو وٺڻ وارو؟ صوفيءَ چيس تہ يار! ٿوري ڪجهہ مفت ۾ بہ ڏيندو آهين يا نہ؟ تنهن تي هن جواب ڏنس تہ تون ڪو چريو آهين. ڀلا، ڪڏهن ڪو ماڻهو، ڪا شيءِ ڪنهن کي مفت ۾ بہ ڏيندو آهي؟ اتي غيب کان آواز آيس تہ اڙي صوفي تون هڪڙو قدم اڳا بہ اڳيرو ٿي (اوري آءُ) تان تہ اها چيز توکي مفت ۾ ڏيون ۽ جيڪڏهن اڃا بہ زياده چاهيندين تہ اهو بہ ڏيندا سين.

اي بندا، الله تعاليٰ جي رحمت سج وانگر آهي جنهن جي روشنيءَ کان جهان جو ڪوبہ ذرو خالي ڪونهي. هن جي رحمت جو هن ڳالهہ مان ٻي اندازو لڳائي سگهين ٿو، تہ ڪيئن نہ هڪ دفعي هڪڙي ڪافر خاطر پنهنجي پيغمبر کي مهٽو ڏنو هئائين.

Gul Hayat Institute

حضرت موسيٰ ۽ قارون جو قصو

الله تعاليٰ، حضرت موسيٰ کي عتاب ڪندي چيو ته، اي موسيٰ، قارون توکي ستر دفعا عاجزيءَ سان پڪاريو ۽ تو هڪ دفعي به ان کي جواب نه ڏنو؛ حالانڪ جيڪڏهن هو هڪ گهڙي مون کي پڪاري ها ته مان شرڪ کان ڪيس ڇڏائي ڇڏيان ها ۽ ڪيس دين جو چوغو پهرايان ها. تو ته ان کي هزار دردن سان گڏ زمين اندر پورائي ڇڏيو. اڇا ته تو ان کي پيدا نه ڪيو هو، پر جيڪڏهن تون ئي ان جو پيدا ڪندڙ هجين ها ته يقيناً ان کي عذاب ۾ رکين ها. اها ذات جا بيرحمن تي ايترو مهربان آهي سا رحم وارن تي ڪيترو نه مهربان هوندي! هن جي فضل جو درياهه بي پايان آهي جنهن جي اڳيان اسان جا گناهه (هڪڙي ڦڙي مثل) تيچ آهن. بلاشڪ جو شخص گنهگارن جي گلا ڪري ٿو سو هٿ وٺي پاڻ کي ظالمن جو سردار بڻائي ٿو.

Gul Hayat Institute

گنهگار شخص جي وفات جو قصو

هڪڙي دفعي جيئن هڪڙي گنهگار شخص جي لاش کي کنيو پئي ويا، تيئن هڪڙي پرهيزگار ان جي جنازي نماز پڙهڻ کان احتراز ڪيو. رات جو خواب ۾ جڏهن انهيءَ پرهيزگار ان شخص کي بهشت اندر گهمندو ڏٺو، تڏهن کانئس ان جو سبب پڇيائين. گنهگار ٻڌايس ته، تنهنجي

ٻيھرحمي ۽ جي ڪري پروردگار مون پريشان حال تي پنھنجي رحمت جي پلٽ ڪئي.

هاڻي توهين ان جي عشقبازي جا ڪارناما ته ڏسو، جو جنھن شخص کي هو پاڻ ڏڪاري ٿو تنھن ساڳئي کي وري نوازي ٿو. ڪم به پاڻ ڪرائي ٿو، وري پڪڙي به ٿو ۽ آخر ۾ وري بخشي به ٿو. سندس راھ ۾ ڪئين حڪمتون آهن ۽ سندس ڪو به فعل حڪمت کان خالي ڪونھي!

اي انسان، هي ست ئي آسمان تنھنجي لاءِ ڪم ڪري رهيا آهن، ۽ فرشتن جي عبادت به تنھنجي ئي ڀلي خاطر آهي. تون پاڻ کي حقير نه سمجھ، تون واقعي اشرف المخلوقات آهين. تنھنجي جان (روح) انھيءَ ڪلّ جو ڪل آهي ۽ جڏهن تنھنجي دل اندر ڪو ڪثرت جو خيال ئي ڪونھي، تڏهن تو کي ڪلّ سان ئي مناسب آهي ۽ نه ان (ڪلّ) جو جزو. شال توتي رحمت جا هزارين ڪڪر وسندا رهن ۽ تنھنجي شوق ۾ اضافو اچيندا رهن!

Gul Hayat Institute

عباس جي ڳالھ

عباس جو چوڻ آهي ته جڏهن قيامت جي ڏينھن ماڻھو پريشان ۽ سرگردان هوندا ۽ گنھگارن ۽ ڏوهارين جا منھن ڪارا ٿيل هوندا، تڏهن الله تعاليٰ دنيا ۽ آسمانن جي سڀني ملائڪن جي هزارن سالن جي اطاعت ڪانئن وٺي پنھنجي ٻانھن ۾ ورهائيندو، ۽ چوندو ته، اي ملائڪو!

توهان کي هاڻي هن عبادت جي ڪا ضرورت ڪانهي، انهيءَ جي ضرورت هينئر هنن گنهگار بندن کي آهي ته جيئن انهن جو ڪم ٺهي پوي، ڇالاءِ جو ماڻهي هميشه بکئي کي ڏبي آهي ۽ نه ڍاول کي.

هڪڙي ٻئي پکيءَ جو سوال

هدهد کي هڪڙي ٻئي پکيءَ چيو ته مان پيدائشي تقليد ڪندڙ آهيان ۽ هر گهڙيءَ پيو رنگ بدلايان، ڪنهن وقت قلندر آهيان ته ڪنهن وقت زاهد، ڪنهن مهل هست آهيان ته ڪنهن مهل نيست. ڪڏهن شرابخاني ۾ مخمور ته ڪڏهن مناجات ۾ مشغول. مان ته نه آهيان هيڏي جو ۽ نه آهيان هوڏي جو، هاڻي تون ئي ڪٿي ٻڌاءِ ته هن حالت ۾ مان ڇا ڪريان؟

هدهد جو جواب

اڙي مت موڙهيل (ڪسيل)، هيءَ خصلت هر ڪنهن ۾ موجود آهي، ڇالاءِ جو هڪڙي صفت ۽ هڪڙي حال وارو ماڻهو خير ڪو ٿئي ٿو. جيڪڏهن اول ڪان سيئي ماڻهو پاڪ ۽ بي عيب هجن ها ته پوءِ نبين سڳورن کي موڪليو ئي نه وڃي ها. جڏهن عبادت ۾ تنهنجي دل لڳل هوندي، تڏهن گهڻي آهستگيءَ سان تون سڌاري طرف ايندين ۽ اهو انهيءَ ڪري آهي ته جيئن تون سرڪش ۽ آرام طلب نه ٿي پوين. خون جا لڙڪ وهائڻ دل لاءِ صيقل آهي ۽ خوب پيٽ ڀري کائڻ

ان تي ڪٽ چاڙهيو ڇڏي؛ تنهنڪري تون نفس جي پيروي ترڪ ڪر ته جيئن لعل ٿي نڪرين. اجهو تنهنجي نصيحت خاطر توکي به ٻه ٽي ڳالهيون ٻڌايان ٿو:

شبليءَ جي ڳالهه

هڪڙي دفعي شبلي بغداد ۾ وڃائجي ويو. گهڻي ڳولا کان پوءِ ان کي هڪ مخنث خاني ۾ ڏٺائون. هڪڙي سائل کانئس پڇيو ته، تولاءِ هي جڳهه مناسب آهي؟ جواب ۾ چيائين ته، هي گنهگار ماڻهو، هن دنيا ۾ نه مرد آهن نه زالون. منهنجي حالت به انهن جهڙي آهي، جو دين جي راهه ۾ نه زال آهيان ۽ نه مرد. مان پنهنجي جوانمرديءَ جي فقدان (نامرديءَ) ۾ ئي گم ٿي ويو آهيان، تنهنڪري پاڻ کي مرد سڏائڻ کان ئي مون کي شرم ٿو اچي.

اي انسان جنهن به پنهنجي جان کي جاڳايو تنهن هميشه هيٺاهين ۽ عاجزيءَ جي راهه ورتي. باقي جيڪڏهن تون پاڻ کي ٻين جي نظرن ۾ هڪ وار جيترو مٿي ڪري ڏيکاريندين ته يقيناً پاڻ کي هڪ بت کان ئي هيٺ ڪيرائي وجهندين. جيڪڏهن تعريف ۽ مذمت تو ۾ ڪو فرق پيدا ڪن ته، پوءِ سمجهي ڇڏ ته تون اڃا هڪ بت ساز آهين. تون خدا تعاليٰ جو بندو ٿي رهه، بت سازگري ڇڏي ڏي ۽ عاجزي اختيار ڪري، ڇالاءِ جو عاجزيءَ کان بلند تر ڪو درجوئي ڪونهي.

Gul Hayat Institute

هاڻي جڏهن تنهنجي گوڏڙيءَ ۾ ٿي سوين بت آهن نه پوءِ خواه مخواه پاڻ کي صوفي ڇو ٿو ڪري ڏيکارين حقيقت ته هيءَ آهي ته، هر گهڙي تون هڪ نه ٻيو زنار رکين ٿو. (نه تو ۾ پوري صداقت آهي ۽ نه پوري توحيد). عشق کي اهڙين ڳالهين سان ذرو به تعلق ڪونهي، تنهنڪري صاف دل ٿي هن راهه ۾ پير پاءِ.

هڪ قاضيءَ جي ڳالهه

ڳالهه ٿا ڪن ته هڪڙي دفعي ڪنهن قاضيءَ جي ڪورٽ ۾ ٻه گوڏڙي پهريل صوفي اچي پاڻ ۾ ٽڪرايا قاضيءَ انهن کي هڪ ڪنڊ ۾ وٺي وڃي سمجهايو ته صوفيءَ کي جهيڙو ڪرڻ نه جڳائي. توهان ته رضا ۽ تسليم جو جامو پهريو آهي، هاڻي هيءَ جهيڙو ڇا جي لاءِ؟ جيڪڏهن توهان جي هيءَ حالت آهي ته ان کان ته بهتر آهي ته هي صوفيانو لباس لاهي ڇڏيو. مان جيتوڻيڪ قاضي آهيان ۽ نه عارف، تڏهن به اهڙي گوڏڙيءَ پائڻ کان شرم ٿو اچيم. توهان جي مٿي تي زنانو برقعو سونهي ٿو ۽ نه هن قسم جي گوڏڙي. جيڪڏهن توهين واقعي عشق ۾ مبتلا آهيو ته پوءِ هن قسم جي منافقت ۽ خود فريبي ڇڏي ڏيو. هيءَ گوڏڙي نه، بلڪ اها دل آهي جا انسان کي صحيح معنيٰ ۾ صوفي بنائي ٿي.

Gul Hayat Institute

هڪ غريب جو عشق

هڪڙي دفعي هڪڙو غريب مصر جي بادشاهه تي عاشق ٿي پيو. جڏهن بادشاهه کي ان جي عشق جي خبر پيئي، تڏهن گهرائي چيائينس، ته تون هاڻي ٻن ڪمن مان هڪڙو ڪم ڪر، يا ته هيءُ شهر ۽ ملڪ ڇڏي وڃ، يا مون خاطر سر تان آسرو لاهه. پر چاڪاڻ ته هو عشق ۾ سچو نه (ڪچو) هو، تنهنڪري ملڪ مان نڪري وڃڻ پسند ڪيائين. جڏهن روانو ٿيو، تڏهن بادشاهه ان جي سر ڪاٽڻ جو حڪم ڏنو. هڪ درٻاريءَ کيس عرض ڪيو، ته جيئن ته هو بيگناهه آهي، تنهنڪري ان جي سر ڪاٽڻ جو حڪم ڪرڻ روا نه آهي. بادشاهه جواب ڏنو، ته چاڪاڻ ته هو عاشق نه هو ۽ عشق جي راهه ۾ صادق نه هو، تنهنڪري ان جو صحيح علاج سر ڪاٽڻ ئي هو، ته جيئن عشق جا ڪوڙا دعويدار وري اهڙي ڪوڙي دعويٰ نه ڪن، ۽ آئينده هرڪس ۽ ناڪس عاشقيءَ جو دم نه هڻي. سچو عاشق هميشه سر قربان ڪندو آهي.

هڪڙي ٻئي پکيءَ جو سوال

هدهد کي وري هڪڙي ٻئي پکيءَ چيو ته يار، نفس ته منهنجو دشمن آهي، ۽ سدائين مون سان ساڻ آهي. هاڻي مان هن راهه تي هن رهزن سان گڏجي ڪيئن هلان؟ نفس جو ڪتو ڪڏهن به منهنجي چئي ۾ نه

آيو ۽ جيڪڏهن سچ پڇين ته هن ڪميڻي ڪان منهنجو بچڻ ڏي مشڪل آهي. صحرا ۾ بگهڙ (شيطان) ٿو ساٿي ٿئيم ۽ هتي هيءُ خوشنما ڪتو ته نه ڪڏهن منهنجو خيرخواهه ٿيو ۽ نه ٿيندو. هن جي بيوفائي ڪي ڏسي مون کي ته واقعي عجب ٿو لڳي، ته آخر سبب ڪهڙو آهي، جو هيءُ نالائق هرگهڙيءَ پنهنجي دوست جي گلا ۾ ڪاهي ٿو پوي!

هدهد جو جواب

اڙي ڳهيلا، هن ڪتي ته توکي پنهنجي پوري قبضي ۾ ڪري ورتو آهي ۽ توکي خوب لتاڙي، مٿيءَ وانگر ڪري ڇڏيو اٿس. هيءُ ڪميڻو نه فقط ٿيڏو ۽ ڪاڻو آهي، پر ان سان گڏ سست ۽ بي شڪر به آهي. جيڪڏهن ڪو تنهنجي ڪوڙي تعريف ڪري ٿو، ته هو ان تي ڏاڍو خوش ٿئي ٿو. حقيقت ته هيءَ آهي ته ماڻهوءَ جو اول زمانو، ساروئي بيهودگي، ٻارائي، بيدائي ۽ غفلت هئي. سندس وچ عمر وارو عرصو، محض بيگانگي ۽ ديوانگي هئي. آخر ۾ جڏهن پيريءَ جو دور آيو، تڏهن سندس جان ڪمزور ۽ بدحواس ٿي ويئي. هاڻي جڏهن ساري عمر جهالت سان پوري پئي آهي، تڏهن هيءُ نفس جو ڪتو ڪتي ٿو سڏوي! هيءُ ڪمينو پنهنجي سرڪشيءَ کان ڪڏهن به باز ڪونه ايندو، تنهنڪري تون ان تي ڪرڙي نظر رکيو

اڄ ۽ عبادت ۽ اطاعت جي وسيلي سندس سرڪشيءَ
کي ٽوڙيندو رهه. هاڻي مان سمجهائڻ خاطر تو کي ٻه چار
آکاڻيون ٻڌايان ٿو.

هڪڙي قبر کوٽيندڙ جي آکاڻي

هڪڙي شخص، هڪ وڏي عمر واري قبر کوٽيندڙ
کان پڇيو، ته يار! تون ايترا سارا سال قبرون کوٽيندو
رهيو آهين، ٻڌاءِ ته سهي ته زمين اندر ڪي (ڪهڙيون)
عجيب شيون ڏٺءِ؟ جواب ڏنائين ته جنهن ڳالهه مون کي
زياده تعجب ۾ وڌو، سا هيءَ هئي، جو ڏٺم ته منهنجي
نفس جو ڪتو، پورا ستر سال قبرون کوٽيندو رهيو.
ليڪن هڪڙيءَ گهڙي به پنهنجي سرڪشيءَ کان باز
نه آيو ۽ ڪڏهن به منهنجو چيو نه مڃيائين.

نفس جو بيان

هڪ رات عباس، پنهنجي حاضر جماعت کي چيو
ته جيڪڏهن هيءُ سارو جهان ڪافرن سان پرجي وڃي
۽ پوءِ اهي سڀئي ڪلي سچائيءَ سان ايمان قبول ڪن،
ته اهو ٿي سگهيو ٿي، ليڪن هڪ لک ۽ ويهه هزار
نبي سڳورا انهيءَ لاءِ آيا ته جيئن هيءُ ڪافر نفس ڪا
گهڙي مسلمان ٿئي يا مري نيست ٿئي، مگر هو ائين
ڪري نه سگهيا هڪ طرح کان اهو مناسب به هو،
ڇا لاءِ جو انهيءَ سببان (جو ڪي ان جو گهٽ چيو
ڪن ٿا ته ڪي وڌ) ته ماڻهن ۾ ايترو فرق پيدا ٿيو
آهي. اسان سڀئي هن ڪميٽي جي حڪم هيٺ آهيون،

Gul Hayat Institute

ليکن سمجهون ائين ٿا ته کي وڏا نيڪو ڪار آهيون ۽ ان کي پنهنجي اندر ۾ پيا پاليون. هو اهڙو ته نافرمان ۽ احسان فراموش آهي، جنهن کي کهڻ واقعي کو آسان ڪم ڪونهي.

دل، هن بدن جي گهوڙي جي شهسوار آهي، جنهن سان رات ڏينهن هيءُ نفس جو ڪتو ساڻ رهي ٿو. سوار (دل) پنهنجي شڪار کي پڪڙڻ لاءِ گهوڙي (بدن) کي ڪيترو به ڀوڙائي، مگر هيءُ ڪميڻو ان سان ڀٽ ڀوڙندو هلي ٿو ۽ جو ڪجهه دل پنهنجي محبوب کان حاصل ڪري، تنهن کان سوايو حصو هيءُ خبيث ان کان ڇڪي وٺي ٿو. جنهن شخص هن ڪميڻي کي همت سان ٻڌي سوگهو ڪيو، تنهن گويا پنهنجي جهانن ۾ شينهن کي قاسايو ۽ ان جي مٽي شهيدن جي خون کان به وڌيڪ وزن رکي ٿي.

هڪ گودڙئي جي آڪائي

هڪڙو گودڙيو، جيڏن پنهنجي راهه ورتيو پئي ويو، تيئن رستي ۾ هڪ بادشاهه ڏسي ورتس. پڇيائينس، ته خبر ڏي، ته تون گودڙيو بهتر آهين يا مان بادشاهه. گودڙئي وراڻي ڏني، ته اي بادشاهه! خود ثنائي نادانيءَ آهي، ليکن سوال جو جواب ڏيڻ واجب آهي. مون جهڙو، سچ پچ تو جهڙن لکن کان ڀلو آهي؛ ۽ ان جو سبب هيءُ آهي ته تون دين جو ذائقو ئي نه چکيو آهي ۽ تنهنجي نفس تو کي گڏهه بنائي تو تي سوار ٿي ويو آهي.

جيڪو به حڪم ڪري ٿو، تنهن ڪي تون سواءِ چون چرا جي بجا لائين ٿو؛ ليڪن منهنجو معاملو ئي ڪجھ نرالو آهي. مون جڏهن دل جي راز کي پروڙيو ورتو تڏهن هن نفس جي ڪتي کي پنهنجو گڏھ بنائي مٿس سوار ٿي ويس. هاڻي جڏهن منهنجو گڏھ توتي سواري ڪري ٿو تڏهن مون جهڙو تو جهڙن لکن کان بهتر آهي.

هڪڙي ٻئي پکيءَ جو شيطان جي رهزنيءَ بابت سوال

ان کان پوءِ هڪڙو ٻيو پکي آيو ۽ اچي سوال ڪرڻ لڳو ته، جڏهن به مون کي حضور قلبي حاصل ٿئي ٿي تڏهن هي ڏوکيباز شيطان مون کي گمراھ ڪري ٿو ۽ منهنجي حضور قلبيءَ ۾ خلل وجهي ٿو. مان جڏهن ان رهزن جو مقابلو ڪري نٿو سگهان تڏهن ان جي غداريءَ ۽ ڏوکيبازيءَ سبب منهنجي دل گهڻو پريشان ٿئي ٿي. هاڻي هن ڪميڻي کان ڇوٽڪاري جو ڪو رستو ٻڌائينم ته جيئن حقيقي زندگي ماڻي سگهان.

Gul Hayat Institute

هد هد جو جواب

اڙي يار! جيستائين نفس جو هي ڪتو تنهنجي اڳيان آهي، تيستائين ته شيطان به تنهنجو پاسو نه ونندو. شيطان جو دوکو تنهنجي خود فريبيءَ جو نتيجو آهي، ڇالاءِ جو تنهنجي هڪ هڪ آرزو گويا هڪ شيطان آهي. اجها تون هڪڙي آرزو مس پوري ڪرين ٿو ته تو ۾ سوين

شيطان اچي وڃن ٿا. ھيءَ دنيا ھڪڙو قيد خانو آھي ۽ ساري جي ساري شيطان جي جاگير آھي. تون انھيءَ جي جاگير کان ھٿ کڻي ڇڏ ته جيئن ان جو توسان ڪوبه واسطو نه رھي.' ڇگو ھي به چار ڳالھيون پڙھي ڇڏ:

ھڪڙي شخص جي شيطان خلاف شڪايت

ھڪڙي ماڻھو، ڪشف جي صاحب وٽ وڃي، شيطان جي گھڻي شڪايت ڪئي ۽ چيائين ته: شيطان منھنجي راھ روڪيو ويٺو آھي ۽ چالاڪيءَ سان منھنجي دين کي تباھ ڪري رھيو آھي. ان بزرگ جواب ڏنس ته توکان ٿورو اڳ شيطان ھتي تنھنجي خلاف شڪايت ڪئي آيو ۽ اچي چيائين ته، دنيا ساري منھنجي جاگير آھي، دنيا جو دشمن منھنجو دوست ٿي نٿو سگھي ۽ تون منھنجي طرفان ھن ڳھيلي کي چئو ته، ھو دنيا کان ھٿ ڌوئي سلوڪ جي راھ وٺي. مان واقعي ان شخص جي دين تي سخت حملو ڪريان ٿو جو منھنجي جاگير (دنيا) تي قبضو ڪرڻ گھري ٿو. باقي اھو جو پوري طرح سان منھنجي جاگير کان ٻاھر رھيو ته پوءِ منھنجو به ان سان ڪو غرض ڪونھي.

ھڪڙي شخص جو مالڪ دينار کان سوال

ھڪڙي شخص، مالڪ دينار کي چيو ته، اي جناب عالي! مون کي پنھنجي حال جي ڪا خبر ڪانھي،

تون پنهنجي حال جي ڪا خبر ڪر. ان جو جواب ڏنس ته، مان رزق خداتعاليٰ جو ڪان ٿو ۽ مزن ۾ آهيان ۽ شيطان جي هر حڪم جي تابعداري ڪريان ٿو. هي ٻڌي، ان شخص چيس ته شيطان توکي اهڙو گمراهه ڪيو آهي جو تو وٽ هينئر ڪو بچاءُ ئي نه رهيو آهي. تنهنجي مسلماني محض زباني آهي ۽ تون دنيا جي عشق ۾ گرفتار آهين ۽ تون واقعي (انهيءَ ڪري) هڪڙو مردار آهين. مون جيتوڻيڪ توکي پهريائين دنيا کي قربان ڪرڻ لاءِ چيو هو ليڪن هن وقت ان کي مضبوطيءَ سان جهلڻ جي توکي اجازت آهي. جڏهن تو هر دولت دنيا کي ڏيئي ڇڏي تڏهن هاڻي ڪٿي ٿو آسانيءَ سان ان کان جان ڇڏائي سگهين. تون لالچ جي سمنڊ ۾ ٻڏو پيو آهين ۽ هي به نٿو ڄاڻين ته آخر ڪهڙي سبب ڪان تون هر نيڪيءَ کان پوئتي رهين ٿو. هڪ طرف ٻئي جهان ماتمي لباس ۾ ملبوس گوڙها ڳاڙي رهيا آهن ۽ ٻئي طرف تون گناهن ۾ غرق! دنيا جي محبت تنهنجي ايماني ذوق کي کائي ويئي ۽ آرزو ۽ لالچ تنهنجي جان کي ختم ڪري ڇڏيو.

دنيا، لالچ ۽ حرص جو گهر ۽ فرعون ۽ نمرود جي ڇڏيل يادگار آهي. ڪڏهن قارون مري ان کي ڇڏيو ته ڪڏهن شداد ان کي مضبوطيءَ سان روڪي رکيو. جڏهن الله تعاليٰ انهيءَ (دنيا) جو نالو ئي ”لاشيءِ“ رکيو آهي تڏهن آخر ڪيتري تائين تون انهيءَ ”لاشيءِ“

(ڪميٽي) دنيا جي عشق ۾ پاڻ کي گرفتار رکيو ايندين؟ دنيا هڪ پڙڪندڙ باهه آهي. تون ان کان پڇي پري ٿيءُ ڪو اهڙو مرتبو حاصل ڪر جو هوءَ توکي جلائي نه سگهي.

حضرت عيسيٰ جو خواب

هڪڙي دفعي حضرت عيسيٰ عليه السلام، اٽ سر مٿي هيٺان رکيو سمهيو پيو هو. جڏهن خواب مان بيدار ٿيو تڏهن شيطان کي سامهون بيٺل ڏسي ان جو ڪائنس سبب پڇيو. شيطان ملعون جواب ڏنس ته، تو منهنجي اٽ سر پنهنجي مٿي هيٺان رکي آهي. جڏهن ساري دنيا منهنجي جاگير آهي تڏهن هيءَ سر به منهنجي ملڪيت آهي. تون منهنجي ملڪيت ۾ تصرف ڪري گويا پاڻ کي منهنجي ڏور ۾ ٻڌي رهيو آهين. هي ٻڌي حضرت عيسيٰ، انهيءَ سر کي ڪيڏي اڇلائي ڇڏيو، جنهن تي شيطان کيس چيو ته، هاڻ مان تووٽان وڃان ٿو، تون ڀلي آرام سان ننڊ ڪر.

نماز ۾ هڪ ديواني جي خواجه سان گفتگو

هڪڙو خواجه، نماز ۾ خداتعاليٰ کان رحمت ۽ ڪار سازيءَ جي دعا گهري رهيو هو. سندس هيءَ دعا هڪڙي ديواني ٻڌي ورتي، جنهن مذاق طور چيو ته، هائو، انهيءَ جي طرفان رحمت جلد ٿيندي. تون پنهنجي ٽانءُ ڦونءُ کان جهان ۾ ماپين ڏي نٿو ۽ هر گهڙي

وڏائيءَ ۽ آڪڙ سان تلي هلين ٿو. وڏيون وڏيون عمارتون بنائي، ڪين هر ساز ۽ سامان سان سينگاري رکيو اٿئي، جتي غلام ۽ ٻانهيون هروقت خدمت لاءِ حاضر آهن! ڀلا ڪڏهن اتي به رحمت وسي سگهي ٿي؟ ڪجهه پاڻ ڏي به نهار ۽ شرم ڏار، ته آخر هيتري ساري سامان رکندي، تون رحمت جي ڪيئن اميد رکي سگهين ٿو؟ تون سيني شين کان منهن موڙ ۽ سچو پڇو مرد مجاهد ٿي.

هڪڙي ٻئي پکيءَ جو زر بابت سوال

هڪڙي پکيءَ هدهد کي چيو ته مون کي زر سان پيار آهي ۽ پيار به اهڙو، جو منهنجي هرهڪ رڳ ۾ رچي ويو آهي. جيستائين زر کي نٿو ڏسان، تيستائين آرام سان نٿو ويهان. دنيا ۽ مال جي پيار واقعي مون کي اندو ڪري ڇڏيو آهي، هاڻي مهرباني ڪري، ڪا ڇوٽڪاري جي تجويز ٻڌائينم.

هدهد جو جواب

هدهد جواب ۾ چيس ته تون محض صورت تي حيران ۽ اصل حقيقت کان بنهه غير واقف آهين. مطلب ته تون ڪٺليءَ وانگر صورت جو قيدي ۽ ماڳهين اندو آهين سون به حقيقت ۾ هڪ رنگ بدليل پٿر آهي ۽ نه ڪا ٻي شيءِ، مگر تون ٻارڙن جي طرح رنگ ۾ ڦي ڇريو ٿيو پيو آهين. اها زر (سون) جا توکي خداتعاليٰ جي

ياد ڪان هٽائي، سا سچ پچ هڪ بت آهي، جنهن کي تون پوڄي پور ڪري ڇڏ. جيڪڏهن تون ڪٿي زر ذرو ڪنهن غريب کي ڏين ٿو ته يا ته ڏيڻ جي رنج ۾ پنهنجو خون پيو ٿو يا ٿوري چماٽڻ ۽ تنگ ڪرڻ (جهڻڪن) سان انهيءَ غريب جو ۽ ان ذري ڏيڻ خاطر ٻه تون جنيد جهڙن بزرگن جي تلاش ڪرين ٿو (ڇڙڪ صدقو ۽ خيرات آهن ئي نهايت پرهيزگار ۽ نيڪوڪارن لاءِ).

هاڻي تون هن حقيقت کي ڌيان ڏيئي ٻڌ ته جيترو تنهنجو هن دنيا سان تعلق زياده هوندو، تيترو دوزخ جي باهه ۾ تولاءَ تيزي هوندي. تون دين ۽ دنيا ٻئي (ڪٺا) چاهين ٿو، هاڻي هيءَ ته ڪڏهن به ٿي نه سگهندو. جو ڪجهه تو وٽ آهي، تنهن کي الله تعاليٰ ڪارڻ خرچي ڇو، سواءِ خرچڻ جي نيڪي ڪڏهن به حاصل ڪري ڪونه سگهندين. جڏهن جان کي ئي هڪ ڏينهن ڇڏڻو آهي، تڏهن ٻين شين کي ان جي هوندي، ڇونه ڇڏڻ گهرجي! هاڻي مان توکي ٻه چار ڪهاڻيون ٻڌايان ٿو ۽ اميد اٿم ته تون انهن مان سبق پرائيندين.

هڪڙي نئين مريد جي ڪهاڻي

هڪڙي نئين مريد وٽ ڪجهه سون جو ذرو هو، جنهن کي هن پنهنجي مرشد کان لڪائي رکيو هو.

مرشد کان هيءَ ڳالهه ڪا مخفي ڪانه هئي، مگر هن اک پوڙ ڪان ڪم ورتو. هڪڙي دفعي، جڏهن پير ۽ مريد ٻئي سفر ۾ وڃي رهيا هئا ته سندن آڏو هڪڙي اونداهي وادي پيش آئي، جنهن مان ٻه رستا ڦٽي ٿي نڪتا. مريد جنهن کي زر ساڻ هئي، سو البت گهٻرائڻ لڳو ۽ مرشد کان پڇڻ لڳو ته هاڻي جڏهن ٻه واٽون ظاهر ٿيون آهن، تڏهن اسان انهن مان ڪهڙي اختيار ڪريون؟ مرشد جواب ڏنس ته تو وٽ جيڪا زر آهي سا اڇلائي ڇڏ، پوءِ جيڪا راهه به وٺندين، سا سڌي هوندي. ڇا توکي اها خبر ڪانهي ته ننگي ۽ سڃي کان رهزن به پڇي پري ٿيندو آهي. ها، باقي جنهن وٽ زر آهي، تنهن کان ته الله ڏئي پناهه، ان کان ته شيطان به وڻون پيو وڃي.

هڪڙي بزرگ جي خواب جي ڪهاڻي

هڪڙي بزرگ ننڊ ۾ ڏٺو ته هو چند جيان روشن جيئن هڪ رستي تي وڃي رهيو آهي، تيئن هڪ فرشتو سندس اڳيان اچي ڪانئس ارادي بابت پڇيو. ان ڪي جواب ۾ چيائين، ته مان خداتعاليٰ جي درٻار ڏانهن وڃڻ جو ارادو رکان ٿو. هيءَ ٻڌي ان فرشتي چيس ته ميان شرم ڏار: تون هيترو سامان، هيتريءَ ساريءَ ملڪيت ۽ پنهنجي ڪاروبار سان هيترو سارو پيار رکيين ٿو ۽ ان سان گڏ، ان درٻار جي خواهش ۽ الله تعاليٰ جو قرب به چاهين ٿو. اهي ٻئي شيون هڪ ٻئي

وقت حاصل ٿي ڪونہ سگنديون. ويچارو درويش هي ٻڌي غم ۾ ٿي ڳري ويو ۽ جو ڪجهہ وٽس هو، سو سڀ خداتعاليٰ جي نالي ۾ ڏيئي ڇڏيائين. ٻيءَ رات ٻہ اهو ساڳيوئي واقعو نظر آيس ۽ فرشتو اچي چوڻ لڳس تہ تون هن گودڙيءَ سان ان درگاهہ تائين هرگز پهچي نٿو سگهين؛ هن ڪان ٻہ هٿ ڪڻ ۽ منافقت ڇڏي ڏي ويچاري هيءَ ٻڌي ان پراڻيءَ گودڙيءَ کي بہ باهہ ڏيئي ساڙي ڇڏيو. وري ٽين رات خواب ۾ ڏٺائين تہ اهو فرشتو کيس چئي رهيو آهي تہ اي پاڪباز تو وٽ جو ڪجهہ هو، سو تو سڀ خرچ ڪري ڇڏيو، هاڻي تون اڳتي وڃڻ جي تڪليف نہ ڪر، خداتعاليٰ تو وٽ پاڻهيئي ايندو. اڙي انسان، جيڪڏهن رسول اڪرم صلعم جي طرح توکي فقيريءَ تي فخر نہ آهي تہ مشرڪ آهين ۽ صحيح راهہ کان ٿڙيل آهين*. فقر چئن شين جو مجموعو آهي. بک، جان نثاري، ذلت ۽ غربت. جڏهن تون هيءَ چارئي منزلون طئي ڪندين، تڏهن توکي الله تعاليٰ جو قرب نصيب ٿيندو.

حضرت عيسيٰ جو هڪڙي سمهيل کي غار ۾ ڏسڻ

هڪڙي دفعي حضرت عيسيٰ عليہ السلام، هلندي اچي هڪ غار ۾ پهتو، جتي هڪڙي مرد کي سُتل ڏسي،

---

* ان حديث ڏانهن اشارو آهي، جنهن ۾ پاڻ سڳورن فرمايو آهي تہ "الفقر فخري".

Gul Hayat Institute

ڇپائين ته اڙي دنيا کان غافل، اتي ڪڙو ٿي ۽ ڪو ڪم ڪر، ته جيئن آخرت لاءِ ڪو توشو ٺئي ٺي. ان جواب ڏنس، ته مون ٻنهي جهانن جو ڪم پورو ڪري پاڻ لاءِ هڪ لافاني ملڪ حاصل ڪري ورتو آهي. هن دنيا کي ڇڏئي مون کي ڪي ڏينهن ٿيا ۽ اها منهنجي نظر ۾ هڪ ڪک پن مثل آهي. مان ان کان پوريءَ طرح فارغ ٿي چڪو آهيان. حضرت عيسيٰ هيءَ گفتگو ٻڌي کيس چيو ته هاڻي جيڪي وٽيئي، سو وڃي ڪر، جڏهن تون دنيا کان ٿي فارغ آهين، تڏهن هاڻي آرام سان ننڊ ڪر. توکي اها مبارڪ هجي.

بصري جي شيخ جو بيبي رابعه وٽ وڃڻ

هڪڙي ڏينهن شيخ بصره، رابعه وٽ وڃي، کيس عرض ڪيو ته مان ٻڌان ٿو ته تون عشق ۾ واقعي پختي ۽ مضبوط آهين. هاڻي تون مون کي ڪو اهڙو نڪتو ٻڌاءِ، جو نه تو ڪو ڪنهن کان ٻڌو هجي ۽ نه وري ڪنهن کي ٻڌايو ٿي هجي، مگر اهو جو توکي پنهنجي دل مان معلوم ٿيو هجي ته جيئن شوق کان منهنجي جان ويندي رهي. رابعه کيس ٻڌايو، ته مان رسين جا ڪجهه ٽڪرا ميڙي، بازار ۾ وڪرو ڪري، ٻه روپيا حاصل ڪيا؛ هڪڙي کي هڪڙي هٿ ۾ ورتم ۽ ٻئي کي ٻئي ۾، ڇالاءِ جو ڊپ ٿيم ته جيڪڏهن ٻئي ملي جوڙو ٿيا ته مون کان لڪي نه سگهندا ۽ منهنجا رهزن ٿي ويندا. دنيا جو اهوئي دستور رهيو

آهي، دنيادار، پيسي خاطر، سوين ڪشالا ڪڍي ٿو ۽ ان کي هٿ ڪرڻ لاءِ، ڪئين قسم جا چار وچائي ٿو، ۽ جڏهن ڪجهه حاصل ڪري ٿو، تڏهن ان بعد جلد ئي مري وڃي ٿو ۽ هيءُ معاملو اتي ئي ختم ٿي وڃي ٿو.

اڙي، تو جنهن زر جي عيوض سيمرغ جهڙي بادشاهه کي وڪڻي ڇڏيو آهي ۽ ان (زر) جي عشق ۾ پاڻ کي شمع جيان جلائي ڇڏيو آهي، تو کي حيف آهي، ۽ تنهنجي حال تي صد افسوس! سيمرغ جي راهه ۾ نه زر لاءِ ڪا جاءِ آهي، ۽ نه خوف ۽ خطري لاءِ ڪا گنجائش جيڪڏهن ڪنهن کي ذرو به محبت ۽ جذبو نه آهي ته اهو هن راهه ۾ هرگز قدم رکي نه سگهندو.

هڪڙي عابد جي ڳالهه، جنهن هڪ پکيءَ جي آواز سان لنءُ لڳائي هئي

هڪڙي سعادتمند عابد، دنيا (وارن) کان علحدگي اختيار ڪئي هئي ۽ پنهنجي پروردگار سان لڪي ڳالهيون ڪندو هو. مطلب ته هو وڏو پهتل ۽ خدا رسيده بندو هو. سندس باغ اندر هڪ وڻ ۾، هڪڙي دفعي، هڪڙي پکيءَ اچي آکيرو بڻايو، سندس آواز اهڙو ته مٺو ۽ موهيندڙ هو، جو هن جي ان سان دل لڳي وئي، الله تعاليٰ انهيءَ وقت جي پيغمبر ڏانهن وحي موڪليو، ته تون هن شخص کي وڃي چئو ته آخر هيءُ ڪيتري نه تعجب جي ڳالهه آهي، جو تون

Gul Hayat Institute

سارو وقت مون لاءِ عبادت ڪندو ۽ منهنجي شوق ۾ جلندو رهندين، ۽ پڇاڙيءَ ۾ مون کي هڪڙي پکيءَ جي عيوض وڪڻي ڇڏي؟ مون توکي خريد ڪيو ۽ سيکاريو، ليڪن تو نالائقي ڪري مون کي وڪڻي ڇڏيو. تون، اسان کي اهڙو سستو نه وڪڻ، اسان باوجود تنهنجي بيوفائيءَ جي، هميشه توسان گڏ آهيون، تنهنڪري تون به اسان کان جدا نه ٿيءُ.

هڪڙي ٻئي پکيءَ جو سوال

پيلي هد هد! هاڻي منهنجي سوال جو به ته جواب ڏي. مان هڪ عاليشان ۽ سونهريءَ رنگ محل ۾ رهان ٿو، گويا هڪ ملڪ جي بادشاهيءَ ۾ آهيان. پلا، ان کان دل ڪيئن ٿو ڪڍي سگهان. بلند محل اندر سيني پکين جو سردار ٿيو ويٺو آهيان، تنهنڪري ڇو هن سيمرغ ڏانهن ويندڙ واديءَ جون تڪليفون سر تي کڻان. آخر هيءَ ڪهڙي عقلمندي آهي، جو هڙو آرام جهڙو باغ ڇڏي، ڪو وڃي سفر جي مصيبتن ۾ پوي.

هد هد جو جواب

اڙي ڪمزور ۽ بي همت، تون ڪو ڪتو ته نه آهين، جي ڪين جي ڍير (خاڪدان) تي پيو رهين. هيءُ ساري ڪميڻي دنيا، ڪين ڪچري جو ڍير آهي، هاڻي تون ئي ڪڍي ان اندر پنهنجي محل جو اندازو لڳاءِ؟ ها، جيڪڏهن تنهنجو محل واقعي بهشت آهي ته پوءِ هيءُ ياد رکي ڇڏ، ته اهو توکي سواءِ تڪليفن برداشت

ڪرڻ جي ڪڏهن به حاصل ٿي نه سگهندو. انهيءَ لاءِ مان توکي به چار ڳالهيون ٻڌايان ٿو.

هڪڙي بادشاهه جو محل بنائڻ ۽ زاهد جو

منجهانئس عيب ڪيڻ

ڪنهن سمي جي ڳالهه آهي، ته هڪڙي بادشاهه هڪڙو سونهري محل بنايو، جنهن تي هن ڪئين هزار خرچ ڪيا. جڏهن پوريءَ طرح سان تيار ٿي ۽ سينگارجي ويو، تڏهن ڏاهن ۽ همنشينن کي گهرائي، کانئن پڇيو ته ڇا هن محل جي حسن ۽ ڪمال ۾ اڃا ڪا ڪسر باقي آهي؟ سڀني چوڻ لڳا، ته اهڙو عاليشان محل نه ڪنهن ڏٺو ۽ نه ٻڌو. هڪڙو زاهد جو اتي ويٺو هو، سو اٿي چوڻ لڳو ته ان ۾ هڪڙو وڏو نقص باقي آهي ۽ اهو آهي عزرائيل جي طرف کان ڪيس خطرو. هائي هيءُ محل جيتوڻيڪ بهشت وانگر سرسبز ۽ شاداب آهي، مگر موت جي چنبي کان هيءُ به بچي ڪونه سگهندو، ۽ هڪ ڏينهن منجهي برباد ٿي ويندو. انهيءَ ۾ شڪ ڪونهي ته هيءُ دنيا چئن ڏينهن جي ٽڪڻ جي جاءِ آهي، ليڪن اها هميشه قائم رهي نٿي سگهي، ۽ انهيءَ جو ته ڪو علاج ئي ڪونهي.

اي انسان! تون پنهنجيءَ محل ماڙين تي ايترو ناز نه ڪر ۽ جيڪڏهن تنهنجي عظمت ۽ جاه سبب ڪو تنهنجو عيب توکي ٻڌائي نه سگهي ته پوءِ توتي افسوس

آهي (تون سدائين اهڙي روش ۾ رهه جو ماڻهو تنهنجا عيب توکي سواءِ ڪنهن ڏپ ۽ ڏاءَ جي ٻڌائي سگهن).

ڪوريئڙي جي ڳالهه

هيءَ ته سڀ ڪنهن ڏٺو هوندو ته، ڪوريئڙو پنهنجو سارو وقت سوداءُ پچائيندو رهي ٿو ۽ آخر پنهنجو گهر وڃي هڪ ڪنڊ ۾ ڏاهي ٿو. هوَس جو ماريل، مکيءَ ڦاسڻ لاءِ هڪ عجيب ڄار ٺاهي ٿو؛ ۽ جڏهن ڪا مک سندس ڄار ۾ ڦاسي ٿي، تڏهن هو ان غريب جو رت چوسي ڪيس کوکلو بنائي ڇڏي ٿو؛ مگر ڏسو قدرت جا رنگ، جو ڪنهن وقت گهر جو مالڪ اوچتو ئي اوچتو لٺ ۾ کڻي انهيءَ ڄار کي ڪيرائي ڪالعدم ڪري ڇڏيندو آهي، تنهنڪري دنيا ۾ جنهن به توشو جمع ڪيو تنهن جو مثال ان ڄار ۾ ڦاٿل مک وانگر آهي.

اڙي انسان! جيڪڏهن ساري دنيا به کڻي تنهنجي قبضي ۾ اچي وڃي ته به اک ڇنڀ ۾ اها فنا ٿي وڃي ٿي. ڀلا قضا ۽ قدر جن ڇيتي جي کل به لاهي ورتي سي توکي سلامت ڪٿي ڇڏيندا؟ سچ پڇ هي محل ۽ باغ تو لاءِ هڪ قيد خانو آهن ۽ آخر ڪيترو وقت تون انهن سان دل لايو ايندين؟ تون همت جو سندرو ٻڌي الله تعاليٰ جي دربار ڏانهن قدم وڌاءِ، پوءِ جڏهن تون ان درگاهه تائين وڃين، تڏهن توکي اهو مان ملندو جو هن جهان ۾ ڦوليو نه سمائبين.

ھڪڙي ڏکويل دل واري ۽ درويش جي ملاقات

ھڪڙي دفعي ھڪڙو ڏکويل دل وارو، جيئن ھڪ بيابان ڏانھن تڪڙو وڃي رھيو ھو، تيئن اچي ھڪڙي درويش وٽ پھتو، ۽ کانئس پڇيائين ته، تنھنجو ھن بيابان ۾ ڪيئن ٿو گذارو ٿئي؟ ان جواب ڏنس ته مان ته ھڪ تنگ گھٽيءَ ۾ پيو آھيان ۽ ھن وقت ھي جھان منھنجي لاءِ ڏاڍو تنگ آھي. ھي ٻڌي اھو شخص عجب ۾ پئجي، ڪيس وري چوڻ لڳو ته، جو ڪجھ تون چئي رھيو آھين سو صحيح نه آھي. ھھڙو وسيع بيابان ڪيئن ھڪ سوڙھي گھٽي آھي؟ جواب ۾ چيائين ته، جيڪڏھن ھتي تنگي نه ھجي ھا ته تون به مون وٽ ڪونه اچين ھا.

اي بندا! ماڻھو ھن دنيا ۾ توکي ڪيترائي سٺا وعدا ڏين ٿا، ليڪن حقيقت ۾ ھو توکي دوزخ جي راھه ڏسين ٿا. تنھنجي رستي ۾ ھيءَ دنيا ھڪ باھه آھي، جنھن کان پڇي پاسو ڪر. تون جيڪڏھن تجربيڪار آھين ته سڀ ڪان فارغ ٿي الله تعاليٰ جي راھه ۾ جان کي قربان ڪر. آخر، ھن دنيا کي ترڪ ڪرڻ لاءِ مان توکي ڪيترو سمجھائيندو رھندس؟

ھڪڙو بيقرار شخص، جو جنازي جي پٺيان وڃي رھيو ھو.

ھڪڙي بيوقوف جي ڳالھه ڪندا آھن ته، جڏھن ھن جو پٽ مري ويو تڏھن صبر ۽ آرام سڀ وڃائي

ويئو. ان جي جنازي پٺيان زار زار رئندو ۽ چوندو ٿي هليو ته اي منهنجا پٽ! تون ائين ئي هليو وئين، تو ته اڃا دنيا ئي ڪانه ڏٺي هئي (۽ نه ماڻيو ۽ نه ڇوڙيو!) هڪڙو ديوانو، هي حال ڏسي ڪيس چوڻ لڳو ته ميان، اهڙا واقعا اڳ ۾ ڪيترائي ٿي چڪا آهن، تون ڀلا هن جهان جو ڪيتري وقت تائين نظارو ڪندو رهندين؟ هڪڙي ڏينهن مرڻو ضروري آهي. تون جيستائين هن خبيث نفس کان پاڻ خالي نه ڪندين، تيستائين تنهنجي نفيس جان پليدي ۽ نجاست ۾ ئي لت پت (گم) رهندي.

هڪڙي ٻئي پکيءَ جو مجازي عشق متعلق سوال

ان کان پوءِ هڪڙو پکي اچي هدهد کي چوڻ لڳو ته مون کي ته هڪ محبوب جي عشق جي چوٽ لڳي ويئي آهي ۽ ان مون کي خوب جڪڙي قيد ڪري رکيو آهي. انهيءَ جي غلبي سبب نه مون کي ڪو هوش آهي ۽ نه طاقت. انهيءَ جي منهن مبارڪ جو خيال منهنجي دل تي ڌاڙو هڻندو، ڪيس لٽيندو ۽ منجهس باهه جا مچ ٻاريندو رهي ٿو. مون کي ان کان سواءِ گهڙي پلڪ به آرام ڪونهي، ۽ جيڪڏهن سچ پڇين ته ان بغير صبر ڪرڻ مون لاءِ حرام ۽ ڪفر آهي. هاڻي جڏهن منهنجو حال هيءُ آهي تڏهن مان ڪيئن تو سيمرغ جي سفر تي هلي سگهان؟ انهي سفر ۾ ته ڪيتريون مشڪلاتون ۽ بلائون آهن ۽ مان انهن

Gul Hayat Institute

ڪي ڪٿي ٿو منهن ڏيئي سگهان؟ منهنجو درد هينئر لاعلاج آهي، مان ان چوڏهينءَ جي چنڊ ڪان سواءِ، هڪڙو لحظو به نه ٿو جالي سگهان. منهن جي حالت ته اجها هيءَ آهي، هاڻي تون ٻڌاءِ ته مان ڇا ڪريان؟

هدهد جو جواب

منهنجا دوست! تون ته صورت جي عشق ۾ گرفتار آهين ۽ هن قسم جو عشق غير حقيقي آهي. صورت جو هي جمال ته جلدي وڃڻ وارو آهي، ان تي عاشق ٿيڻ سراسر نقصان ۽ ناداني آهي. ڀلا تون ئي ڪٿي انصاف ڪري ڏس ته، اهو جنهن جو حسن غلط ۽ خون مان جڙيو آهي، سو به ڪڏهن خوبصورت ٿي سگهي ٿو! معرفت جو عشق شي ٻي آهي، ۽ اهو غيب ۾ آهي، تنهنڪري تون غيب جي ڳولا ڪر ۽ ظاهر کي ڇڏي ڏي. صورت جو عشق سدائين باهم دشمنيءَ جو باعث بڻجي ٿو، ۽ هو اها شيءِ، جا توکي حقيقي ۽ غيرفاني عشق جي ويجهو نه آڻي. سا، اي منهنجا محبوب، توکي اڪثر هلي رسوا ۽ خوار ڪندي.

هڪڙي نوجوان جو هڪ ٻانهيءَ تي عاشق ٿيڻ

هڪڙو نوجوان شاگرد، نهايت ئي ذهين ۽ هوشيار هو. پڙهڻ لاءِ گهڻو شوق هوس ۽ سواءِ پڙهڻ جي ڪيس ٻيو ڪو ڪم ڪونه هو. استاد جو به مٿس ڏاڍو پيار هو ۽ ٻين سڀني کان هن کي زياده ڀائيندو

هو ۽ خوش قسمتيءَ سان هو سندس طبيعت وٽان به هو. وٽس هڪ سچ جهڙي حسين ۽ جميل ٻانهي هئي، جنهن جي خوبصورتيءَ جي جيتري به واکاڻ ڪجي، اوتري ٿوري. هوءَ حسن ۽ جمال جو هڪ مجسمو هئي، جنهن هڪ ئي نظر سان ڏسندڙن جو خون ٿي وهايو. اتفاق سان جيئن ان شاگرد جي نظر انهيءَ ٻانهي تي وڃي پيئي، تيئن بي ساخته دانهن نڪري ويس ته مان اڄ کان ان جو شاگرد آهيان ۽ هوءَ منهنجي استاد. بس پوءِ ته رات ڏينهن ان بت جي عشق ۾ ڳري ڪاٺي ٿي ويو.

جڏهن سندس استاد کي هن ڳالهه جي مس پيئي، تڏهن هن انهيءَ کي ان عشق کان ڇڏائڻ لاءِ حيله‌بازيءَ کان ڪم ورتو. ٻانهيءَ جي ٻنهي هٿن ۾ سير ڇوڙايائين ۽ ان کي اهڙو جلاب ڏنائين، جنهن سبب ڪيس ايترا ته دست آيا، جو هوءَ ڦري زرد ٿي ويئي ۽ وڃي هڏن جو پڃرو بچي. سندس ڳلن تان تازگي ۽ رونق ويندي رهي، ۽ گهڻي بدشڪل ۽ ڪوجهي نظر اچڻ لڳي. انهيءَ کان پوءِ شاگرد ۽ ٻانهيءَ ٻنهي کي گهرايائين. جڏهن نوجوان جي ان تي نظر پيئي ته دل ئي ٿهي ويس. سندس گرمي سرديءَ ۾ تبديل ٿي ويئي ۽ انهيءَ ٻانهيءَ کان ماڳهين بيزار ٿي ويو. جڏهن سندس استاد هيءَ حالت ڏٺي، تڏهن پڇيائين ته آخر تنهنجو هيترو سارو عشق ڪاڏي ويو، تون به اهو ساڳيو ۽

پاڻهي به اها سڃاڻي آهي؟ درحقيقت تون نادان هئين ۽ محض خون ۽ گندگيءَ تي چريو ٿي پئين.

اي انسان! جنهن صورت پرستي اختيار ڪئي، سو پيلا معنيٰ کي ڪٿي ٿو سوچي سگهي؟ تنهنجو هيءُ خواهشات سان ڀريل نفس به صورت تي ئي عاشق آهي، البت تنهنجي روحاني جان (دل)، معنيٰ سان عشق رکي ٿي. تون معنيٰ جي عشق خاطر صورت جي عشق کي ڇڏي ڏي ته جيئن معرفت جو سج توتي چمڪندو رهي.

هڪڙي عاشق جو شبليءَ جي اڳيان روئڻ

هڪڙي دفعي هڪڙو غمگين شخص، شبليءَ وٽ اچي ڪيس چوڻ لڳو ته منهنجو هڪ دلبر، جنهن سان پنهنجي دل وندرائيندو هوس، مري ويو آهي، ۽ مان ان جي غم ۾ ڳري ۽ مري رهيو آهيان. شيخ جواب ڏنس، ته جيڪڏهن تنهنجي دل انهيءَ ڳالهه ڪري (مجازي عشق سبب) رنجيده آهي ته پوءِ تون هڪ وڏيءَ سزا جو لائق آهين. هيءُ رنج ته ڪجهه به نه آهي. تون هاڻي وڃي هڪڙي ٻئي دوست کي اختيار ڪر، جو مري ئي نه، ڇالاءِ جو مرندڙ (دوست) جي دوستي دل کي غم پهچائي ٿي. جو به شخص صورت جي عشق ۾ مبتلا ٿيو، تنهن سچ پچ پاڻ کي مصيبتن ۾ ڦاسائي ڇڏيو.

Gul Hayat Institute

هڪڙي واپاريءَ جو پنهنجي ٻانهيءَ کي وڪڻڻ ۽ بعد ۾ پشيمان ٿيڻ

هڪڙي مالدار واپاريءَ وٽ، هڪڙي سونهن ڀري ۽ شيرين زبان ٻانهي هئي. اتفاق سان انهيءَ کي وڪڻي ويٺو ۽ بعد ۾ ان جي جدائيءَ کان گهڻو پريشان ۽ بي آرام ٿي پيو. نيٺ خريدار وٽ وڃي ان جي موٽائڻ لاءِ ڪيس گهڻي نائي جي آڇ ڪئي، مگر هن اها (آڇ) نه قبولي. بس پوءِ ته زار زار روئندو ۽ مٿي تي مٽي وسائيندو چوندو رهيو ته، مون جهڙي لاءِ هيءَ ٿي داغ ۽ هيءَ ئي سزا ڪافي آهي. نهايت نادانيءَ کان ڪيئن ٻوٽي ڪٺي پنهنجي محبوب کي چند دينارن تي وڪيم!

اڙي انسان! بازار ۾ ڇهڇٽو لڳو پيو آهي، ۽ تون اڃا پنهنجي خساري جي ڪلي آهين. تنهنجي حياتيءَ جو هر هڪ دم گوهر آهي ۽ دنيا جو هر ذرو تنهنجي الله تعاليٰ طرف رهنمائي ڪري رهيو آهي. مٺي کان پيرن تائين ان جي نعمتن ۾ ٻڏل آهين. ڪا گهڙي انهن کي به ياد ڪر. هن توکي ڪيتري نه عزت ۽ ناز سان پاليو آهي ۽ هوڏانهن تون بيوقوفيءَ کان غيرن جي محبت ۾ گرفتار آهين. ان محبوب کان پري رهڻ ۾ تو جنهن دليريءَ کان ڪم ورتو آهي، تنهن تي ذرا افسوس ڪر ۽ پشيمان ٿي ڏانهنس رجوع ٿي.

هڪڙي بادشاهه ۽ ڪتي جي ڳالهه

هڪڙو بادشاهه، شڪار لاءِ هڪڙو ڪتو ساڻ ڪري هڪ جهنگل ڏانهن روانو ٿيو. ڪتو پاڙهيل هو ۽ مٿس ريشمي جهل چڙهيل هئي. ڳچيءَ ۾ موتين سان جڙيل پٽو پيو هوس ۽ پيرن ۾ گهنگهرون پيل هئس. بادشاهه ان ڪتي کي سمجهدار ڪري ورتو، ۽ ان جي رسي پنهنجي هٿ ۾ جهلي. رستي تي هلندي، ڪتي جي نظر جيئن هڪڙي هڏي تي پيئي، تيئن اتي ئي ويهي ويو ۽ اڳتي هلڻ کان نابري واري ويٺو. بادشاهه، هيءَ حالت ڏسي حيرت کان پاڻ جلي ويو ۽ چوڻ لڳو ته، آخر مون جهڙي بادشاهه هوندي بہ ڪنهن ڏانهن نظر ڇو ٿي ڪئي وڃي؟ انهيءَ دم رسي ٽوڙي، حڪم ڪيائين ته، ڪتي کي هتان هڪاليو وڃي. ان تي، شڪاريءَ (جو بادشاهه سان گڏ هو) عرض ڪيو ته قبلا! هي ڪتو جيتوڻيڪ جهنگل جو لائق آهي، مگر سارو ئي سينگاريل آهي، تنهن کي ائين ڇڏڻ مناسب نہ آهي؛ ليڪن بادشاهه حڪم ڏنو ته، ان کي انهيءَ ئي حالت ۾ ڇڏي ڏيو. جڏهن هوش ۾ ايندو ۽ پاڻ کي اهڙو سينگاريل ڏسندو، تڏهن ياد ڪندو ته سندس مالڪ ڪو نهايت ئي مشفق ۽ مهربان هو.

منصور جو، سوريءَ تي چڙهڻ جو قصو

جڏهن منصور حلاج کي سوريءَ تي چاڙهيو ٿي ويو، تڏهن سندس زبان تي ”اناالحق“ کان سواءِ ٻيو ڪجهه

Gul Hayat Institute

نه هو؛ پر ڦاسي ڏينداڙ سندس زبان کي سمجهي نه سگهيا، تنهنڪري هٿ ۽ پير ڪاٽي ڇڏيائونس. زياده خون وهڻ سبب ڦري زرد ٿي ويو ۽ پوءِ انهن ڪپيل هٿن کي ڪٺي پنهنجي نورانيءَ منهن تي مليائين، ۽ چوڻ لڳو ته جڏهن خون ئي انسان جو پائوڊر آهي، تڏهن مان انهيءَ کي منهن تي مليان ٿو ۽ اهو انهيءَ لاءِ ته جيئن ڪنهن کي پيلو نظر نه اچان، ڇالاءِ جو جيڪڏهن ڪنهن جي نظر ۾ پيلو نظر آيس ته هو اهوئي گمان ڪندو ته شايد مان ڊڄي ويو آهيان؛ پر چاڪان ته مون کي ذرو به خوف نه آهي، تنهنڪري هتي اهڙي پائوڊر جي استعمال ڪان سواءِ ٻيو ڪو چاروئي ڪونهي!

شيخ جنيد ۽ سندس پٽ جي مارجي وڃڻ جي ڳالهه

حضرت جنيد، جو صوفين جو پيشوا ۽ معرفت جو هڪ وڏو ۽ اونهو سمنڊ هو، تنهن هڪ رات بغداد ۾ هڪ وڏي مجمعي اڳيان تقرير پئي ڪئي. سندس تقرير اهڙي دلپسند هئي، جنهن آسمان وارن کي به موهي ڇڏيو. ڪيس هڪڙو خوبصورت نوجوان پٽ هو، جنهن جو سر ماڻهن بيدرديءَ سان وڍي ڪٺي ان مجمعي ۾ اڇلايو. هيءَ ڏسي ان الله جي بندي ٻڙڪ به ٻاهر نه ڪڍي ۽ سامعين کي تسلي ڏيڻ لڳو. چيائين ته اڄ رات مون الله تعاليٰ جي اسرارن جي هڪ وڏي ديگ

Gul Hayat Institute

چاڙهي آهي، انهيءَ ۾ وجهڻ لاءِ هڙوئي سر هٿ گهرجي. بلڪ اڃا به ڪو اعليٰ ۽ افضل.

هڪڙي ٻئي پکيءَ جو جان سان پيار ۽ موت کان

ڊپ بابت سوال

هدهد کي هڪڙي ٻئي پکيءَ اچي ٻڌايو ته مان موت کان ڏاڍو ڊڄان ٿو. سيمرغ ڏانهن ويندڙ وادي گهڻو پري آهي ۽ مون وٽ نه ساز آهي نه سامان موت کان منهنجي دل ايترو ته گهبرائي ٿي، جو سمجهان ٿو ته مان ٻهرين ئي منزل تي مري ويندس، ٻيلي يار! ساهه پيارو اٿم، مون کان هليو ڪونه ٿيندو.

هدهد جو جواب

اڙي هيڻا ۽ نبل! آخر تون ڪيترو وقت هڏن (جي مٺ) جو پڃرو بڻيو رهندين؟ ڇا تون ايئن ٿو چاهين ته تنهنجي عمر اچي باقي دم ٻن تي بيٺي آهي، ۽ ڇا توکي اهو معلوم نه آهي ته اهو جو چاتو آهي، سو هڪ ڏينهن ضرور مرندو ۽ وڃي خاڪ جي حوالي ٿيندو. جيڪڏهن تون ڪٿي هن جهان ۾ ڪنهن عرصي تائين حڪومت به ڪرين، مگر ته به هڪ ڏينهن رنج ۽ زاريءَ سان توکي هيءُ جان ڏيڻي پوندي. هاڻي مان توکي به چار قصا ٻڌايان ٿو، ۽ اميد اٿم ته اهي تنهنجي هدايت جو باعث ٿيندا.

ققنس جي وڏي چمار جو قصو*

ققنس، هڪ عجيب ۽ وڻندڙ پکي (ڏکڻ) هندستان ۾ رهندو آهي (هن جو ڪوبه ڇڙيندڙ ڪونهي). سندس چهنب ڊگهي ۽ سخت ۽ ٻين جيان منجهس ڪئين سوراخ ٿين ٿا. هر سوراخ مان هڪ علحدو ۽ سريلو آواز نڪري ٿو، جو پکين ۽ جانورن، ٻنهي کي مدهوش ۽ بيقرار ڪري ڇڏي ٿو. چون ٿا ته علم موسيقي به ان جي ئي آواز مان ورتل آهي. هن جي عمر هزار سال ٿئي ٿي، ۽ جڏهن سندس موت جو وقت ويجهو ايندو آهي، تڏهن هو ان کان اڳ ۾ ئي واقف ٿي ويندو آهي، ۽ پوءِ ڪجهه ڪاٺيون ميڙي، انهن جي وچ ۾ اچي، دردناڪ داڻهون ڪرڻ شروع ڪري ڏيندو آهي. انهن آهن ۽ داڻهن ۾، جي سراسر سوز ۽ گداز هونديون آهن، موت جي خوف کان پيو ڦيٿون کائيندو ۽ ڪنبڙاٽيون هڻندو آهي. پکي ۽ جانور هن جي نوحه ۽ ناله کان ايترو ته متاثر ٿيندا آهن، جو ڪا گهڙي ته هو، هن دنيا کي ئي وساري ويهندا آهن، ۽ انهن مان ڪي ته مري به ويندا آهن. اهو واقعي هڪ عجيب ڏينهن هوندو آهي، جڏهن سندس عمر جي باقي وڃي هڪ گهڙي رهندي آهي، تڏهن پريشان حال ۾ اڳيان ۽ پويان پيو پر هڻندو ۽ ٽپ

* هڪڙي مشهور پکيءَ جو نالو آهي، جو هڪ هزار ورهيه زنده رهندو آهي.

ڪاٺيندو آهي، جنهن سببان منجهانئس باهه پيدا ٿيندي آهي، جا ڪاٺين کي وڪوڙي ويندي آهي. جڏهن هو ۽ ڪاٺيون ٻئي سڙي، اگر ۽ رک ٿي ونديون آهن، تڏهن انهيءَ رک مان هڪ ققنس جو ٻچو ظاهر ٿيندو آهي. ههڙو عجيب رنگ توهان ڪڏهن ڏٺو به نه هوندو!

اي انسان! جيڪڏهن ققنس جيان توکي ڊگهي عمر ڏني به وڃي ته به نيٺ هڪ ڏينهن ذليل ٿي مرندين. موت برابر درد ۽ سختي ڏيندڙ شيءِ آهي. مگر ڇا ڪجي، ان کان ڀڄي وڃڻ جي واهه ٿي ڪانهي.

هڪڙي ڇوڪري ۽ صوفيءَ جو قصو

هڪڙو ڇوڪرو، پنهنجي پيءُ جي جنازي اڳيان ڳوڙها ڳاڙيندو ۽ چوندو پئي رهيو، ته ههڙو ڏينهن، جنهن منهنجي جان کي ڦٽي وڌو آهي، مون اڳي ڪڏهن به ڪونه ڏٺو! هڪڙي صوفيءَ چيس، ته تنهنجي پيءُ تي به اهڙو ڏينهن اڳ نه گذريو آهي. جو ڪم توکي پيش آيو آهي، سو ڪو وڏو ڪونهي، ليڪن وڏو ۽ مشڪل ڪم اهو آهي، جو تنهنجي پيءُ کي پيش آيو آهي.

اڙي نادان انسان! جيڪڏهن ڪٿي تون بادشاهيءَ جي مسند تي ويهين به، ته به هڪ ڏينهن توکي خالي هٿين وڃڻو پوندو.

Gul Hayat Institute

هڪڙي بين وڃائيندڙ جو قصو

جڏهن هڪڙي بين وڃائيندڙ جو موت ويجهو آيو، تڏهن هڪڙي شخص، پوشيده طور ڪانئس موت جو حال پڇيو ته جواب ڏنائين، ته منهنجو حال هينئر ٻڌائڻ جهڙو ڪونهي، مان هڪ وڏي مصيبت ۾ مبتلا آهيان.

اي انسان، موت جو علاج، سواءِ موت جي ٻيو آهيئي ڪونه، ۽ اسان سڀيئي مرڻ لاءِ پيدا ٿيا آهيون، مگر افسوس، وري به دنيا سان دل لايو ويٺا آهيون. اهو شخص، جنهن جي همٿ ۾ ساري دنيا جي بادشاهي هئي ۽ جو فرش کان عرش پٺي آڏائو، سو هڻ وقت زمين اندر خاڪ ٿيو پيو آهي. موت جو رستو ڏاڍو مشڪل آهي ۽ جڏهن توکي ان جي تلخيءَ جي خبر پوي ته تنهنجي هيءَ منڙي جان زير بر ٿي وڃي.

حضرت عيسيٰ عليه السلام ۽ پاڻيءَ جي مٽ جو قصو

هڪڙي دفعي حضرت عيسيٰ عليه السلام، هڪ نديءَ مان مٺو ۽ خوشبودار پاڻي پيتو ۽ ان نديءَ مان هڪ ڀريل مٽ مان به پاڻي پيئي روانو ٿيو، ليڪن مٽ جي پاڻيءَ کان سندس وات ڪڙو ٿي پيو ۽ واپس موٽي عجب ۾ پئجي پڇڻ لڳو، ته اي پروردگارا هن مٽ جو پاڻي ۽ نديءَ جو پاڻي ته مڙيو ئي ساڳيو آهي، مٽ جو پاڻي ڪڙو هو ۽ هيو ماکيءَ کان به مٺو، آخر هيءَ راز ته سمجهائينم. خدا تعاليٰ جي حڪم سان

Gul Hayat Institute

اهو مٽ خود حضرت عيسيٰ جي اڳيان اچي چوڻ لڳو ته مان هڪ جهونو ماڻهو آهيان. ڪيترا دفعا، ڪڏهن ڪوزو (ڪئونرو) ۽ ڪڏهن مٽ ته ڪڏهن ڪونڊو ٿي ٺهيو آهيان. جيڪڏهن مون کي اجا به هزار بار ڪٽي مٽ بنائيندا، ته به موت جي تلخي مون کان وسري نه سگهندي. مان موت جي تلخيءَ جي ياد ۾ هميشه ائين رهان ٿو، ۽ منهنجو پاڻي ان سبب ڪري ئي کارو آهي.

سقراط ۽ سندس شاگرد جو قصو

چون ٿا ته جڏهن سقراط جي سڪرات جو وقت آيو، تڏهن هڪ شاگرد کيس عرض ڪيو ته اي استاد، جڏهن توکي غسل ڏيئي ۽ ڪفن پهرائي بس ڪريون، تڏهن پوءِ ڪٿي دفن ڪريون؟ جواب ۾ چيائين ته جيڪڏهن تون مون کي ڳولي لهين ته پوءِ جتي چاهين تتي ڪٿي دفن ڪجئين. جڏهن هن هيتري ساري وڏي ڄمار ۾ مون پنهنجو پاڻ کي نه ڳولي لڌو، تڏهن مون کان پوءِ، تون مون کي ڪٿي ٿو ڳولي سگهين؟ مان هن وقت اهڙيءَ طرح وڃي رهيو آهيان، جو مون کي ذرو به پنهنجي خبر ڪانهي.

بصري جي شيخ جو هڪ مردي جي قبر تي وڃڻ جو قصو

هڪ دفعي جي ڳالهه آهي ته ماڻهو جيئن هڪڙي مردي کي دفن ڪري رهيا هئا، تيئن شيخ حسن بصري

۽ اچي ان قبر تي پهتو. قبر ۽ لحد کي به چتائي ڏسي رهيو هو ۽ زارو زار روئي به رهيو هو. پوءِ چيائين ته هن جهان جي آخري منزل قبر آهي، هُن جهان جي پهرين منزل اهائي ساڳي اونداهي قبر آهي.

اي انسان! تون هن غيرحقيقي دنيا سان ڇو تو دل لائين؟ جنهن جي آخري منزل ئي ههڙي تنگ ۽ ڀيانڪ قبر آهي. تون اهڙي ڏکئي ۽ پُرخطر جهان کان ڊپ ڊار، آخر تون ڪيستائين ان سان پيار رکيو ايندين؟

هڪڙي ديواني جو سڪرات ۾ روئڻ

هڪڙو اهل راز ديوانو، سڪرات جي وقت بي طاقتي ۽ پريشان حالي ۽ کان زارو زار روئڻ لڳو، ۽ چوڻ لڳو ته اي منهنجا مولي! تو جڏهن جان (ساهه) کي پيدا ڪيو ۽ وري ان کي واپس وٺين ٿو، تڏهن ڀلا تو ان کي پيدا ڇو ڪيو جيڪڏهن منهنجي جان نه هجي ها ته مان (يقيناً) آرام ۾ هجان ها ۽ ههڙي طرح جان نڪرڻ جي عذاب کان بچي پوان ها. نه زندهه ٿيڻ کان پوءِ مرڻو پوديم ها ۽ نه وري توکي (ان کي) آڻڻ ۽ (وري واپس) نيڻ جي ڪا تڪليف وٺڻي پوي ها.

حضرت عيسيٰ عليه السلام جو موت کان ڊڄڻ

حضرت عيسيٰ عليه السلام جي ڳالهه ڪندا آهن ته هو هميشه بي فڪر ۽ نهايت خوش رهندو هو، مگر جڏهن موت جي ياد ايندي هيس، تڏهن ٻڪر ۾ شل ٿي ويندو هو!

هاڻي جڏهن روح الله جي حالت هھڙي آهي، تڏهن افسوس آهي اسان تي، جو اهڙي بلا (موت) کان غافل آهيون، جا هروقت تاڙ ۾ ويٺي آهي!

خداتعاليٰ جو حضرت ابراهيم عليه السلام کان زياده سخت شيءِ بابت پڇڻ

جڏهن حضرت ابراهيم عليه السلام وفات ڪئي، تڏهن الله تعاليٰ کانئس پڇيو، ته پڌاءِ ته تو دنيا ۾ ڪهڙي شيءِ سخت ترين (وڌيڪ ۾ وڌيڪ درد رسائيندڙ) ڏٺي؟ جواب ڏنائين، ته منهنجا مولىٰ! پٽ (اسماعيل ڏانهن اشارو) کي ڪهڻ ۽ پيءُ (آذر ڏانهن اشارو) کي دوزخ ۾ ڏسڻ به سخت هو، منهنجو باهه ۾ پوڻ ۽ ڪو زمانو مصيبتن ۾ گذارڻ ۽ ٻيون ڪيتريون اهڙيون پريشانيون واقع سخت هيون، ليڪن ساهه ڏيڻ (سڪرات) جي (تڪليف جي) مقابلي ۾ اهي سڀ هيچ هيون.

اڙي انسان! تون رات ڏينهن ڇو غفلت ۾ پيو آهين؟ هن مشڪل ڪم جو اڳي ڪو علاج سوچ ۽ موت لاءِ سامان تيار ڪر!

هڪڙي غريب وزير جو قصو

هڪڙي دفعي بادشاهه ڪنهن غريب کي پاڻ وٽ وزير ڪري رکيو. هن، ان وزارت مان گهڻو مال ۽ مانُ حاصل ڪيو. آخر جڏهن پيري آئي، تڏهن بادشاهه کي عرض ڪيائين، ته هينئر مون کي عزلت اختيار

ڪرڻ جي اجازت ڏني وڃي، چالاڪ جو مان موت کان ڏاڍو ڊڄان ٿو ۽ چاهيان ٿو ته سارو وقت وڃي اطاعت ۾ گذاريان! بادشاهه چيس ته، تون اول ۾ اسان وٽ خالي هٿين آيو هئين ۽ هن وقت تو وٽ ڪافي مال آهي، تون اهو اسان وٽ ڇڏي پوءِ پيلي هليو وڃ. ويچاري غريب جواب ڏنو ته سائين! مون پنهنجي نقد عمر توهان جي ئي رستي ۾ خرچ ڪئي، هاڻي جيڪڏهن توهين اها مون کي موٽائي ڏيو ته هي اوهان جو مال حاضر آهي.

اڙي نادان! تون پنهنجي عمر جي قدر ۽ قيمت کي نٿو سمجهين. تون ان بابت قبر وارن کان وڃي پڇ، اهي ئي خوب ڄاڻن ٿا (ته حياتيءَ جو هڪ دم ساري دنيا جي مايا کان وڌيڪ ملهه رکي ٿو.

هڪڙي شخص جو هڪ پرهيزگار کي خواب ۾ ڏسڻ

هڪڙي ماڻهوءَ، هڪ رات ڪنهن پرهيزگار بندي کي خواب ۾ ڏٺو ۽ ان تي سلام ورايائين، ليڪن هن جواب نه ڏنو. جڏهن ڪانئس پڇيائين ته، سلام جو جواب ڏيڻ فرض آهي، تڏهن ان ٻڌايس ته فرضيت جو دروازو اسان لاءِ بند آهي (ليڪن اوهان لاءِ کليل). اسان هيئنر ڪابه عبادت ويندي ابد تائين ڪري نٿا سگهون. جيڪڏهين مان تو وانگر دنيا ۾ هجان ها ته گهڙي به اطاعت کان سواءِ نه گذاريان ها، ۽ سارو وقت عبادت ۾ لڳو رهان ها. پهريائين اسين بلڪل بيخبر

هڻاسون، زندگيءَ جو قدر هاڻي پيو اڻئون، مگر افسوس هينئر عبادت ڪرڻ جو رستوئي بند ٿي ويو، قيمتي عمر به ائين هلي ويئي، هينئر دائمي غم وچي لاڳو رهيو آهي. اسان کي حيف آهي جو اسان ڪجهه نه ڪيو، حالانڪ سڀڪجهه ڪري ٿي سگهياسين. هن وقت اسين حيران ۽ پشيمان، زندان ۾ پيا آهيون! پکيءَ کي پنهنجي پرن جو قدر تڏهن پوندو آهي، جڏهن هي سڙي ويندا آهن. هاءِ افسوس، حياتي ويندي رهي، ڪو ڪم نه ٿيو ۽ غم ساٿي بڻجي ويو!

هڪڙي شخص جو حضرت عيسيٰ عليہ السلام کان سوال پڇڻ

هڪڙي شخص حضرت عيسيٰ عليہ السلام کان پڇيو ته سائين! توهان دنيا ۾ پنهنجو گهر ڇو نٿا بنايو؟ جواب ڏنائون ته، مان ڪو ڇريو ڪونه آهيان اها شيءِ جا مون سان هميشه رهي ٿي نه، سا ڪيئن ٿي منهنجي لائق ٿي سگهي؟

هڪڙي پٿي پکيءَ جو دنيا جي نامراديءَ بابت سوال

هڪڙي پٿي پکيءَ هدهد کي مخاطب ٿي چيو ته اي پيارا! زمانو هڪڙي گهڙي به منهنجي مراد موافق نه هليو آهي. منهنجي دل ايترو ته غم سان پريل آهي، جو هن جان جو ڪو ذرو به انهن جي اثر کان خالي نه آهي. سدائين حيران ۽ عاجز رهيو آهيان هيترن غمن ۽ ڏکن هوندي پيلا مان هن سفر ۾ ڪيئن ڪاهي

پوان! ها البت، جيڪڏهن دل ڏکويل نہ هجيم ها تہ هي سفر مون کي سهڻجو نظر اچي ها. هاڻي جڏهن منهنجي دل غمن سان اهڙي چڪنا چور آهي، تڏهن تون ڏي ٻڌاءِ تہ مان ڇا ڪريان؟

هدهد جو جواب

اڙي دنيا جا نڳيل، تون اجايو پيو سوداءُ پچائين. مراد يا نامراد گهڙي پلڪ ۾ گذريو وڃن. هاڻي اها شيءِ، جا هڪ پلڪ اندر وڃي ٿي، سا جيڪڏهن ميسر نہ ٿي سگهي تہ ڪهڙي وڏي ڳالهہ! هر اها شيءِ، جا پائدار نہ آهي، تنهن سان دل لڳائڻ زنده دلي نہ آهي. چگو هي ٻہ چار حڪايتون ٻڌي ڇڏ، انهن ۾ تولاءِ نصيحت آهي.

هڪڙي عارف جي حڪايت

هڪڙو وڏو عارف شخص هو، جنهن ڪڏهن بہ ڪنهن جي هٿان شربت نہ پيتو. جڏهن ان بابت ڪائنس پڇيو ويو، تڏهن جواب ڏنائين تہ، مان موت کي اکين آڏو ڏسي رهيو آهيان. اهو منهنجي دماغ تي اهڙو سوار آهي، جو شربت مون لاءِ هڪ زهر آهي.

اي انسان! اها شيءِ جنهن کي گهڙي بہ بقاءَ نہ آهي، پوءِ ڪٿي هيءَ ساري دنيا ڇو نہ هجي! تنهن جو تہ پاڻي ملهہ بہ ڪونهي. جيڪڏهن نامراديءَ سبب تنهنجو برو حال ٿيو آهي، تہ تون ان لاءِ شڪايت نہ

Gul Hayat Institute

ڪر، ڇا لاءِ جو نامرادي ۾ هڪ گهڙي هوندي آهي. تون، جيڪڏهن ظاهري طور ڪنهن شيءِ ۾ رنج ڏسين ٿو ته، ٿي سگهي ٿو ته ان اندر باطني طور تو لاءِ گنج هجي. الله تعاليٰ جا هر گهڙيءَ توتي هزارين احسان ٿيندا رهن ٿا، مگر افسوس تون انهن کي ياد ٿي نٿو ڪرين. تون في الواقع خالي دماغ ۽ عقل کان بنهه ڪورو آهين.

هڪڙي بادشاهه ۽ غلام جي حڪايت

هڪڙي نيڪ اخلاق بادشاهه، هڪ دفعي پنهنجي نوڪر کي ڪو ميوو کائڻ کان ڏنو، جو هن ڏاڍيءَ خوشيءَ سان کاڌو، ۽ چوڻ لڳو ته هن کان زياده مٺي ٻي ڪا خوراڪ ٿي ڪانهي. نوڪر کي اهڙي شوق سان کائيندو ڏسي، بادشاهه جي دل ۾ سرڪي ويئي، ۽ انهيءَ مان کائڻ اڌ وٺي جڏهن چکيائين، تڏهن ڏاڍو ڪڙو نظر آيس. نوڪر کي چيائين ته، اهڙو ڪڙو ميوو، اهڙي چاهه سان (ڪڏهن) ڪنهن کاڌو؟ ان جواب ۾ عرض ڪيو ته سائين! مان جڏهن تنهنجي هٿان هزارين تحفا ملندا ڏسان ٿو، تڏهن ڪنهن وقت جيڪڏهن ڪو ڪڙو ٻه مليو ته ان کي موٽائڻ منهنجو شيوو نه آهي. هاڻي مان جڏهن تنهنجي نعمتن اندر سارو ٿي پوريو پيو آهيان، تڏهن تنهنجي هٿان مون کي ڪڙائي ڪيئن معلوم ٿيندي؟

هڪڙي شخص جو صوفيءَ کان سوال

ڪنهن معزز شخص، هڪڙي صوفيءَ کان سندس زندگيءَ جو حال پڇيو. جواب ۾ چيائين، ته مان هڪ ٻُهر جي ڏيگ تي پيو آهيان، خشڪ لب ۽ تر دامن. جڏهن به مون اتي ڪو مانيءَ جو ٽڪر پڳو آهي، تڏهن منهنجو گردن ٽوڙيو ويو آهي.

اي پندا! جيڪڏهن تون هن دنيا ۾ خوشيءَ جي تلاش ڪرين ٿو ته پوءِ تون ننڊ ۾ آهين. تون جيڪڏهن ساريءَ دنيا جو چڪر هڻي اچين ته به توکي خوشدلي ڪٿي به نظر نه ايندي. تون وڃي ڪو اهڙو ڪم ڪر، جو سڀان توکي پل صراط پار ڪرڻ ۾ سولائي ٿئي.

هڪڙي پوڙهيءَ عورت جو شيخ مهنه کي عرض

هڪ دفعي، شيخ مهنه کي هڪڙي پيرسن عورت عرض ڪيو ته سائين! مون کي ڪا (خوش دليءَ جي) دعا سيکاريو، جنهن کي مان وظيفو ڪري وٺان، ڇالاءِ جو مون هن وقت تائين گهڻيون تڪليفون سٺيون آهن ۽ مون ۾ هينئر وڌيڪ سهڻ جي طاقت ئي نه رهي آهي. شيخ جواب ڏنس، ته ڪنهن زماني کان مان به چلو ڪيي رهيو آهيان ته ڪو اهڙو نسخو هٿ اچيم، جنهن سان دلي آرام نصيب ٿئي، مگر ان جو ڪو پتو پار ئي نظر نه آيو. هاڻي جيستائين هن درد جي

Gul Hayat Institute

دوا نہ ملندي، تيستائين دل کي خوشي ڪيئن حاصل ٿي سگھندي؟

هڪڙي سائل جو حضرت جنيد کان سوال

هڪڙو شخص، حضرت جنيد جي آڏو ويهي، کيس عرض ڪرڻ لڳو، تہ اي الله تعاليٰ جا مقبول ۽ محبوب عاشق، مهرباني ڪري ٻڌائينم تہ انسان کي خوشي ڪڏهن حاصل ٿي سگھندي؟ شيخ جواب ڏنس، تہ اها کيس ان وقت حاصل ٿي سگھندي، جنهن وقت هو بيدل (دل کان خالي) ٿيندو؛ ۽ تون هيءُ ياد رکي ڇڏ تہ جيستائين کيس الله تعاليٰ جو ديدار ميسر نہ ٿيندو، تيستائين هو حيران، پريشان ۽ بيچين ٿي رهندو.

ڇمڙي جي گفتگو

هڪڙي دفعي، هڪڙي ڇمڙي، وٽ ۽ سٽ کائيندي پئي چيو، تہ مون کي هڪ گھڙي بہ سچ ڏسڻ جي طاقت نہ آهي. مان ساريءَ عمر عاجزيءَ سان اکيون بند ڪري هلندو رهان ٿو ۽ آخرڪار وٽس پهچي، منجهس گم ٿي ويندس. هڪڙو تيز اکين وارو، جو سندس پر ۾ ويٺو هو، سو کيس چوڻ لڳو، تہ تون سراسر دوکي هيٺ آهين. هيءُ سفر هزارن سالن جو آهي. تو پريشان حال کان ڪٿي ٿو طئي ٿي سگھي؟ جواب ڏنائين تہ ڪا پرواهہ نہ آهي، مان هيئنر اڏامان ٿو ۽ ڏسان ٿو تہ ان جو ڪهڙو ٿو نتيجو نڪري. ڪئين

سال اٿين هلندو رهيو، تان جو هو پنهنجي سموري طاقت وڃائي ويٺو ۽ ڳري ڪمزور ٿي ويو. ان هوندي به جڏهن سچ نظر نه آيس، تڏهن سمجهڻ لڳو، ته شايد مان ان ڪان اڳڀرو لنگهي ويو آهيان. هڪڙو ڏاهو، جو هيءَ ڳالهه ٻڌي رهيو هو، تنهن کيس چيو ته تون ڪو وڏو بيوقوف ۽ غافل آهين، تون هيءَ به نٿو ڄاڻين ته تون اڃا هڪ قدم مس وڌيو آهين ۽ سمجهين ٿو ته مان سچ ڪان به اڳتي لنگهي ويو آهيان! هيءَ ڳالهه ٻڌي، ڇمڙو ڏاڍو شرمسار ۽ ڦڪو ٿيو ۽ سندس رهيل کهيل طاقت به ويندي رهي. سچ کي مخاطب ٿي چوڻ لڳو ته تو هڪ سمجهدار پکيءَ کي ڳولي لڌو آهي. کهڙو نه چڱو ٿئي، جيڪڏهن ان جي ڪارڻ جو حصو ڪانئس هٿايو وڃيءَ ۽ جيئن ته هن هيءَ التجا نهايت گهڻي درد سان ڪئي، تنهنڪري اها جهٽ پٽ اگهامي ويئي ۽ هو نابين مان بينا، ۽ مسڪينيءَ مان دولتمند ٿي ويو.

هڪڙي ٻئي پکيءَ جو حڪم جي تابعداري بابت سوال ڪرڻ

هڪڙي ٻئي پکيءَ، هدهد ڪان دريافت ڪيو، ته ڀلا هيءَ ته ٻڌائينم ته جيڪڏهن مان انهيءَ (الله تعاليٰ) جو حڪم بجا آڻيان ۽ ان جي رد ۽ قبول سان به ڪو غرض نه رکان (وڻيس ته منهنجي عبادت قبول ڪري، وڻيس ته نه ڪري)، ۽ محض ان جي حڪم جي

بجا آوري مقصود هجيم ۽ هميشه ان جي حڪم جو منتظر رهان ته پوءِ ڇا ٿيندو ۽ ان جو ڪهڙو نتيجو نڪرندو؟

هدهد جو جواب

هدهد جواب ڏيندي چيو ته اڙي دوست! هن ڪان وڌيڪ ٻيو ڪهڙو ڪمال ٿي سگهي ٿو (ٻيو ڪمال ٿي ڪونهي). جنهن هڪڙي ان جي حڪم جي پيروي ڪئي، تنهن جي ثواب جو ڪو ڪاٿو ٿي ڪونهي ۽ هو گهڻن اوکاين ۽ دشوارين کان ڇٽي پيو. ڪم جو دارومدار فرمانبرداريءَ تي آهي، تنهنڪري تون پنهنجي طرفان ڪوبه دخل نه ڏي ۽ الله تعاليٰ جي هر حڪم جي بي چون و چرا تابعداري ڪندو رهه. ان بابت مان توکي ٻه چار حڪايتون به ٻڌايان ٿو.

اياز جو لعل جي پيالي کي ٽوڙڻ

هڪڙي دفعي، اياز جي هٿ ۾ هڪ لعل جو پيالو هو، جنهن جي قيمت جو ته ڪو اندازو ئي ڪونه هو. سلطان محمود جي حڪم ڏيڻ تي هن ان کي هڪدم زمين تي هڻي پرزا پرزا ڪري ڇڏيو. سپاهين ۽ درٻارين ۾ گهڻو شور ۽ غل مچي ويو ۽ انهن مان هرهڪ کيس اهڙي قيمتي چيز جي ضايع ڪرڻ تي ملامت ڪرڻ لڳو ۽ بادشاهه هي سڀ مشڪندو ٻڌندو رهيو ۽ انهن اڳيان پنهنجي اطمينان جو اظهار ڪندو رهيو. نيٺ

هڪڙو آٽي ڪانئس پڇڻ لڳو، تہ آخر تو اهڙي قيمتي ۽ روشن پيالي کي ڇو اهڙي بيعزتيءَ سان پڇي ڀور ڪيو! جواب ڏنائين تہ: بادشاهہ سلامت جو حڪم بجا آڻڻ سون وٽ زمين ۽ آسمان کان وڌيڪ وزن رکي ٿو. تنهنجي نظر وڃي پيالي تي پئي ۽ منهنجي نظر سندس فرمان ۾ رهي.

بندو اهو ڀلو آهي، جو پنهنجي آقا جي فرمان تي هلي ۽ ان خاطر پنهنجي جان ڏيڻ کان بہ دريغ نہ ڪري، پيالي وغيره جي تہ ڪا قيمت ئي ڪانهي.

هڪڙي بادشاهہ جو پنهنجي فرمانبردار قيدين طرف متوجهہ ٿيڻ

هڪڙي دفعي، هڪڙو بادشاهہ پنهنجي شهر واپس موٽي رهيو هو ۽ ان شهر جا باشندا سندس آمد خاطر ان کي خوب سينگاري رهيا هئا. ان شهر ۾ جيڪي قيدي هئا، تن وٽ سواءِ هٿڪڙين، ڳٽن، ڪجهہ ڪٽيل سرن، هٿن ۽ ٽٽل جگرن جي ٻيو ڪجهہ هوئي ڪونہ، ۽ هنن (غريبن) انهن سان ان شهر جي سجاوٽ پئي ڪئي. بادشاهہ سينگاريل شهر مان ٿيندو جڏهن قيدخاني وٽ آيو، تڏهن گهوڙي تان لهي، قيدين کي ملاقات جو شرف بخشيو ۽ کين جهجهو سون ۽ چاندي ڏني. بادشاهہ جو هڪ رازدار ساٿي، هيءَ ماجرا ڏسي ڪانئس پڇڻ لڳو تہ، آخر هي ڇا آهي جو توهان هيتري ساري زيب ۽ زينت کان منهن ڦيري اچي هڪ قيدخاني وٽ، قيام فرمايو، جتي رهزنن جي چند ڪٽيل سرن ۽ هٿن کان

سوال پڇي ڪابہ وندرائڻ جهڙي شيءِ ڪانهي؟ بادشاهہ جواب ڏنس تہ ٻين جي سجاوٽ بازيگرن جي راند مثل هئي، هرهڪ پنهنجي طور ۽ طريقي ۽ مذاق مطابق پنهنجي پنهنجي شيءِ پيش ڪري رهيو هو ۽ ائين ڪرڻ سان هو سڀيئي گهاٽي ۾ هئا، منهنجي مراد ڪي قيدين پورو ڪيو آهي. جيڪڏهن منهنجو حڪم هتي جاري نہ هجي ها تہ ڪيئن سر جسم ڪان ۽ جسم سر ڪان جدا هجي ها! مون پنهنجي حڪم جي تعميل هتي ڏني آهي هي ويچارا سارو وقت هن انتظار ۾ ويٺا آهن تہ ڪڏهن ٿا قيدخاني ڪان نڪري،سوريءَ طرف وڃن انهيءَ ڪري ٿي هي قيدخانو مون کي باغ بهار نظر آيو.

خواجہ اڪاف جو بايزيد ۽ ترمذيءَ کي خواب ۾ ڏسڻ

خواجہ اڪاف چوي ٿو تہ هڪ رات مون خواب ۾ ڏٺو تہ بايزيد ۽ ترمذي هڪ رستي تي وڃي رهيا آهن، ۽ انهن ڪٺي مون کي پنهنجو اڳواڻ بنايو آهي. جڏهن ان خواب جي تعبير تي غور ڪيم، تڏهن معلوم ٿيم تہ مون ڪان هڪ دفعي سحر جي وقت، هڪ بيساختہ آهہ نڪري ويئي هئي ۽ ان وقت مون کي ٻڌايو ويو هو تہ سڀني پيرن ۽ مريدن ۾ بايزيد زياده پلارو آهي، جالاءِ جو ٻين سڀني اسان ڪان ڪجهہ نہ ڪجهہ گهريو آهي، ليڪن بايزيد ٿي هڪڙو شخص آهي، جنهن فقط اسان کي چاهيو ۽ اسان جي طلب ڪئي ۽ بس. جڏهن مون ان رات اهو خطاب ٻڌو، تڏهن دل ۾ چيم تہ،

هيءَ يا هوءَ گهُر ڪرڻ مناسب نہ آهي، ان بعد هيءَ دعا گهرندو هوس، تہ اي پروردگار، توکان مرغوب شيءِ جي گهر ڪرڻ اجائي آهي. جيڪڏهن تنهنجي دل درد کان خالي آهي، ۽ منجهس ڪا سچائي بہ نہ آهي تہ پوءِ تنهنجي ڳولا ۾ رهڻ بہ بي معنيٰ آهي. هينئر تنهنجي چاهنا منهنجي چاهنا آهي ۽ مان تنهنجي مرضيءَ کان ٻاهر وڃڻ نٿو گهران. منهنجي اهائي دعا هئي، جنهن سبب انهن ٻنهي بزرگن مون کي فوقيت ڏني. ٻندو جيستائين فرمانبردار رهندو، تيستائين خدا تعاليٰ جو قرب ماڻيندو.

شيخ خرقانيءَ جي سڪرات جي حڪايت

شيخ خرزانيءَ پنهنجي وفات جي وقت فرمايو تہ، افسوس، جيڪڏهن منهنجي جسم کي چيري ان مان منهنجي پچيل دل کي ٻاهر ڪڍيو وڃي ها تہ جيئن ماڻهن کي معلوم ٿئي ها تہ مان ڪهڙين نہ مشڪلاتن ۾ مبتلا آهيان، ۽ پوءِ اهي محسوس ڪن ها تہ راز جي چاٽندڙ سان بت پرستي ڪرڻ مناسب نہ آهي. بندگيءَ جي معنيٰ ئي عاجزي آهي، ۽ عاجزيءَ ۾ ئي زندگي آهي ۽ بندگيءَ کان سواءِ ٻيو سڀ هوس آهي.

اي انسان! تون صحيح معنيٰ ۾ عاجز ٿي گذار ۽ حرمت جي راهہ اختيار ڪر. بي حرمت بندي کي هميشہ مسند تان هٽايو ويندو آهي.

هڪڙي بادشاهہ جو ڪنهن ٻانهي کي خلعت بخشڻ

هڪڙي بادشاهہ، ڪنهن غلام کي خلعت عطا ڪئي. هو جڏهن شاهي محل مان ٻاهر آيو، تڏهن پنهنجي منهن تان رستي جي ڌوڙ مٽيءَ کي ان خلعت سان صاف ڪيائين. ڪنهن مخالف، وڃي بادشاهہ کي ٻڌايو تہ تنهنجي خلعت جو قدر اجهو هيءَ ٿيو آهي. بادشاهہ کي اها بي حرمتي ڏاڍي ڏُري لڳي تنهن فوراً ان پريشان حال کي سوريءَ تي چاڙهڻ جو حڪم ڏنو.

هن مان تون سمجهي ڇڏ تہ، جو شخص بي حرمتي ڪري ٿو تنهن جو بادشاهہ جي درٻار ۾ ذرو بہ ملهہ ڪونهي.

هڪڙي ٻئي پکيءَ جو پاڪبازيءَ بابت سوال

هڪڙي ٻئي پکيءَ اٿي پڇيو تہ اڙي يار هدهد! خدا تعاليٰ جي راهہ ۾ پاڪبازي ڪيئن آهي؟ دل کي مشغول رکڻ مون پاڻ تي حرام ڪري ڇڏيو آهي؛ جو ڪجهہ هٿ ۾ اچي ٿو تنهن کي ونڊي ورهائي ڇڏيان ٿو، ۽ پاڻ کي ڪنهن بہ شيءِ جي خيال ۾ نٿو رکان، هميشه ان جي ڪنڊ ۾ ويهي پاڻ کي پاڪ ۽ صاف ڪندو رهان ٿو تہ جيئن سندس منهن مبارڪ ڏسڻ جو لائق ٿيڻ جي پوان.

هدهد جو جواب

هدهد جواب ۾ چيس تہ اي دوست! هن رستي جو ثمر ئي پاڪبازي آهي، تو وٽ جو ڪجهہ آهي تنهن کي

پنهنجي اندر جي آگ سان جلائي ڇڏ ۽ پوءِ جڏهن سڀ شيءِ سڙي رک ٿي وڃي، تڏهن ان رک کي پيرن منجهس ويهي رهه. مصيبتن کان ڇٽڻ جو بس اهوئي طريقو آهي. جيستائين تون هر هڪ شي کان هٿ نه ڪڍندين، تيستائين تون هن آستاني تي قدم رکي نه سگهندين.

موت جي وقت هر شيءِ تنهنجي خون وهائڻ جي ڪوشش ڪندي، تنهنڪري تون سڀني شين کان پلئه ڇنڊي پوءِ هن رستي جو قصد ڪر، ڇا لاءِ جو جيڪڏهن شروع ۾ پاڪبازي نه آهي ته پوءِ تو لاءِ هيءُ سفر ڪرڻ به مبارڪ نه آهي.

ترڪستاني پير جي حڪايت

ترڪستاني پير پنهنجي متعلق خبر ٿو ڪري ته مان ٻن شين کي ڏاڍو پيارو رکان ٿو. انهن مان هڪڙي آهي، منهنجو تيز رفتار ابلق گهوڙو ۽ ٻي آهي منهنجو پٽ، پر جيڪڏهن پٽ جي مرڻ جي خبر پويم ته شڪريه طور گهوڙو خيرات ڪري ڇڏيندس، ڇا لاءِ جو مان ڏسان ٿو ته هيءُ ٻه شيون، ٻن بتن جي طرح منهنجي اکين جو ٺار بڻيون بيٺيون آهن.

اي انسان! جيستائين تون شمع وانگر نه جلين تيستائين پاڪبازيءَ جو دم به نه هڻ. اهو جو پاڪبازيءَ جو دم هڻي ٿو، سو پنهنجي ساري ڪاروبار کي برباد ڪري ڇڏي ٿو. پاڪباز جي حالت ته اي منهنجا پيارا، هيءُ

آهي، جو هو جيڪڏهن ڪنهن وقت ڪا ماني چاهه ۽ شوق سان کائي ٿو، ته ڪيس فورا ڪيڙيءَ وارو ٿڦڙ لڳايو وڃي ٿو.

شيخ خرقانيءَ جو واڱڻ کائڻ ۽ سندس پٽ جو سر ڪٽجڻ

شيخ خرقاني، جنهن جو فرش عرش هو (وڏي مرتبي وارو هو)، تنهن کي گهڻي وقت کان واڱڻ کائڻ جو شوق هو. سندس والده اڌ واڱڻ ڪٽي کيس زوريءَ ڏنو ۽ هن جڏهن اهو کاڌو، تڏهن دشمن سندس پٽ جو سر ڪاٽي ڇڏيو. هيءَ حالت ڏسي، شيخ چوڻ لڳو، ته مون بدبخت ڪئين دفعا چيو آهي، ته جيڪڏهن هي فقير کاڌو کائيندو ته يقينا کيس ڪونه ڪو ڪاري ڌڪ لڳندو. منهنجي جان هروقت جلي رهي آهي، ڇاڪاڻ ته ان (الله‌تعاليٰ) سان منهنجو معاملو نهايت ئي نازڪ آهي. هو جڏهن به ڪنهن شخص کي پنهنجي ڪم ۾ لڳائي ٿو، تڏهن هو غريب هڪڙو دم به پنهنجي مرضي سان نٿو ڪٽي.

اي انسان! هتي ڪنهن عاقل جي عقلمندي ڪم نٿي ڏئي ۽ نه وري علم جي زيادتي ئي ڪار آمد ٿئي ٿي. ان جا هزارين سرويچ عاشق، سندس هڪ ئي نگاهه سان پنهنجيون جانيون گهورين ٿا ۽ هي سڀئي جانيون، تڏهن ئي ڪار آمد ٿيون، جڏهن بي درديءَ سان سندن خون وهايو وڃي ٿو.

ذوالنون مصريءَ ۽ چاليهه گودڙيا

ذوالنون مصري، ڳالهه ٿو ڪري، ته هڪ ڏينهن جيئن مان ڪنهن بيابان مان وڃي رهيو هوس، تيئن مون رستي تي چاليهه گودڙين، خدا رسيده بندن کي، هڪڙي ئي هنڌ، مئل پيل ڏٺي، حواس باخته ٿي ويس. آخر پاڻ سنڀالي پڇڻ لڳس، ته اي خدا تعاليٰ! هيءُ تنهنجو ڪهڙو ڪم آهي، جو سردارن کي ائين اونڌو ڪيرايو ٿو ڇڏين؟ هاتف جواب ڏنو ته هن ڪم ڪان اسين پوريءَ طرح واقف آهيون. اسان ئي انهن کي ماريون ٿا، ۽ اسان ئي انهن جو خون بها ادا ڪريون ٿا ۽ جيستائين اسان وٽ معاوضي جي رقم موجود آهي، تيستائين اسان جي اهائي ڪار رهندي ته جيئن اوهان لاءِ ماتم باقي رهي. جڏهن مري بعد، سنهنجي پانهي جا اجزا محو ٿي ويندا ۽ سندس وجود جو ڪو نشان ئي نه رهندو. تڏهن مان سندس اکيان نڪڙي (نروار ٿي) ظاهر ٿيندس ۽ کيس پنهنجي جمال جو چوغو پهرائيندس ۽ پوءِ فقط مان ئي وڃي رهندس، ۽ بس.

اي انسان، جو شخص پنهنجي مولا ۾ محو ٿيو، سو سڀ آزار کان ڇٽي پيو. تون به ان ۾ محو ٿيڻ جي ڪوشش ۾ رهه ۽ وڌيڪ ڳالهه ئي نه پڇ.

Gul Hayat Institute

هڪڙي ٻئي پکيءَ جو همت جي بلنديءَ بابت سوال

اڙي يار هدهد! تون ته وڏيءَ نظر ۽ فڪر وارو آهين؛ تون خوب ڄاڻين ٿو ته هن معاملي (معنيٰ) ۾ همت کي وڏو دخل آهي. مان جيتوڻيڪ جسم ۾ ڪمزور ۽ هيٺو آهيان، مگر حقيقت ۾ وڏيءَ همت جو مالڪ آهيان. مون وٽ جيڪڏهن گهڻي عبادت ڪٿي نه آهي (مان جيڪڏهن ڪٿي گهڻي عبادت ڪري نٿو سگهان) ته ڪهڙي وڏي ڳالهه. مان عالي همت سان ته مالامال آهيان؛ تنهنڪري هاڻي تون ان باري ۾ ڪجهه ٻڌائينم ته، آيا مان هن ڪمزور جسم، مگر عالي همت سان پنهنجي بادشاهه سيمرغ کي پهچي سگهندس، يا نه؟

هد.هد جو جواب

اڙي منهنجا پيارا دوست! تون هيءَ حقيقت چڱيءَ طرح سان سمجهي ڇڏ، ته ازلي (الستي) عاشقن جو مقناطيس هيءَ عالي همت ئي هئي ۽ عالي همت ئي هر لڪل چيز کي کولي پڌرو ڪري ٿي. جنهن به پرندي ۾ عالي همت ظاهر ٿي، تنهن، جنهن به شيءَ کي ڳوليو، تنهن کي فوراً وڃي لڌو. همت هڪ اهڙي شيءِ آهي، جو جيڪڏهن ان مان ڪو ذرو ڪنهن کي ملي ويو، ته هن ان جي معرفت سج کي به جهڪائي ڇڏيو. سارو جهان همت جو محتاج آهي ۽ عاشقن جا پر هيءَ همت ئي آهي، جنهن جي زور تي هو اُڏامندا ۽ پرواز ڪندا رهن ٿا. هاڻي وقت اچي ويو آهي، جو مان توکي به چار ڪهاڻيون ٻڌايان.

هڪڙي پوڙهيءَ عورت جو حضرت يوسف کي خريد ڪرڻ

جڏهن حضرت يوسف کي مصر ۾ وڪيو ٿي ويو، تڏهن ٻين خريدارن سان گڏ هڪ پوڙهي عورت به هئي. هوءَ پاڻ سان ڪجهه نوڙين جا ڍيرا کڻي آئي ۽ اچي دلال کي چوڻ لڳي ته هن غلام کي ڏهن ڍيرن جي بدلي ۾ وڪڻي ڏينم جو مان مٽس چري ٿي پيئي آهيان. دلال کلي چيس ته اڙي بيوقوف، هيءُ هڪ لاثاني موتي آهي ۽ تو کي سونهين ٿي نٿو. هن جي قيمت گهٽو وڌي آهي ۽ تنهنجي پهچ کان گهٽو پري آهي، تنهنجي ڍيرن جي ته ڪا قيمت ئي ڪانهي! هي ٻڌي، پوڙهيءَ وراڻيءَ ڏنيس ته مون کي ته پوري طرح خاطري هئي ته هن قيمت تي ڪو به هن غلام کي فروخت نه ڪندو، ليڪن مون لاءِ هيءُ شرف ئي ڪافي آهي جو هاڻي دوست خواهه دشمن ائين چوندا ته هيءَ ٻڍي به يوسف جي خريدار هئي.

جنهن شخص کي عالي همت نصيب ٿي، تنهن گويا بي انتها بادشاهي ماڻي. اهائي عالي همت هئي، جنهن سبب، انهيءَ عاليءَ همت بادشاهه، پنهنجي مملڪت کي باهه لڳائي هئي (حضرت ابراهيم ادهم ڏانهن اشارو آهي، جنهن سلطنت کي ترڪ ڪري درويشي اختيار ڪئي هئي).

Gul Hayat Institute

هڪ درويش جو درويشيءَ بابت شڪايت ڪرڻ ۽ ابراهيم ادهم جو ڪيس جواب ڏيڻ

هڪڙو درويش، هميشه پنهنجي درويشيءَ کان ناله و فرياد ڪندو هو. هڪڙي ڏينهن، ابراهيم ادهم ڪيس چيو ته، مون کي ائين معلوم ٿئي ٿو ته شايد توکي درويشي ڏاڍي سستي پئي آهي! ان شخص جواب ڏنس ته اي ابراهيم! تنهنجي ڳالهه بلڪل بيجا آهي، ڀلا ڪو درويشيءَ کي به خريد ڪندو؟ ان تي ابراهيم ڪيس ٻڌايو ته، مون ان کي دل ۽ جان سان پسند ڪري، سلطنت جي بدلي ۾ خريد ڪيو آهي. مان هاڻي به سون جهانن جي مقابلي درويشيءَ جي هڪڙي گهڙي خريد ڪريان ٿو، ڇاڪاڻ ته ڏسان ٿو ته اها واقعي وڏيءَ قيمت واري شيءِ آهي. مان ان جي قدر ۽ قيمت کي خوب ڄاڻان ٿو، ليڪن افسوس تون ان کان بيخبر آهين! همت وارن پنهنجو جسم ۽ جان گنوائي (سان ڪيڏيو) آهي ۽ ڪئين سال پاڻ کي درست ڪرڻ خاطر جلندا رهيا آهن، تڏهن مس وڃي سندن همت جو پکي الاهي دربار جي قريب پهتو آهي.

شيخ احمد غوريءَ جي سلطان سنجر سان گفتگو

شيخ غوري هڪ ڏينهن، ديوانن سان گڏجي هڪ پل هيٺ اچي ترسيو. اتفاق سان سلطان سنجر اچي اتان

لانگهائو ٿيو ۽ ماڻهو ڏسي، پڇيائين ته هو ڪير آهن.
شيخ جواب ڏنس ته، هي سڀ ديوانا آهن ۽ اسان سڀني
جي ڪيفيت ٻن حالتن کان خالي نه آهي. (١) تون
جيڪڏهن اسان کي هميشه لاءِ پنهنجو دوست ڪري
وٺين ته اسين تنهنجي دنياوي مراد جلدي پوري ڪنداسين.
(١) جيڪڏهن تون اسان جو دشمن آهين ته اسين
توکي جلدي ئي دين کان خارج ڪري ڇڏينداسين؛
پر جيڪڏهن تون گهڙي کن لاءِ پل اندر ايندين ته
تون يقيناً هن شان ۽ شوڪت، حرص ۽ هوس کان
هميشه لاءِ ڇٽي پوندين! سنجر جواب ۾ چيو ته، مان
اوهان جي مذاق جو نه آهيان ۽ مون کي اوهان جي
نيڪيءَ ۽ بديءَ سان ڪو سروڪار ڪونهي.

همت، هڪ تيز اڏامندڙ پکيءَ جي طرح آهي،
جنهن جي رفتار ۾ هر گهڙيءَ اضافو ٿيندو رهي ٿو.
هيءَ تنگ دنيا ان کي سمائي نٿي سگهي. ان جي بلند
پروازي هن دنيا کان گهڻو مٿي آهي.

هڪڙي ديواني جو روئڻ ۽ ٻولڻ

هڪڙو ديوانو، اڌيءَ رات جو خواب ۾ روئي ۽
ڇٽي رهيو هو ته، هيءَ جهان هڪ منهن ڍڪيل صندوقڙي
(دٻو) آهي ۽ اسين ان اندر ويٺا سودا پچايون. جڏهن
موت ان جو ڍڪ کوليندو، تڏهن جنهن کي پر هوندا
سو ته آسمانن تائين اڏامي ويندو ۽ جنهن کي پر نه
هوندا، سو ڪيترن ئي مصيبتن ۾ ان اندر ڦاٿل رهندو.

اي انسان! تون مرڻ کان اڳ، همت جي پکيءَ ۾ معنوي پر پيدا ڪر، عقل کي دل ڏي ۽ جان ۾ جذبو آڻ.

هڪڙي سائل جي چمڙي سان گفتگو

هڪڙي سائل، چمڙي کي چيو ته تون روشن سج کان بيخبر ٿيو پيو آهين، تنهنجو سارو ڏينهن به هڪ انڌيري رات آهي. جيڪڏهن تون ان سان مليل هجين ها ته ان کان ايترو نه ڀڄين ها. آخر ڪيستائين سوراخن ۾ گهر ٺاهيندو رهندين؟ تون هن سج کي ذرا ڏس ۽ ان سان ملي هڪ ٿي وڃ. هي ٻڌي، چمڙي جواب ڏنس ته منهنجو ان سج سان ڪهڙو غرض، جو ڪارو ۽ غائب ٿي وڃي ٿو. اهڙي سج کان ائين ئي ڀلو. مون لاءِ هر رات ڏينهن آهي، ڇاڪاڻ ته حقيقي سج جو ظهور ٿيندو ئي رات جو آهي ۽ ان اڳيان، هي سج شرم کان منهن ڍڪي ڇڏيندو آهي. هاڻي جڏهن اهڙو سج رات جو ميسر ٿئي ٿو ۽ جو ساري جهان کي مست ڪري ڇڏي ٿو، تڏهن ان جي هوندي هن ظاهري سج کي ڏسڻ قطعا مناسب نه آهي. اهوئي ته سبب آهي جو مان ساري رات ننڊ نٿو ڪريان، شوق ۽ سوز سان ان جي چوڌاري پيو ٿو چڪر هڻان.

جيڪڏهن توکي اها همت حاصل ٿي وڃي ته پوءِ تنهنجي ويهڻ جي جاءِ به شاهي مسند ٿيندي. جنهن کي همت آهي سوئي مانجهي مڙس آهي ۽ جو به هن

راهہ ۾ همت سان آيو، پوءِ ڪٿي فقير ڏي چو نہ هو (هجي) وڃي بادشاهہ بڻيو.

هڪڙي ٻئي پکيءَ جو انصاف ۽ وفا متعلق سوال

هڪڙي ٻئي پکيءَ سوال ڪيو تہ، انهيءَ بادشاهہ جي دربار ۾ انصاف ۽ وفا جو ڇا قدر ۽ قل آهي؟ خدا تعاليٰ مون کي گهڻو انصاف وارو بڻايو آهي، تنهنڪري مان ڪنهن سان بہ ڪڏهن ڪا بيوفائي نہ ڪئي آهي. ڀلا جنهن مخلوق ۾ هي صفتون موجود هجن، تنهن جو معرفت جي عالم ۾ ڪهڙو درجو هوندو؟ ذرا کولي ٻڌائينم.

هد هد جو جواب

اڙي منهنجا محبوب، انصاف تہ ڇوٽڪاري جو بادشاهہ آهي، جنهن انصاف ڪيو سو واهيات ڪان آزاد ٿيو ۽ اهو سڄي ڄمار جي رڪوع ۽ سجود کان افضل آهي. پوشيده طور انصاف ڪرڻ جهڙي جوانمردي تہ ٻنهي جهانن ۾ ڏي ڪانهي، ڇا لاءِ جو ظاهر واري انصاف ۾ رياڪاري جي ڪجهہ نہ ڪجهہ آميزش رهي ٿي.

امام احمد بن حنبل جو بشر حافيءَ جي خدمت ۾ وڃڻ

امام احمد بن حنبل، پنهنجي زماني جو يڪتا عالم ۽ امام هو. جڏهن بہ پنهنجي علم ۽ فڪر کان فارغ ٿيندو هو، تڏهن سڌو بشر حافيءَ وٽ ويندو هو ۽

جيڪڏهن ڪو شخص ڪيس اتي ڏسندو هو ته بنا دير ملامت ڪرڻ شروع ڪري ڏيندو هوس ۽ چوندو هوس ته تون ساري عالم جو مقتدا آهين ۽ توکان زياده عالم ته ڪو ٿي ئي نٿو سگهي. پٺي ڪنهن جي ڳالهه ته تون پڏين ئي نٿو؛ باقي بشر ڏانهن ته مٿي ۽ پيرين اگهاڙو هليو وڃين ٿو. امام احمد بن حنبل، ان جي جواب ۾ کيس چوندا هئا ته، برابر مان ظاهري علوم ۾ ان کان اڳيرو آهيان، ليڪن خدا تعاليٰ جي ڄاڻ سڃاڻ ۾ هو مون کان اڳيرو آهي.

اڙي، پنهنجي بي انصافيءَ کان بيخبر انسان، ڪا گهڙي عارفن جي انصاف ڪي به ڏس ۽ پنهنجي منصف مزاجيءَ کي اجايو نه پڏاءِ.

سلطان محمود جي لشڪر ۾ هندو راجا جو گرفتار ٿيڻ

اتفاق سان هڪ ڏينهن، هندن جو هڪڙو وڏو بادشاهه، سلطان محمود جي لشڪر ۾ گرفتار ٿي پيو. جڏهن سلطان جي اڳيان پيش ٿيو، تڏهن مسلمان ٿيڻ جي وچي ولايت کي رسيو. ان بعد هڪ تنبوءَ اندر اڪيلو ويهي رات ۽ ڏينهن گريه زاري ڪندو ۽ ويچاريندو رهيو. جڏهن سلطان کي هيءَ خبر پئي، تڏهن پاڻ وٽ گهرائي چيائينس ته، مان ڄاڻان ٿو ته تون بادشاهه هئين، هاڻي جيڪڏهن هڪڙي بادشاهي ويئي ته ڪهڙي ڳالهه، مان تو کي ان جهڙيون سو بادشاهيون ڏيان ٿو، تون هن روڄ ۽ راڙي کي ڇڏي ڏي. راجا جواب

۾ ڇيس ته مان محض هن خيال کان روئان ٿو ته مبادا سڀان قيامت جي ڏينهن، جيڪڏهن ڪٿي خداتعاليٰ مون کي خطاب ڪري ته تون هڪ بيوفا ۽ جفاڪار بندو هئين ۽ جيستائين محمود ڪثيرالتعداد لشڪر ساڻ تو وٽ نه آيو، تيستائين تو مون کي يادئي نه ڪيو، ته مان بيوفا، ان وقت ان خطاب جو ڪهڙو جواب ڏيئي سگهندس! مان ته، ان وقت جا شرمساري ٿيندي، تنهن کي ياد ڪري روئي رهيو آهيان.

اي بندا! تون نيڪ ماڻهن جي وفاداري ۽ انصاف جي ڳالهين کي ڪن ڏيئي ٻڌ، پوءِ جيڪڏهن سٺ ساري سگهين ته هن راهه ۾ پير پاءِ ورنه پيڇي پاسو ڪر.

هڪ وفادار ڪافر جي سبب هڪ بيوفا غازيءَ کي

خدا تعاليٰ جو مهڻو

هڪ دفعي جنگ هلندي، هڪڙي (مسلمان) غازيءَ هڪڙي ڪافر کان نماز پڙهڻ لاءِ مهلت گهري جا هن کيس ڏني. جڏهن نماز پڙهي آيو، تڏهن وري ڪافر کانئس پنهنجي پوڄا پاٺ خاطر مهلت طلب ڪئي. ان بعد جنهن وقت هن هڪ بت اڳيان پنهنجو سر زمين تي رکيو، تنهن وقت ان غازيءَ ان کي اتي ئي ختم ڪرڻ جو ارادو ڪيو، ليڪن غيب کان آواز آيس ته تون سراپا بدعهد ۽ بيوفا آهين. هن توکي اول مهلت ڏني ۽ تلوار کان ڪم نه ورتو ۽ هاڻي جيڪڏهن تون تلوار کان ڪم وٺندين ته هيءَ عين جهالت ٿيندي.

تـو انجام کـي پـاڙڻ واري آيت ئـي نـہ پـڙهـي آهي
("اوفوابالعقود" ڏانهن اشارو). هن توسان چڱائي ڪئي
۽ تـو موٽ ۾ ان سان برائي ڪري رهيو آهين. تون
ٻڌي سان اهو ڪجهہ ڪر جو تـون پاڻ سان ڪرڻ
چاهين. هيءُ ٻڌنديئي هو بي هوش ٿي پکهر ۾غرق ٿي
ويـو. ڪـافـر هـيءَ حالت ڏسي اچي ان بابت ڪانئس
پڇيو، جنهن تي هن کيس ساري حقيقت ڪري ٻڌائي.
جڏهن ڪافر هيءُ قصو ٻڌو، تڏهن زور سان نعرو هڻي
ٻنا ڏير مسلمان ٿي پيو ۽ چوڻ لڳو تہ، جڏهن اهو جباز
(الله تعاليٰ) پنهنجي محبوب غازيءَ کي پنهنجي معتوب
دشمن خاطر وفاداريءَ جو مهڻو ڏئي ٿو، تڏهن پوءِ مان
ڇو اهڙي بيوفائي ڪريان.

حضرت يوسف جي ڀائرن جو قحط ساليءَ ۾ مصر اندراچڻ

حضرت يوسف عليه‌السلام جا ڏهہ ڀائر، ڏڪار سبب
پري ڪان ڪهي مصر آيا ۽ اچي پنهنجي عاجزيءَ جو
احوال بيان ڪيائون. ان وقت حضرت يوسف جو منهن
ڍڪيل هو ۽ سندس اڳيان هڪ ٿالهہ پيل هو، جنهن
تي جڏهن هن هٿ هنيو تڏهن هـو زارو زار روئڻ
لڳو. حضرت يوسف پنهنجي ڀائرن کـي چيو، تہ مان
ان جو آواز سمجهان ٿو ۽ اهو چئي رهيو آهي تہ: هن
ڪان اڳ توهان کي يوسف نـالـي هڪـڙو حسين ڀاءُ
هو جو توهان سڀني کان ننڍڙن ۾ وڏ هو. وري پيو
دفعو ان تي هٿ هڻي چوڻ لڳو تہ اهو پنهنجي آواز

۾ چئي رهيو آهي ته توهان سيني ملي، يوسف کي کوهه ۾ وڌو ۽ هڪ بي گناهه بگهڙ تي تهمت لڳائي. ان کان پوءِ، جڏهن ٽيون دفعو ان تي هٿ هنيائين، تڏهن ٻڌايائين، ته اهو پنهنجي آواز ۾ چئي رهيو آهي ته توهان پنهنجي ڀيءُ کي ٻرغلائي (غم ۾) جلائي ڇڏيو ۽ چند جهڙي يوسف کي وڪڻي ڇڏيو. انهيءَ نموني ته ڪافر به پنهنجي ڀاءُ سان بدسلوڪي نٿا ڪن. توهان کي، ته خدا تعاليٰ کان جو حاضر ۽ ناظر آهي، شرم اچڻ گهرجي.

انڌو اهو آهي، جو هن قصي کي ٻڌي، ان مان نصيحت نه وٺي. اي انسان! تون هن قصي کي پنهنجوئي سمجهه. تون خود ڄاڻي واڻي بيوفائي ڪري رهيو آهين. ذرا سوچ ۽ پنهنجي عملن جي چڪاس وٺ.

هڪڙي ٻئي پکيءَ جو حضرت حق (تعاليٰ) ۾ گستاخي ڪرڻ بابت سوال

اڙي دوست هدهد، تون واقعي اسان جو رهنما ۽ پيشوا آهين. ڀلا هيءُ ته ٻڌاءِ، ته جيڪڏهن ڪو شخص، ان عالي دربار ۾ ڪا وڏي گستاخي ڪري وجهي ته ان جو ڪهڙو نتيجو نڪرندو؟

هدهد جو جواب

هو جيڪڏهين خدا تعاليٰ جي راز جو ڄاڻو ۽ لائق آهي ته پوءِ ان جي گستاخي جائز آهي، ليڪن راز

Gul Hayat Institute

چاٹندڙ گستاخي ڪٿي ٿو ڪري سگهي! هڪڙو اوٺي، جو درياءَ جي ڪناري تي هجي، سو بادشاهه جو رازدان ڪيئن ٿو بڻجي سگهي! هو جيڪڏهن اهل راز وانگر گستاخي ڪندو ته ايمان ۽ جان ٻنهي تان هٿ ڪڻندو پوندس. ها، جيڪڏهن ڪو محبت جي زيادتي ۽ زور سبب گستاخي ڪري وجهي ته هن کي روا آهي، ڇالاءِ جو محبت سان سرشار، هڪ ديواني عاشق جي طرح آهي، جو پاڻ جيان جلي رهيو آهي. اهوئي ته سبب آهي، جو مجنونءَ کي ڪوبه ملامت نٿو ڪري. تون به جڏهن عشق ۾ ديوانو ٿي ويندين، تڏهن تنهنجي هر ڳالهه پڌي ۽ گوارا ڪئي ويندي. ڇڳو مان هاڻي توکي به چار ڪهاڻيون ٻڌايان ٿو.

هڪڙي ديواني جو خراسان ۾ عميد جي غلامن کي ڏسڻ

ڳالهه ٿا ڪن، ته جڏهن ڪان عميد خراسان جو حاڪم ٿيو، تڏهن ڪان هيءَ شهر دولت سان مالا مال ٿي ويو. وٽس هڪ سؤ سهڻا ترڪ (سندن پاڻهون چانديءَ جهڙيون سفيد) غلام هئا، جن مان هرهڪ جو مُنهن چنڊ وانگر پئي چمڪيو. سندن قد سنوان (ڪارائين ۾ چانديءَ جا ڪنگڻ پيل) ۽ وار مشڪ سان پريل پئي ٻهڪيا. انهن جي ڪنن ۾ چمڪيدار موتي پيل هئا، جن رات جي اونداهيءَ کي ڏينهن جي روشنائيءَ ۾ پئي بدلايو. سندن مٿن تي سون جي منڍين سان جڙيل تاج ۽ ڳچيءَ ۾ سونا هار (طوق) پيل هئا. انهن

مان هرهڪ وٽ هڪ سفيد ۽ خوش رفتار گهوڙو هوندو هو. مطلب ته هو اهڙا حسين ۽ سينگاريل هئا، جو ڏسندڙ بي اختيار موهجي ۽ دل کسائي پئي ويو. اتفاق سان هڪڙي پيرين اگهاڙي ۽ ڪنمبل پوش ديواني جي پري ڪان مٿن نظر پئجي ويئي ۽ پڇڻ تي ان شهر جي رئيس ڪان معلوم ٿيس ته اهي سڀئي عميد جا غلام آهن هيءُ ٻڌنديئي سندس دماغ چڪر ۾ اچي ويو ۽ چوڻ لڳو، ته اي عرش جا مالڪ، تون بنده پروري وڃي عميد ڪان سک.

اڙي انسان! جيڪڏهن تون هڙي قسم جو ديوانو آهين ته پوء پلي گستاخ رهه. ديوانن جي گستاخي واقعي دلپسند ٿئي ٿي، ڇالاءِ جو اهي پتنگن جيان سڙن ۽ جلن ٿا.

هڪڙي ننگي ديواني جي گستاخيءَ جي ڪهاڻي

هڪڙي پيري، هڪڙو ديوانو، ننگو ۽ بکيو سياري جي موسم ۾ رستي تي وڃي رهيو هو، ته اوچتو سخت بارش اچي پيئي جنهن ۾ هيءُ ويچارو ساروئي پسي ويو، نه وٽس ڪو ڪپڙو هو ۽ نه ڪا رهڻ لاءِ جاءِ. آخر اچي هڪ قتل هند پهتو، ليڪن اجا ان اندر گهڙيو ڏي مس ته ڇت ڪان هڪ سر ڪيري اچي سندس مٿي کي ڦاڙي وڌو. ان وقت آسمان طرف منهن ڪري چوڻ لڳو ته تون آخر ڪيستائين پنهنجي

سلطانيءَ جو ڏونڪو وڄائيندو رهندين، جڏهن توکي هڪ سر به نيڪ لڳائڻ ڏانءُ نٿي اچي!

مصر ۾ ڏڪار متعلق هڪڙي ديواني جو مقولو

ڪنهن سمي، اوچتو اچي مصر ۾ ڏڪار پيو. ماڻهو رستن تي پئي مئا ۽ مانيءَ لاءِ پڪاري رهيا هئا ۽ ٻڪيا اڏ مئلن کي کائي رهيا هئا. اتفاق سان جڏهن هڪڙي ديواني هيءَ حالت ڏٺي، تڏهن اٿي چوڻ لڳو ته ”اي دين ۽ دنيا جا مالڪ! جيڪڏهن تو وٽ رزق نه آهي ته پيدا به گهٽ ڪر (هرويرو گهڻي مخلوق پيدا ڪري ان کي بک تو مارين).“

هن درگاهه ۾ جو به گستاخي ڪندو آهي، سو جيئن ئي هوش سنڀاليندو آهي، تيئن ئي معافي گهرندو آهي.

هڪڙي ديواني جي ڪهاڻي، جنهن کي ٻار پٿر هڻندا هئا

ڳالهه ڪندا آهن، ته هڪڙي ديواني کي ٻار پٿر هڻندا هئا، جنهن کان تنگ ٿي، وڃي هڪ ٻخاري (چلهو) جي ڪنڊ ۾ ويٺو، جنهن ۾ هڪ دري پڻ هئي. انهيءَ دريءَ مان هڪڙو ڪڙو لنگهي اچي، ان جي سر تي لڳو، پر جڏهن ته هو ڪڙي ۽ پٿر ۾ شناخت ڪري نه سگهيو، تنهنڪري وٺي گاريون ڏيڻ شروع ڪيائين؛ ۽ چيائين ته ان گهر ۾ انڌيرو به هو، تنهنڪري گمان ٿيس ته شايد اجا ڇوڪرا هيءَ حرڪت ڪري رهيا آهن. آخر جڏهن هوا جي زور تي هڪ پاسي کان

Gul Hayat Institute

دروازو کلي پيو ۽ انهيءَ بخاريءَ جي ڪوٺڙيءَ ۾ روشني آئي، تڏهن هن ڪڙي ۽ ٻئي ۾ وچ فرق لڌو، ۽ گارين ڏيڻ سبب پنهنجي دل ۾ ڏاڍو رنج محسوس ڪري چوڻ لڳو ته ”اي منهنجا پروردگار، هن بخاري ۾ انڌيرو هو، تنهنڪري مون کان ڀل ٿي ويئي. هي سڀ گاريون گستاخ، واقعي مون ڏنيون آهن، هاڻي معاف فرمائينم.“

اي دوست! تون عاشق ۽ ديواني کي سدائين معذور سمجهه ۽ انهن خلاف ڪڏهن به زبان ڪشائي نه ڪر.

واسطيءَ جو يهودين جي قبرن کي ڏسڻ

هڪڙي دفعي واسطي جيئن سرگردان وتي رهيو هو، تيئن سندس نظر وڃي يهودين جي قبرن تي ۽ بعد ۾ خود يهوديءَ تي پيئي. ڏسي چوڻ لڳو ته هي سڀيئي معذور آهن، ليڪن هيءُ راز ڪنهن جي اکيان سلي نٿو سگهجي. قاضيءَ جو ملازم، جو اتي بيٺو هو، سو هيءَ ڳالهه ٻڌندي ئي غصي ۾ اچي ويو ۽ ڪيس وٺي آئي ان جي اکيان حاضر ڪيائين؛ پر جڏهن ته ان جي ڳالهه قاضيءَ جي لائق نه هئي، تڏهن هن صاف انڪار ڪيو (ته ڪو هي يهودي معذور آهن). واسطيءَ ڪيس چيو ته هيءَ تباهه قوم (جا قبرن اندر آهي)، جڏهن تنهنجي حڪم هيٺ ئي نه آهي ته تون ان کي معذور رک. مان توکي ٻڌايان ٿو ته آسمان جي خدا جي حڪم سان

ھن وقت ھي سڀيئي معذور آھن، ڀوء تون مڃين، خواھ نہ مڃين!

ھڪڙي ٻئي پکيءَ جو عشق بازيءَ ۾ ڏاڍ ھڻڻ متعلق سوال

ھڪڙي ٻئي پکيءَ، ھدھد کي چيو، تہ جيستائين ماڻ جيئرو آھيان، تيستائين ان جي عشق لاءِ لائق ۽ مناسب آھيان. ماڻ تہ ساريءَ مخلوق سان قطع تعلق ڪري، هميشه ھن جي عشق جون ئي ڏاڙون ھڻان ٿو. ان جي عشق ۾ مون پنھنجي جان ئي قربان ڪري ڇڏي آھي ۽ سمجھان ٿو تہ ان جي وصال ماڻڻ جو وقت اچي ويو آھي؟

ھدھد جو جواب

اڙي اياڻا، محض دعوا ۽ ڏاڙ جي زور تي ڪوبہ سيمرغ جو همنشين بڻجي نٿو سگھي. تون ھروقت ان جي عشق جي ڏاڙ نہ ھڻ، ڇالاءِ جو ھو ھر زيد ۽ بڪر جي پھچ کان ٻاھر آھي. ها، جيڪڏھن ڪا تنھنجي قسمت موچاري آھي تہ پوءِ تہ ھو توکي خودئي پنھنجي راھ تي وٺي آئي، پاڻ سان اڪيلو ويھاريندو. ان درجي تي پھچڻ بعد، جيڪڏھن تون عشق جي دعويٰ ڪرين تہ ان ۾ تون سچو آھين. ھاڻي ھي ٻہ چار ڳالھيون ڏيان ڏيئي ٻڌ.

هڪڙي مريد جو بايزيد کي خواب ۾ ڏسڻ

جڏهن حضرت بايزيد هن دنيا مان رحلت ڪري ويو، تڏهن هڪ مريد، ان رات کيس خواب ۾ ڏسي کانئس پڇيو، ته منڪر ۽ نڪير کان توکي ڪيئن ڇوٽڪارو مليو؟ چيائين ته جڏهن انهن پنهي مون کان خداتعاليٰ متعلق سوال ڪيو، تڏهن مون کين ٻڌايو ته هڙو سوال نه مون لاءِ ۽ نه توهان لاءِ ڪو ڪمال جي نشاني آهي، ڇاڪاڻ ته جيڪڏهن مان ڪئي چوان ته خدا اهو آهي ۽ بس ته منهنجو هيءُ چوڻ به منهنجي هوَس جو دليل آهي بهتر آهي ته توهان واپس خداتعاليٰ وٽ وڃو ۽ پڇو جيڪڏهن هو مون کي پنهنجو ٻانهو سڏي ته پوءِ اهڙي ڪا ٻي ڳالهه!

اي ٻندا! عاشقيءَ جو اظهار به ان جي طرف کان ٿئي ته اهو سڀ کان سٺو، باقي تنهنجي طرف کان عشق جي دعوا خير ڪا وزن رکي ٿي؟

هڪڙي شوريد درويش جي ڳالهه

هڪڙو درويش، عشق ۽ محبت جي فراوانيءَ کان چيخ ۽ پڪار ڪري رهيو هو ته رشڪ منهنجي جان ۽ دل پنهي کي جلائي ڇڏيو آهي. مون ۾ وڌيڪ روئڻ جي طاقت ئي نه رهي آهي. هاتف چيس ته تون وڌيڪ لاف نه هڻ ۽ ٻڌاءِ ته ڪهڙيءَ شيءِ کان تو ان سان بيهوده محبت لڳائي آهي؟ جواب ڏنائين، ته مون ته ڪڏهن به ڪنهن سان محبت ڪانه رکي آهي

هن ئي مون سان پيار رکيو ۽ مون تي عاشق ٿي پيو. مون ۾ ته ايتري طاقت به ڪانهي، جو ڪٿي ان جهڙي سان ياري ڳنڍيان؛ اهو سڀڪجهه هن پاڻ ئي ڪيو آهي، ۽ جڏهن منهنجي دل رت و رت ٿي ويئي، تڏهن اهوئي هو، جنهن اهو سارو رت پي ڇڏيو.

اڙي ڇوڪر! جيڪڏهن ڪٿي هو عشق ڪري ته، ته هو هميشه پنهنجي صفت (صنعت) سان ئي عشق ڪري ٿو. توکي جڳائي ته منجهس محو ٿي وڃ ۽ باقي ڪي ڇڏي ڏي.

سلطان محمود جو هڪ بخاري دڪائيندڙ رند وٽ مهمان ٿيڻ

هڪڙيءَ رات، سلطان محمود جي دل ڏاڍي پريشان ٿي پئي ۽ نيٺ اچي، هڪ بخاري دڪائيندڙ رند جو مهمان ٿيو. هن غريب پنهنجي حال سارو سندس عزت ڪئي ۽ خشڪ ماني آڻي، سندس آڏو رکي، جا بادشاهه ڪئي فوراً کاڌي. آخر جڏهن هن اتان وڃڻ جو ارادو ڪيو، تڏهن بخاري دڪائيندڙ کيس چيو، ته تو منهنجي جاءِ، کاڌ ۽ پيئڻ سڀ ڏسي ورتو. هاڻي جيڪڏهن ٻئي دفعي توکي ڪا ضرورت پوي ته پوءِ جلدي هليو اچج، ورنه توتي ڪا ميار ڪانهي. مان مسڪين تنهنجي مقابلي ۾ ته نٿو اچي سگهان (تون شاهه، مان گدا). بادشاهه سندس گفتگوءَ کان اهڙو ته خوش ٿيو، جو ست دفعا سندس مهمان وڃي ٿيو. آخري ڏينهن تي بادشاهه کيس چيو، ته مون (بادشاهه) کان جو گهرڻو

ھجيئي سو گھر، ھيءُ موقعو اٿئي. بخاري دڪانيندڙ عرض ڪيو تہ گھرُ ھيءَ آھي تہ، بادشاھہ سلامت ڪڏھن ڪڏھن منھنجو مھمان ٿيندو رھي، ڇا لاءِ جو مون لاءِ تنھنجو ديدار ئي بس آھي. مون غريب لاءِ تو جھڙي بادشاھن سان مٽيءَ تي گڏجي ويھڻ تو بغير باغن ۾ بادشاھي ڪرڻ کان صد بار بھتر آھي. تنھنجي ملاقات منھنجي نزديڪ پنھي جھانن جي بادشاھيءَ کان گھڻو وڌيڪ آھي.

اي عزيز، جيڪڏھن توکي واقعي عشق آھي تہ اھو بہ ان کان طلب ڪر، ۽ انھيءَ جو پاسو نہ ڇڏ. پراڻو عشق ھميشه نئين جو طالب رھي ٿو ۽ قيمت بہ ذرا وڌيڪ رکي ٿو، تون انھيءَ ڳالھہ کي لحاظ ۾ رک.

ھڪڙي پکاليءَ جو ٻئي پکاليءَ کان پاڻي گھرڻ

ھڪڙو پکالي جيئن ھٿ ۾ پاڻي کنيو پئي ويو، تيئن ھڪڙو ٻيو پکالي سامھون نظر آيس جنھن کان ٻوڙي وڃي پاڻي گھريائين. انھيءَ پکاليءَ جواب ڏنس تہ اڙي حقيقت کان بيخبر جڏھن خود تنھنجي ھٿ ۾ پاڻي موجود آھي، تڏھن ڇو نٿو ڪٽي ان کي پيئين؟ جواب ڏنائين تہ، منھنجي دل (پنھنجي) پاڻيءَ کان (جو ڪجھہ وقت مون وٽ رھيو آھي) ٿڪي ويئي آھي، ۽ اھو دستور آھي تہ پراڻيءَ شيءِ کان دل (ھڪ ڏينھن) ڪچي ويندي آھي.

هڪڙي ٻئي پکيءَ جو خود بينيءَ ۽ ڪمال بابت سوال

هدهد کان، هڪڙي ٻئي پکيءَ اتي سوال ڪيو ته يار، مان سمجهان ٿو ته مون پنهنجو ڪمال حاصل ڪيو آهي ۽ سخت رياضتون به پوريون ڪيون آهن. جڏهن مون هتي پنهنجو ڪم پورو ڪيو آهي، تڏهن هيءَ هنڌ ڇڏي ٻئي هنڌ وڃڻ، مون لاءِ واقعي مشڪل آهي. ڀلا، تو ڪڏهن اهڙي شخص کي ڏٺو آهي جو خزانو ڇڏي وڃي بيابانن ۾ پريشان ڦرندو؟

هدهد جو جواب

هدهد جواب ڏيندي چيس ته تون سراسر تڪبر ۽ خيال ۾ گرفتار آهين. نفس جو تو تي قبضو آهي ۽ شيطان تنهنجي سر تي ويٺو آهي. در حقيقت تون سارو ئي گمان جو هڪ مجسمو آهين، مگر سمجهين نٿو. معرفت جي فضا توکان گهڻو پري آهي ۽ جو ڪجهه نور تون ڏسين ٿو اهو به تو لاءِ هڪ آگ آهي، ۽ جيڪڏهن توکي ڪو ذوق آهي ته اهو به محض تنهنجو گمان آهي. تنهنجو وجد ۽ تنهنجو فقر خيال آهي ۽ جو ڪجهه تون چئي رهيو آهين، سو محال آهي ۽ ٿي ئي نٿو سگهي.

اي پيارا، جيستائين تون پنهنجي گمان ۽ خوش فهميءَ ۾ اٽڪيل رهندين، تيستائين تنهنجو پڙهڻ ۽ ڪڙهڻ هڪ دمڙيءَ جي لائق به نه آهي. هاڻي تنهنجي ئي نصيحت خاطر مان توکي به چار آکاڻيون ٻڌايان ٿو.

شيخ ابوبڪر نيشاپوريءَ جي آکاڻي

چون ٿا ته، هڪڙي دفعي شيخ ابوبڪر نيشاپوري، پنهنجي مريدن سان گڏ هڪڙي گڏهه تي سوار ڪنهن رستي تي وڃي رهيو هو ته اوچتو سندس گڏهه کان ريح (واءُ) نڪري ويئي. شيخ ان سبب في الفور حال ۾ اچي ويو ۽ نعرا هڻڻ ۽ ڪپڙا ڦاڙڻ لڳو. مريدن کي هيءَ ڳالهه البت پسند نه آئي، تنهنڪري انهن مان هڪڙي کيس چيو ته سائين! آخر ڪهڙي سبب توهين هتي حال ۾ اچي ويا آهيو؟ جواب ڏنائين ته، مان مريدن جي هيتري ساري مجمعي کي ڏسي خيال ڪيو ته مان بايزيد کان ڪو گهٽ ڪونه آهيان ۽ سڀان قيامت ڏينهن به هن عزت ۽ ناز سان محشر جي ميدان ۾ ويندس. جڏهن هي خيال ڪيم، تڏهن اتفاق سان گڏهه ريح ڇوڙي ۽ ائين ڪرڻ سان، هن مون کي هي جواب ڏنو ته جو به شخص اهڙي ڊاڙ هڻي ٿو تنهن جو جواب اجهو هي آهي (گڏهه اجهو هيئن واءُ ڏئي ٿو). انهيءَ ڪري منهنجي اندر ۾ آگ لڳي ويئي ۽ حال ۾ اچي ويس.

اي عزيز، جيستائين تون غرور (خود پسنديءَ ۽ خوش فهميءَ) ۾ مبتلا آهين، تيستائين تون حقيقت کان پري پيل ۽ سون بلائن ۾ گرفتار آهين. "مان" جو لفظ ڪڏهن به نه چئو ته جيئن ابليس جي ڄار ۾ ڦاسي نه پوين.

حضرت موسيٰ ۽ ابليس جي آکاڻي

الله تعاليٰ هڪڙي دفعي، حضرت موسيٰ کي ابليس کان رمز سکڻ جي تلقين ڪئي. بعد ۾ جڏهن هو ابليس کي رستي تي ڏٺو، جڏهن ان کان رمز جي طلب ڪيائين، جنهن تي ابليس سمجهايس ته، تون هڪڙي ڳالهه کي سدائين ڌيان ۾ رکيو اچ. يعني ته "مان" جو لفظ ڪڏهن به نه چئو ته جيئن تنهنجي حالت منهنجي وانگر نه ٿئي.

هڪڙي پاڪ دين جي گفتگو

هڪ دفعي، هڪڙي پاڪ دين چيو ته مبتدي جو اونده ۾ رهڻ سندس لاءِ بهتر آهي، ڇاڪاڻ ته جيڪڏهن ابتدا ۾ کيس ڪا (غيبي) شيءِ ڏسڻ ۾ آئي ته هو دوکو کائي ويهندو ۽ منڪر ٿي پوندو.

اڙي بندا، جو حسد ۽ غصو تنهنجي اندر ۾ آهي تنهن کي صاحب نظر جيئي اک ڏسي ٿي ۽ نه تون. ڪم از ڪم هيترو ته خيال ڪر ته تنهنجي پيدائش خاڪ ۽ خون (مان بڻيل) آهي ۽ اهي پيئي شيون حرام آهن. جڏهن تون پاڻ ۾ ايتري گندگي به ڏسين ٿو، تڏهن به خبر نه آهي الائجي ڇو مطمئن ٿيو ويٺو آهين.

هڪڙي شخص جو ڪتي کان دامن پري نه ڪرڻ جي آکاڻي

هڪڙي شخص جي پاسي ۾، هڪڙو پليد ڪتو وڃي رهيو هو، ليڪن هن انهيءَ کان پنهنجو دامن پري

نہ ڪيو. جڏهن هڪڙي سائل ان ڪان احتراز ڪرڻ طرف سندس ڌيان ڇڪايو، تڏهن جواب ڏنائين تہ هيءُ ڪتو ظاهر ۾ پليد آهي ۽ مان اندر ۾ پليد آهيان. هاڻي جڏهن منهنجو باطن ڪتي جي ظاهر جهڙو آهي، تڏهن ان ڪان ڪيئن پڇي پاسو ڪريان؟

هڪڙو عابد جو ڏاڙهيءَ جي ٺهل ٺڪور ۾ مشغول هو

تنهن جي آکاڻي

حضرت موسيٰ عليه السلام جي ڏينهن ۾، هڪڙو وڏو عابد ٻانهو هو، مگر باوجود جهجهي عبادت جي هو الاهي ذوق ۽ اندر جي سوجهري ڪان صفا خالي هو. کيس هڪ وڏي ڏاڙهي هئي، جنهن کي هر گهڙيءَ پيو ڦڻي ڏيندو هو. هڪڙي ڏينهن، حضرت موسيٰ کي ڏسي اچي ڪيس عرض ڪرڻ لڳو تہ، مهرباني ڪري الله تعاليٰ ڪان پڇي ٻڌائيندو تہ ان جو ڪارڻ ڇا آهي؟ حضرت موسيٰ دريافت ڪري کيس ٻڌايو تہ، الله تعاليٰ جو چوڻ آهي تہ هو هميشه پنهنجي ڏاڙهيءَ ۾ ئي مشغول آهي ۽ اسان جي وصل جي درد ڪان ڪورو ۽ ڪوهين ڏور آهي. هي جواب ٻڌي، هو ڏاڙهيءَ کي پٽڻ ۽ روئڻ ۾ لڳي ويو. ايتري ۾ جبرئيل ڊوڙندي اچي حضرت موسيٰ کي ٻڌايو تہ، هيءُ شخص اڃا بہ پنهنجي ڏاڙهيءَ ۾ مشغول آهي. جڏهن ڏاڙهيءَ کي سنواريائين ٿي، تڏهن بہ پريشانيءَ ۾ رهيو ۽ هاڻي جڏهن ان کي پٽي ٿو، تڏهن بہ انهيءَ جي ئي خيال ۾ آهي.

اي انسان، الله تعاليٰ جي ياد کان سواءِ، هڪڙو دم ڪٽڻ به وڏي خطا آهي. ڪاش تون ان کي سمجهين!

هڪڙي ڊگهيءَ ڏاڙهيءَ واري جي آڪاڻي

هڪڙي بيوقوف کي ڊگهي ڏاڙهي هئي، هڪ دفعي اوچتو درياءَ ۾ ڪري پڌڻ لڳو، هڪڙو چرچائي، جو ڪناري تي بيٺو هو، تنهن کيس ڏسي چيو ته تون توبري کي مٿي کان ڪيڏي اڇلائي ڇڏ (ورنه ٻڏي مرندين). ان جواب ۾ چيو ته، هيءَ توبرو نه بلڪ منهنجي ڏاڙهي آهي ۽ هيءَ ڏاڙهي ئي آهي جا منهنجي پريشانيءَ جو باعث آهي. انهيءَ تي هن چيس ته جيڪڏهن تنهنجو هيءَ حال رهيو ته اها ڏاڙهي هڪ ڏينهن تنهنجو خاتمو آڻيندي.

اي انسان، جيستائين تو ۾ نفسانيت ۽ شيطانيت موجود آهي، تيستائين هڙئي ٻڪر جيان ڊگهيءَ ڏاڙهيءَ کان ڪو شرم ڏار.
ڪو شرم ڏار.

Gul Hayat Institute

هڪڙي ٻئي پکيءَ جو سفر متعلق سوال

هدهد کان هڪڙي ٻئي پکيءَ اٿي پڇيو ته ڀلا هن سفر ۾ ڪهڙيءَ شيءِ سان دل خوش رهندي؟ جيڪڏهن تون ٻڌائيندين ته منهنجي پريشاني به گهٽبي ۽ رستي وچڻ ۾ ڪجهه هدايت به ملي ويندي.

اي پيارا! جيستائين تون انهيءَ سان آهين، تيستائين خوش رهه ۽ لوڪن جي پچار ڪان آزاد ٿي وڃ. جڏهن تنهنجي غمگين دل، انهيءَ سان خوش رهي سگهي ٿي، تڏهين ڪيس خوش ڪر. ياد رک ته هنهي جهانن جي زندگي ۽ خوشي انهيءَ ڪان ٿي آهي ۽ جيڪڏهن تنهنجي دل هڪ گهڙي پلڪ ڳالهه! چگو هي ۾ چار قصا ٻڌي ڇڏ، انهن ۾ تنهنجي ڀلائي آهي.

ڀهاڙي مجنونءَ جو قصو

ڳالهه ٿا ڪن ته جبلن ۾ هڪ عجيب مجنون رهندو هو. هو وقتاً حال ڪان بيحال ٿي ويندو هو ۽ ويهن ڏينهن تائين سندس هيءَ ئي حالت رهندي هئي. صبح ڪان ويندي شام تائين پيو نچندو ۽ چوندو هو ته هينئر اسين پيشي اڪيلا آهيون، اسان جي خوشيءَ جي ڪا حدئي ڪانهي.

اي عزيز! جنهن جي دل ان سان ڳنڍيل آهي سو سدائين جيئرو آهي ۽ ڪڏهن مرندوئي ڪو نه. تون ان جي شوق ۾ پهنجي دل اراءِ، انهيءَ ۾ ئي تنهنجي حياتي آهي.

هڪڙي عاشق جو، مرڻ وقت روئڻ جو قصو

هڪڙو عاشق، مرڻ وقت زارو زار روئي ۽ چئي رهيو هو ته جڏهن منهنجي دل الله تعاليٰ سان ڳنڍيل

آهي، تڏهن منهنجي موت جو ڪو سوال ئي پيدا نٿو ٿئي؛ ۽ جنهن جي به دل انهيءَ سان وابسته آهي سو سدائين حيات آهي، ان لاءِ موت مناسب ئي نه آهي. منهنجيءَ دل جو سائس وصال ٿي ويو آهي، تنهنڪري منهنجو مرڻ محال آهي.

اي انسان! جيڪڏهن تون ان راز کان گهڙي ڪن خوش ٿين ته پوءِ ته تون (خوشيءَ کان) هن جهان ۾ ماپي ئي ڪونه سگهندين ۽ غيرفاني حياتي ۽ سعادت ماڻيندين.

هڪڙي شخص جو قصو، جنهن ڪي ستر سال غم ۾ گذريا

هڪڙو شخص ڳالهه ٿو ڪري ته، ستر سالن کان پوءِ مون ڪي مس وڃي صحيح خوشيءَ حال حاصل ٿيو. منهنجي دل ۽ جسم پيئي هميشه موم وانگر پيا ڳرندا هئا، ڇاڪاڻ ته اسان جو تعلق الله تعاليٰ سان آهي ۽ ان تعلق جي تقاضائي اها آهي.

اڙي نادان! جيڪڏهن تون عيب جوئي ۾ مشغول هوندين ته پوءِ غيب جو حظ تو کي ڪئن حاصل ٿيندو؟ تون پهريائين پاڻ کي پنهنجي عيبن کان آزاد ڪري پوءِ وڃي مطلق غيب جي عشق ۾ دل وندراءِ. جيڪڏهن تون پنهنجي عيبن ڳولڻ ۾ مشغول آهين ته پوءِ تون ڪيترو به ڪٿي عيبدار آهين ته به مقبول ۽ پسند آهين.

هڪڙي مست جو قصو

هڪڙو بيوقوف، لڳاتار ميري ۽ صاف شراب پيئڻ سبب آپي کان نڪتل هو. هڪڙي هوشيار کي انهيءَ ڪري ڪانئس رنج پهتو ۽ وئي، هڪ کوهه ۾ بند ڪري، جيئن پنهنجي جڳهه ڏانهن ڪٿي تي ويس، تيئن رستي ۾، هڪڙو ٻيو مست منهن پيس، جو سڀڪنهن سان مستي ڪندو پئي هليو. ان تي کوهه واري مست کيس طعنا تنڪا هنيا.

اي منهنجا يار! جيئن کوهه ۾ بند ٿيل مست پنهنجي حالت کي نه، پر ٻئي جي حالت کي پئي ڏٺو، تيئن اسان جي به حالت آهي. ٻين جا عيب ڏسڻ تنهنجي ناعاشقيءَ جي ٻيڻ ثبوت آهي.

هڪڙي شخص جو قصو، جو پنج سال هڪ عورت تي عاشق هو

هڪڙو بهادر، پنجن سالن تائين هڪڙيءَ عورت تي عاشق هو. انهيءَ جي اک ۾ ٿورڙي سفيدي به هئي، جا هن کي باوجود گهڻي ڏسڻ جي به معلوم نه پئي ٿي. ڀلا، جڏهن عاشق پنهنجي عشق ۾ چور هوندو، تڏهن ان کي پنهنجي معشوق جي عيب جي ڪٿي تي خبر پوي! ان بعد جڏهن سندس عشق گهٽجڻ لڳو، تڏهن انهيءَ اک جي عيب کان به آگاهي ٿيس. عورت کان پڇڻ تي ان کيس ٻڌايو، ته هيءُ عيب ان وقت کان ظاهر ٿيو آهي، جنهن وقت کان تنهنجو مون لاءِ پيار گهٽيو آهي.

اي انسان! تو پنهنجي دل وسوسن سان ڀري ڇڏي آهي. تون ڪجهہ پنهنجي عيبن ڏي بہ ڏس. جڏهن توکي خود پنهنجو عيب ڳرو معلوم ٿيندو، تڏهن توکي ٻين جي عيب جو ڪو خيال ئي نہ رهندو.

هڪڙي محتسب ۽ مست جو قصو

هڪ دفعي، هڪڙي محتسب (پوليس سپرنٽنڊنٽ)، هڪڙي مست کي گهٽي مار ٻڌي ڏني، جنهن تي هن کيس چيو، تہ تون ايتري زيادتي ۽ شور نہ ڪر، ڇاڪاڻ تہ جيڪڏهن حرام ماني هن دنيا ۾ مستي آلي ۽ رسوا ۽ خوار ڪري تہ پوءِ تون مون کان زياده مست رهيو آهين، مگر ڳالهہ ڇا آهي تہ ان مستيءَ کي ڪير ڏسي ڪونہ ٿو. مون کي مار ڏين ۾ ايترو حد کان لنگهي نہ وڃ، ڪجهہ پاڻ ڏي بہ ڏس.

هڪڙي ٻئي پکيءَ جو سوال

اي اسان جا سردار هدهد! مون کي بہ هڪڙو سوال ڪرڻو آهي. ڀلا مان جڏهن سيمرغ وٽ پهچي وڃان، تڏهن پوءِ ڪانئس ڪهڙيءَ شيءِ جي گهر ڪريان؟ هاڻي جڏهن هي جهان ان (سيمرغ) سبب مون لاءِ روشن آهي، تڏهن سمجهي نٿو سگهان تہ آخر هن کان ڇا گهران. برابر جيڪڏهن مون کي ڪا بهتر ۽ زياده عمدي شيءِ معلوم هجي ها تہ اتي پهچڻ بعد اهائي ڪانئس طلب ڪريان ها.

هدهد جو جواب

اڙي جاهل! معلوم ائين ٿو ٿئي ته تون ان ڪان آگاهه ئي ڪونه آهين. مخلوق کي ڪنهن شيءِ طلب ڪرڻ ۾ به ڄاڻ ضروري آهي، ڇا لاءِ جو مان توکي ٻڌايان ٿو ته انهيءَ ڪان وڌيڪ بهتر ۽ عمدي ٻي ڪا شيءِ ئي ڪانهي، جا تون طلب ڪرين. هڪ دفعو جيڪڏهن تون، ان عالي درگاهه ڪان واقف ٿي وئين ته پوءِ ڪنهن به قيمت تي تون انهيءَ کي ڇڏڻ لاءِ تيار نه ٿيندين. هاڻي مان توکي ٻه چار حڪايتون ٻڌايان ٿو، جي توکي هن حقيقت کي سمجهڻ ۾ مدد ڏينديون.

بوعلي رودباريءَ جي حڪايت

جڏهن بوعلي رودباريءَ جي مرڻ جو وقت ويجهو آيو، تڏهن اکيون مٿي کڻي چوڻ لڳو، ته اي منهنجا پروردگار! تنهنجو انتظار ڪندي، هينئر آخري دم کڻي رهيو آهيان. مون لاءِ بهشت جا دروازا کوليا ويا آهن ۽ ملائڪ سگهورا مٺيون مٺيون ڳالهيون ڪري مون کي ان اندر اچڻ لاءِ سڏي رهيا آهن ۽ هرلذت ۽ راحت جو سامان مون لاءِ مهيا ڪيو ويو آهي، ليڪن منهنجي دل تو متعلق تحقيق ڪرڻ ڪان هٿ ئي نٿي کڻي سگهي ۽ چوي ٿي، ته آخر منهنجو هنن شين سان ڪهڙو ڪم؟ مون ته ساري عمر تنهنجي ئي انتظار ۾ گذاري. اي منهنجا موليٰ! تنهنجو عشق (منهنجو تولاءِ

عشق) منهنجي دل سان خوب ڳوهيو ۽ ملايو ويو آهي؛ مان نه دوزخ چاهيان نه بهشت. ساري جهان ۾ تون ئي منهنجو مطلوب آهين. ڪا گهڙي ته هن منتظر دل سان اڪيلائيءَ ۾ گذار. بس اها ئي مراد آهي ۽ اها ئي منهنجي حاجت.

الله تعاليٰ جو حضرت دائود عليه السلام سان خطاب

الله تعاليٰ، حضرت دائود عليه السلام کي فرمائيندي چيو ته تون منهنجي ٻانهن کي وڃي چئو ته جيڪڏهن دوزخ ۽ بهشت نه هجن ها ته به منهنجي بندگي ڪرڻ مناسب ۽ واجب هئي. ها، جيڪڏهن، نور ۽ نار واقعي نه هجن ها ته توهان جو مون سان ڪو سروڪار ئي نه رهي ها. هاڻي جڏهن مان عبادت جو هرلحاظ کان مستحق آهيان، تڏهن منهنجي عبادت بهشت جي اُميد ۽ دوزخ جي خوف کان نه ڪئي وڃي. انهن کي سمجهاءِ ته هو غير کان هٿ ڪڍي، پوءِ صحيح معنيٰ ۾ منهنجي پرستش ڪن. مان ئي سندن مقصود رهان ۽ نه حورون ۽ غلمان.

سلطان محمود جو اياز کي بادشاهي ڏيڻ

جڏهن محمود، اياز کي پنهنجو خاص ڪري چونڊيو، تڏهن ان کي پنهنجي بادشاهي ڏيئي تاجدار ڪري، تخت تي ويهاريو. سپاهي ۽ سولجر هيءَ حالت ڏسي، غيرت کان جلي ويا ۽ چوڻ لڳا، ته ڪنهن به بادشاهه

ڪنهن غلام کي ايتري عزت ڪڏهن نہ بخشي. اياز جو نهايت سمجهدار هو، سو سلطان جي انهيءَ فعل کان راضي تہ درڪنار، مگر زارو زار پئي رنو. هي ڏسي سپيئي ڪيس ديوانو ۽ بي عقل سڏڻ لڳا ۽ چوڻ لڳا تہ، جڏهن توکي هيتري ساري بادشاهي ملي، تڏهن هاڻي هي روڄ راڙو ڇا جو؟ تون تہ هاڻي وڃي عيش ۽ آرام ڪر. اياز فوراً ڪين جواب ۾ چيو تہ توهين سڏيءَ راهہ کان پري پيل آهيو. ڇا، توهان اهو نٿا سمجهو تہ ائين ڪرڻ سان بادشاهہ مون کي پاڻ کان پري ڪري رهيو آهي؟ هو ڪٿي مون کي جهان جي بادشاهي چونہ ڏئي، ليڪن مان هن کان هڪڙي گهڙي بہ غائب ٿيڻ نٿو گهران. هو جيڪي بہ فرمائي تنهن جي بجاآوريءَ لاءِ مان هروقت تيار آهيان، مگر هن کان هڪ پلڪ پري ٿيڻ نٿو چاهيان. مان هن ملڪ کي ڇا ڪندس، منهنجو ملڪ، هن جو ديدار آهي ۽ بس.

اي عزيزا جيڪڏهن تون طالب ۽ حق شناس آهين تہ بندگيءَ جو سبق، وڃي اياز کان سک ۽ هيءَ ڳالهہ بہ سمجهي ڇڏ تہ! جيستائين دوزخ ۽ بهشت تنهنجي رستي ۾ حائل رهندا، تيستائين تون ان راز کان واقف ٿي نہ سگهندين. تون انهن ٻنهي کان پنهنجي جان ڇڏاءِ تہ جيئن ابدي دولت حاصل ڪرين.

رابعہ بصري جي مناجات

هڪ دفعي رابع بصري، پنهنجي دعا ۾ چئي رهي

هئي ته، اي راز جا ڄاڻندڙ، دشمنن جا دنياوي ڪم پلي ٿاهه ۽ پنهنجي دوستن کي هميشه لاءِ آخرت عطا ڪر (مان راضي آهيان)، ڇالاءِ جو مان انهن ٻنهي ڪان آزاد آهيان. مان جيڪڏهن انهن ٻنهي ڪان سڄي ٿي وڃان، پر تنهنجي غم جي گهڙي مون سان ساڻ هجي ته ههڙي سچائي مون لاءِ ڪافي آهي، ڇاڪاڻ ته تون، مون لاءِ سيني شين ڪان بهتر آهين. جيڪڏهن-تو ڪان سواءِ مان ڪنهن ٻيءَ شيءِ کي چاهيان ته پوءِ يقينًا مان ڪافرياڻي آهيان.

الله تعاليٰ جو حضرت داؤد عليه السلام کي خطاب

دنيا جي پيدا ڪرڻ واري، حضرت داؤد عليه السلام کي پردي جي اندران مخاطب ٿي چيو ته، دنيا ۾ جا به شيءِ آهي پوءِ ڪئي سٺي خواه خراب، انهيءَ جو عوض توکي ملي سگهي ٿو، ليڪن منهنجو عوض (بدل) توکي ڪٿي به نه ملي سگهندو. هاڻي جڏهن حالت هيءَ آهي، تڏهن پوءِ تون مون ڪان سواءِ غافل نه رهه، مان تولاءِ بس آهيان. حقيقت ته هيءَ آهي ته، توکي مون ڪان سواءِ ڪو چاروئي ڪونهي ۽ مون بغير توکي ڪو بقائي ڪونهي، تنهنڪري تون مون ڪان غافل نه ٿي ۽ نه مون ڪان سواءِ ڪنهن ٻيءَ شيءِ جي ڪا طلب ٿي ڪر.

سلطان محمود جي لشڪر جو سومناٿ بت کي گهوابي لهڻ

سومنات ۾ سلطان محمود جي لشڪر ان بت کي وچي گهوابي لڌو، جنهن جو نالو لات هو. هندو ان بت کي بچائڻ خاطر اٿي کڙا ٿيا ۽ ان جي برابر سون ڏيڻ لاءِ تيار ٿي ويا، ليڪن محمود اها ڳالهه نه مڃي ۽ ان بت کي باهه ۾ جلائي ڇڏيو. ڪنهن سرڪش اٿي چيو ته، بت کي ساڙيو نه وڃي ها ۽ ان جي عوض سون وٺڻ بهتر هو. محمود جواب ڏنو ته، مون کي ڊپ ٿيو ته متان سڀان قيامت جي ڏينهن ساري مخلوق جي اڳيان پروردگار ڪٿي چوي ته آذر ۽ محمود کي ڏسو، هڪڙو بت تراش هو ته ٻيو وري بت فروش.

اي انسان، تون پاڻ سان ڪئين بت کنيو ٿو پيو هلين. دوست (الله تعالي) خاطر پنهنجي نفس جي بت کي ته باهه لڳاءِ.

Gul Hayat Institute

سلطان محمود جي نذر جي حڪايت

راوي ڳالهه ٿو ڪري ته، جڏهن سلطان محمود هندن سان جنگ ڪرڻ لاءِ غزني کان روانو ٿيو، تڏهن هندوستان پهچڻ تي انهن جي ڪثيرالتعداد لشڪر کي ڏسي گهبرائجي ويو. ان وقت ٻي واهه نه ڏسي هن هڪڙي باس باسي ته جيڪڏهن مون کي هن لشڪر

تي ڪاميابي ٿي ته مان غنيمت جو سارو مال درويشن ۽ فقيرن ۾ ورهائي ڇڏيندس. آخر جڏهن ڪامياب ٿيو، تڏهن غنيمت جو مال جو ڪيس هٿ آيو سو ڳاڻيٽي کان ٻاهر نڪري پيو مگر باوجود ان جي هن چاهيو ته اهو سارو درويشن ۾ ورهائي پنهنجو عهد پورو ڪري؛ ليڪن سڀيئي ماڻهو ڪيس چوڻ لڳا ته، هيترو سارو مال چند فقيرن ۾ ورهائڻ مناسب نه آهي. عين ان وقت هڪڙو بي ادب ديوانو جو حقيقت ۾ وڏو عقلمند ۽ هوشيار هو، سو اچي ان لشڪر جي وچ مان لانگهائو ٿيو. جڏهن بادشاهه ڪيس پري کان ڏٺو، تڏهن چيائين ته انهيءَ ديواني جو حڪم بجا آڻيندس، ۽ جيڪي هو چوندو سو ڪندس. جڏهن هن ان کي سارو قصو ڪري ٻڌايو، تڏهن ان ديواني چيس ته، هاڻي جڏهن تنهنجو ڪم مفت ۾ پورو ٿيو آهي، تڏهن تون پنهنجو شرط پورو ڪر. محمود هي ٻڌي سارو مال درويشن ۾ ورهائي ڇڏيو.

هڪڙي ٻئي پکيءَ جو سوال

هڪڙي ٻئي پکيءَ هدهد، کان پڇيو ته، انهيءَ دربار ۾ ڪهڙيءَ شيءِ جو زياده رواج آهي ته اسين اها اتي وٺي پيش ڪريون؟ بادشاهن ڏانهن ته ڪو قيمتي تحفو ڪٿي وڃڻ گهرجي، پر جيئن ته اسين ان کان غير واقف آهيون، تنهنڪري تون اسان جي رهنمائي ڪر.

Gul Hayat Institute

هدد جو جواب

هدهد چيس ته اي يار! جيڪڏهن تون واقعي حڪم جي بجاآوري چاهين ٿو، ته پوءِ اوڏانهن اها شيءِ کڻي وڃ، جا اتي هجي ئي نه. باقي جيڪڏهن تون هتان اها شيءِ کڻي وڃين، جا اتي اڳيئي موجود هجي ته ان مان ڪهڙو فائدو؟ هيءَ ته اٽلو توکي ڏنو ۽ شرمسار ڪندي. اتي علم به آهي، معرفت جا اسرار به آهن، ۽ فرشتن جي جهجهي عبادت به آهي. تون جان جو جلڻ ۽ دل جو درد پاڻ سان کڻي وڃ، جا لاءِ جو انهن شين جو اتي ڪو نشان ئي ڪونهي. اجهو مان توکي به چار قصا ٻڌايان ٿو، جن ۾ تو لاءِ سراسر هدايت آهي.

زليخا جو يوسف عليه السلام کي قيد ۾ وجهڻ جو قصو

هڪڙي ڏينهن زليخا، حضرت يوسف کي کڻي قيد ۾ وڌو ۽ نوڪر کي حڪم ڪيائين ته هو ان کي پنجاهه لڪڻ اهڙي زور سان هڻي، جيئن هوءَ ان جي دانهن (آه) پري کان ٻڌي سگهي. جنهن وقت نوڪر ، يوسف کي لڪڻ هڻندو هو، تنهن وقت هو زارو زار رئندو هو ۽ ان جي روئڻ جو آواز زليخا ٻڌندي به هئي ۽ نوڪر کي اڃا زور سان مارڻ لاءِ چوندي هئي. آخر جڏهن هن ان کي هڪ لڪڻ نهايت زور سان هڻي، زمين تي ڪيرائي وڌو، تڏهن ان کان اهڙي آهه نڪتي، جنهن سڌو وڃي زليخان جي دل کي

Gul Hayat Institute

چوٽ لڳائي. زليخا بي اختيار ٿي چوڻ لڳي ته هاڻي ان کي مارڻ بند ڪيو وڃي. هي آه ڪنهن تيز جڳهه مان نڪتي آهي ۽ انهي هٽي هنڌ ڪيو آهي.

اي پيارا تون جيستائين درد نه رکندين، تيستائين تون مردن ۾ شمارئي نه ٿيندين. جنهن کي عشق جو درد ۽ سوز آهي، تنهن کي نه رات جو ننڊ ۽ نه ڏينهن جو آرام.

هڪڙي خواجه ۽ سندس پاڪباز غلام جو قصو

هڪڙي خواجي کي، هڪڙو حبشي نوڪر هو، جنهن دنيا جي ڪمن کان هٿ ڌوئي ڇڏيا هئا ۽ ساري رات نماز پڙهندي گذاريندو هو. هڪ ڏينهن خواجي چيس ته تون جنهن مهل رات جو ننڊ مان اٿين، تنهن مهل مون کي به جاڳائج ته جيئن وضو ڪري، پيشي ڳڏجي نماز پڙهون. نوڪر جواب ڏنو، ته جنهن شخص کي هن رستي جو درد نه آهي، تنهن کي جاڳائڻ ٺي مناسب ناهي. جيڪڏهن توکي درد هجي ها ته تون سجاڳ رهين ها ۽ اجايو ساري رات ننڊ ۾ نه وڃائين ها.

اي منهنجا دوست! جنهن کي هيءَ حسرت ۽ هيءُ درد نه آهي، تنهن جي مٿي تي شال ڌوڙ هجي!

بوعلي طوسيءَ جو قصو

بوعلي طوسي، هڪ ڏينهن فرمايو، ته سڀان قيامت ڏينهن جڏهن دوزخي، اهل جنت وارن کي نهايت عاجزي

سان ڏسندا ۽ کانئن جنت جي خوشي ۽ وصال جي ذوق بابت پڇندا، تڏهن سڀيئي چوندا ته بهشت جي خوشي ته اسان کان ويندي رهي، ڇا لاءِ جو اسان کي هن ڪمال سان پريل بهشت ۾ انهيءَ آفتاب جي ڏسڻ جو تاب نه آهي. جڏهن انهيءَ جو جمال اسان جي ويجهو ٿئي ٿو، تڏهن اٺ ئي بهشت شرم کان ڪارا ٿي وڃن ٿا. ان بعد دوزخي جواب ۾ چوندا، ته اسان ته هڪ خراب جڳهه ۾ مٿي کان ويندي پيرن تائين باهه ۾ پيا آهيون. هن اسان کي پنهنجو مُنهن ظاهر ظهور ڏيکاريو ۽ اسان پنهنجي ذلت ۽ ان جي جدائيءَ جي حقيقت کان آگاهه ٿياسين، تڏهين حسرت ۽ ارمان جي باهه کان اسان جي ناخوش دلين اسان کان دوزخ جي يادئي وسارائي ڇڏي.

اي منهنجا دوست! جتي عشق جي باهه پنهنجو اثر ڏيکاريندي، تتي دوزخ جي باهه جو اثر ڪٿي رهندو؟

هڪڙي شخص جي حضرت رسول مقبول صلعم جن جي مصلي تي نماز پڙهڻ جي درخواست

هڪ دفعي، ڪنهن شخص، حضور جن کان سندن مصلي تي نماز پڙهڻ جي اجازت گهري، جا پاڻ نه ڏنائون ۽ فرمايائون، ته هن وقت مٿي ۽ واري گرم آهن (تنهنڪري انهن تي پيشاني رکڻ مناسب نه آهي). تون پهريائين پنهنجي دل کي داغ لڳاءِ، ڇا لاءِ جو

سيان تون داغ جي وسيلي ٿي سڃاتو وينديون ۽ عزت ۽ مرتبو پائيندين.

ستن وادين جو بيان

هڪڙي ٻئي پکيءَ جو طلب جي واديءَ متعلق سوال

اي دوست هد هد! تون ته انهيءَ جي واديءَ جي رستي کان چڱيءَ طرح واقف آهين، ليڪن اسين ته ان کان سراسر اندا آهيون. مهرباني ڪري ٻڌاءِ، ته اهو ڪيترو ڏکيو آهي.

هد هد جو جواب

هد هد جواب ڏيندي کيس ٻڌايو، ته هن رستي ۾ اسان کي ست واديون طئي ڪرڻيون آهن. جڏهن اهي سڀئي لنگهي پار پونداسين، تڏهن سيمرغ جي درگاهه وٽ اچي پهچنداسين. جو مخلوق به هيءَ رستو وٺي ويو، سو وري واپس نه موٽيو؛ تنهنڪري ان جي مفاصلي جو ڪو پتو ٿي ڪونه ٿو پوي. سڀني کان اول طلب جي وادي آهي، ان بعد عشق جي وادي آهي، جنهن جي نه آهي ڪنڌي ۽ نه ڪنارو. ان کان پوءِ معرفت جي وادي آهي، ۽ ان بعد استغنيٰ جي وادي آهي، پوءِ توحيد جي وادي آهي، تنهن کان پوءِ حيرت جي وادي آهي، جا ڏاڍي اوکي آهي ۽ آخر ۾ فقر ۽ فنا جي وادي آهي. جنهن بعد توکي اڳتي

وڌڻ جي طاقت نه هوندي. جيڪڏهن تون هڪڙو قطرو هوندين ته به هن هنڌ هڪ سمنڊ نظر ايندين.

طلب جي واديءَ جو بيان

جڏهن تون، طلب جي واديءَ ۾ داخل ٿيندين، تڏهن توکي هر گهڙيءَ ڪئين تڪليفون درپيش اينديون. ڪئين سال محنت ۽ ڪوشش ڪرڻي پوندي، ڇاڪاڻ ته هن هنڌ حالتون ئي بدلجي وڃن ٿيون. مال، ملڪ ۽ پئسي، مطالب ته هر شيءِ کان هٿ ڪڍڻو ۽ دل کي پاڪ ڪرڻو پوي ٿو. جڏهن دل هڪ دفعو پاڪ ۽ صاف ٿي ويندي ته پوءِ هوءَ پاڻهي عالي دربار کان نُور وٺڻ شروع ڪري ڏيندي، ۽ جڏهن اهو نُور تنهنجي دل تي ظاهر ٿيندو تڏهن تنهنجي طلب ۾ بيپناهه اضافو اچي ويندو. پوءِ جيڪڏهن تنهنجي رستي ۾ ڪا باهه ڪئي ظاهر ٿي، ته تون عشق جي ماريل پتنگن جيان پيو پاڻ کي باهه ۾ سٽيندين. طلب جي درياءَ ۾ هوندي به پاڻ کي اڃارو سمجهندين، ۽ محبوب جي راز کي معلوم ڪرڻ ۾ اهڙو بيتابيءَ سان لڳل هوندين جو ان خاطر، ڪنهن به خطرناڪ شيءِ کان نه گهبرائيندين. هاڻي هي به چار ڳالهيون ڪن ڏيئي ٻڌ ۽ هنئين سان هنڊاءِ.

ابوعثمان مڪيءَ جي ڳالهه

عمر و ابو عثمان، جڏهن حرم اندر ”گنجنامه“ تحرير ڪيو، تڏهن هُن ان ۾ هن ڳالهه جو ذڪر ڪيو ته،

جڏهن الله تعاليٰ حضرت آدم جي جسم ۾ روح ڦوڪيو، تڏهن ڇپائين فرشتن کي ته ان حقيقت جي ڪا خبر نه رهي. هن پوءِ انهن کي آدم اڳيان سجدي ڪرڻ جو حڪم ڪيو، جنهن جي پوري بجاآوري ڪندي انهن پنهنجا سر زمين تي رکيا، ۽ ائين ڪرڻ ڪري انهن مان ڪو هڪ به ان راز کي ڏسي نه سگهيو. بعد ۾ ابليس اچي چوڻ لڳو ته، مان سجدو هرگز نه ڪندس، پوءِ ڪٿي منهنجو سر ڇونه ڪاٽيو وڃي. هاڻي جڏهن هن پنهنجو سر زمين تي نه رکيو تڏهن هن اهو راز ڏسي ورتو، ڇالاءِ جو هو اڳي ئي تاڙ ۾ ويٺو هو. الله تعاليٰ کيس چيو ته، تو وڏي جاسوسي ڪئي آهي ۽ هن گنج کان واقف ٿي ويو آهين، تنهنڪري متان تون هي راز فاش ڪري وجهين، تنهنجو سر ڪاٽڻ ئي مناسب آهي. ابليس عرض ڪيو ته مون کي مهلت ڏني وڃي، جا کيس ڏني ويئي ۽ لعنت جو طوق سندس ڳچيءَ ۾ وڌو ويو. ان کان پوءِ ابليس چوڻ لڳو ته، هاڻي جڏهن مون کي پاڪ خزانو معلوم ٿي ويو آهي، تڏهن ڊپ ڇا جو؟ اي منهنجا موليٰ! لعنت به تنهنجي ملڪيت آهي، هيءَ بندو به تنهنجي ئي ملڪيت آهي ۽ قسمت به تنهنجي ئي هٿ ۾ آهي. جيڪڏهن منهنجي حصي ۾ لعنت آئي آهي ته مڙيوئي خير آهي (اها به آخر تنهنجي ئي طرف کان آئي آهي). مون جڏهن مائهن کي رحمت جي طلب ڪندو ڏٺو، تڏهن تنهنجي لعنت

Gul Hayat Institute

مون بي ادب کي پڙڪائي ڪڙو ڪيو. رحمت وانگر تنهنجي لعنت لاءِ به ڪو بندو آهي ۽ اهو مان آهيان جو هيٺئين رتبي کان ڪيري پيو آهيان.

اي عزيز جيڪڏهن تون طالب آهين ته تنهنجي طلب هن نموني جي هئڻ گهرجي ورنه تنهنجي طلب جي دعوا ڪوڙي آهي. جيڪڏهن تون، ان کي باوجود ڏينهن رات تلاش ۽ جستجو جي ننڊ لهي سگهين ته سمجهي ڇڏ ته تنهنجي طلب ۾ ڪا گهٽتائي آهي، باقي هو ته هروقت هرهنڌ موجود آهي.

شبلي رحمة الله عليه جي ڳالهه

مرڻ وقت، شبلي رحه ڏاڍو بيقرار هو. اکيون بند دل منتظر ۽ ڪمر تي حيرت جو پٽو چڙهيل هوس. مٽيءَ جي هڪ ڍير تي ويٺو هو. ڪنهن مهل ان مٽان پٽي گوڙها ڳاڙيائين ته ڪنهن وقت مٽي ڪٺي پٽي مٿي ۾ وڌائين. ڪنهن سائل کانئس پڇيو ته، تون اهڙي وقت ۾ ڪنهن کي زنار بدل ڏنو آهي؟ جواب ڏنائين ته، منهنجي جان، جنهن پنهي جهانن کان اک پوري ڇڏي آهي سا هن وقت ابليس جي غيرت کان سڙي رهي آهي. جڏهن لعنت جو خطاب فقط ان کي مليل آهي، تڏهن انهيءَ اضافت کان مون کي افسوس اچي ٿو!

اي، منهنجا يار، تون شبليءَ جي پيلس ۽ سنلس جگر جي گرميءَ کي ڌيان ۾ رکي ڏس ته هو پين

کي ڇا ڪجهہ چئي رهيو آهي. جيڪڏهن محبوب توکي پٺ ڏئي ته اهو ان موتيءَ کان افضل آهي جو ڪنهن غير جي طرف کان اچي. ڏسڻو صرف هي آهي ته، جا شيءِ اچي ٿي سا طرف کهڙي کان اچي رهي آهي ۽ بس. تون طلب ۽ انتظار جي راهہ ۾ پاڻ گهوريندو رهہ ۽ ڪهڙي به خاموش ٿي نہ ويهہ، ڇالاءِ جو هن راهہ ۾ ذرو به دير ڪفر برابر آهي.

مجنونءَ جي ڳالهہ

ڳالهہ ٿا ڪن ته ڪنهن شخص، مجنونءَ کي رستي تي مٽي ڇاڻيندو ڏسي، کانئس پڇيو ته تون هتي ڇا ڳولهي رهيو آهين؟ مجنونءَ جواب ڏنو ته ليليٰ ڳولهي رهيو آهيان. انهيءَ تي ان شخص چيس ته ليليٰ توکي مٽيءَ ۾ ڪٿان ملندي؟ آخر ڪڏهن ناياب موتي به ائين مٽيءَ ۾ ملندو! مجنون ورائي ڏنس ته مان ته هن کي هر جڳهہ ڳولهي رهيو آهيان، ممڪن آهي ته ڪنهن هنڌ ملي به وڃي.

يوسف همدانيءَ جي ڳالهہ

يوسف همداني، جو پنهنجي زماني جو امام ۽ معرفت جو صاحب هو، تنهن هڪ دفعي چيو ته، جيڪڏهن اکين وارو زمين ۽ آسمان اندر هر ننڍيءَ ۽ وڏيءَ شيءِ کي غور سان ڏسندو ته کيس معلوم ٿي ويندو ته هرهڪ ذرو يعقوب (عليه السلام) آهي، جو پنهنجي وڃايل يوسف (عليه السلام) جي پڇا ڪري رهيو آهي.

اي منهنجا دوست، هن راهه ۾ صبر ۽ انتظار درڪار آهن، ساري عمر انهن ۾ ئي صرف ڪرڻ گهرجي. تون ڪنهن به حالت ۾ صبر جي واڳ هٿان نه ڇڏ، ممڪن آهي انهيءَ جي ڪري ئي هڪ ڏينهن پنهنجي مراد کي پهچين.

سلطان ابوسعيد مهنه جي ڳالهه

هڪڙي دفعي شيخ مهنه، "قبض" جي سخت لپيٽ ۾ اچي ويو ۽ جيئن بيابان طرف وڃي رهيو هو، تيئن هڪڙي پيرسن ڳوٺاڻي تي پري کان نظر وڃي پيس، جنهن جي اکين مان نور پئي ٽپڪيو. شيخ وٽس وڃي پنهنجي قبض جي حال کان کيس چڱيءَ طرح واقف ڪيو. پوڙهي سندس ڳالهه ٻڌي کيس چيو، ته جيڪڏهن زمين کان وٺندي عرش تائين، ساري ميدان کي ڇٽڻ سان هڪ نه، بلڪ هزار بار وري وري ڪري ڀرجي، ۽ هڪڙو پکي، هزار سالن کان پوءِ هڪڙو داڻو کڻي ته ڪنهن وقت هيءُ سارو ميدان خالي به ٿي ويندو، مگر تون ايتري زماني گذرڻ بعد به، ان جي دروازي جي اڃا خوشبوءِ کان ئي ڀهرور ٿي نه سگهندين، ۽ انهيءَ کان تمام گهڻو پري رهندين.

اي عزيز، طالب کي گهڻو صبر ڪرڻ گهرجي. ۽ هن راهه ۾ ڪنهن به شيءِ کي ڏسي روڪجي وڃڻ نه کپي.

Gul Hayat Institute

سلطان محمود جي ڳالهه

هڪ رات، سلطان محمود اڪيلو وڃي رهيو هو ته رستي تي هڪڙي مٽيءَ ڇاڻيندڙ کي هڪ مٽيءَ جي ڍير تي ويٺل ڏسي، ڪڍي پنهنجو بازوبند ان ڍير ۾ اڇلايو ۽ بعد ۾ ويندو رهيو. ٻيءَ رات جڏهن بادشاهه انهيءَ هنڌ آيو، تڏهن هن کي انهيءَ ڪم ۾ مشغول ڏسي، چيائينس ته توکي جا شيءِ ڪالهه ملي هئي، سا ته نهايت ئي قيمتي هئي، تون ته وڃي هينئر بادشاهي ڪر، تون ڪنهن جو محتاج ئي نه رهيو آهين. انهيءَ تي جواب ۾ چيائين، ته هن مٽيءَ ڇاڻيندي ته مون هيءُ خزانو لڌو آهي. هاڻي منهنجي هيءُ ئي ڪار رهندي، جيستائين جيئرو آهيان.

اي انسان، تون هن در جو طالب ٿي رهه ته جيئن اهو تولاءِ کوليو وڃي. هن راهه کان منهن نه موڙ ته جيئن اها توکي ڏيکاري وڃي.

هڪڙي بيخود جي ڳالهه

هڪڙي دفعي، جيئن هڪڙو بيخود، خداتعاليٰ کي در کولڻ لاءِ چئي رهيو هو، تيئن رابعه بصري جا اتي پاسي ۾ ويٺي هئي، تنهن جواب ڏنس، ته اڙي غافل، هيءُ دروازو ڪڏهن بند ٿيو به آهي؟

اي عزيز، هيءُ دروازو سدائين کليل آهي ۽ رحمت جو خرمچو هروقت حاضر ۽ موجود آهي.

Gul Hayat Instutute

عشق جي واديءَ جو بيان

طلب جي واديءَ کان پوءِ، عشق جي وادي اچي ٿي، جنهن ۾ جو به گهڙيو، سو گويا باهه جي مچ ۾ وڃي پيو. جو عاشق خود باهه نه آهي، تنهن کي هيءَ وادي ڪٿي ٿي سونهين؟ عاشق جڏهن هن واديءَ اندر پير رکي ٿو، تڏهن ڪفر ۽ دين، شڪ ۽ يقين، نيڪي ۽ بديءَ کي ته ڪا گهڙي بلڪل وساري ڇڏي ٿو. معشوق جي وصال خاطر، هو سڀڪجهه قربان ڪري ٿو ۽ جيستائين پاڻ کي ساڙي نٿو، تيستائين غم کان به ڇٽي نٿو سگهي. عشق هڪ باهه آهي ۽ عقل دونهون. جتي عشق آيو، تتي عقل ويندو رهيو. جيڪڏهن غيب جي طرفان توکي ڪا تائيد حاصل آهي ته پوءِ تون عشق جي منزل ماڻي سگهندين ۽ سارو جهان تنهنجو همراز ٿي ويندو. بهرحال، هتي هڪ زنده دل گهرجي، جو هردم پنهنجي جان گهوريندو رهي. پيارا، هي به چار قصا پڙهي ڇڏ، جي انهيءَ حقيقت ڏانهن تنهنجي رهنمائي ڪندا.

هڪڙي خواجه جي عشق جو قصو

هڪڙو خواجه، ڪنهن ڇوڪري جي عشق ۾ چريو ٿي پيو ۽ عشق جي زيادتي سبب گهڻو رسوا ۽ مشهور ٿي ويو. جو ڪجهه مال ۽ ملڪيت وٽس هو، سو سڀ وڪڻي شراب خريد ڪندو هو. جڏهن صفا سڃو ۽

هٿين خالي ٿي ويو، تڏهن سندس عشق به سئو دفعا وڌي ويو، مگر باوجود بکئي رهڻ جي به هو سدائين سير نظر ايندو هو. جڏهن هڪڙي سائل کانئس عشق جي حقيقت دريافت ڪئي، تڏهن چيائين ته عشق ته هڪ اهڙي شيءِ آهي، جنهن خاطر هڙيون سوين دنياڻون قربان ڪرڻ به ڪا معني نٿيون رکن. پلا، جنهن جو عشق سان ڪو پيچ ئي نه پيو آهي، سو انهيءَ کي ڇا سمجهندو.

مجنونءَ جو چمڙا پوش ٿي، ليليٰ وٽ وڃڻ

مجنونءَ غريب جي ڪا اهڙي قسمت هئي، جو ليليٰ جا مٽ مائٽ ۽ عزيز، پيو ته نهيو، مگر هن مسڪين کي پنهنجي قبيلي ۾ ئي اچڻ نه ڏيندا هئا. ٻي ڪا واهه وسيلو نه ڏسي، هو هڪ قريبي جهنگل ۾ وڃي هڪ ريڍار کان هڪڙي ڪٽل وٺي آيو ۽ پوءِ اها پاڻي ڪٽي پاڻ کي گهيڻو ٻڌايائين. ان بعد ريڍار کي عرض ڪيائين، ته خدا جي نالي، مون کي هن ڌڻ ۾ گڏي ليليٰ جي طرف وٺي هل ته ڪا گهڙي ان جي خوشبوءِ جو واس وٺان. آخر هو رڍن جي ڌڻ سان گڏجي اچي ليليٰ جي گهٽيءَ ۾ پهتو. پهچڻ شرط سندس عشق پڙڪو ڪائي اٿيو ۽ سندس هوش ڪانئس ويندو رهيو. جڏهن عشق پنهنجو غلبو ڏيکاريو ۽ معاملو هٿن مان نڪري ويو، تڏهن ريڍار کيس پڪڙي موٽائي جهنگل وٺي آيو. هو پوءِ ان جهنگل جي ماڻهن سان گڏجي

گذارڻ لڳو. هڪ دفعي انهن مان ڪنهن چيس ته، اي مان وارا مجنون! تون ننگو ڇو ٿيو وتو آهين؟ ڇا، مان، تولاءِ هينئر اهو ريشمي ڪپڙو نه ڪٺي اچان جنهن کي تون زياده پسند ڪندو هئين؟ مجنونءَ جواب ۾ چيو ته، هر پوشاڪ عاشق کي سونهين نٿي. مون لاءِ ڪل ڪان وڌيڪ عمدي ٻي پوشاڪ ڪانهي. مجنونءَ جو اطلس ۽ ريشم ڪَل آهي ۽ جو به ليليٰ سان عشق رکندو سو ڪَل ئي چاهيندو. مون پنهنجي معشوق جو منهن هن ڪَل وسيلي ڏٺو آهي. هاڻي تون ئي ڪٺي ٻڌاءِ ته مان هن ڪَل ڪان سواءِ ٻيو ڪو لباس ڪيئن ٿو پهري سگهان؟

هڪڙي مفلس جو اياز تي عاشق ٿيڻ

هڪڙي دفعي، هڪڙو مفلس، اياز تي عاشق ٿي ڏاڍو مشهور ٿي ويو. اياز جنهن مهل سوار ٿي ٻاهر ويندو هو، تنهن مهل هو به سندس پاسو وٺيو ويندو هو. جڏهن سلطان محمود کي هن ڳالهه جي خبر پئي، تڏهن گهرائي چيائينس ته، تون هڪ بادشاهه (يعني منهنجو) جو رقيب بڻجڻ ٿو چاهين؟ انهيءَ تي هن جواب ڏنس ته اي بادشاهه! جيڪڏهن تون مون کي فقير سڏين ته ڀلي، ليڪن عشقبازيءَ ۾ مان توکان گهٽ نه آهيان. عشق ۽ افلاس ٻاهم پاڙيسري آهن ۽ فقير غريب جو ته سرمايوئي هي ڪجهه آهي. عشق پڻ افلاس ۾ تازگي ۽ رونق وٺي ٿو ۽ هوڏانهن تون ته خوش دل بادشاهه

ٻئيو وڻئو آهين، حالانڪ عشق لاءِ مون جهڙي سڙيل دل گهرجي. تو وٽ وصل جو سامان تہ برابر موجود آهي، ليڪن جدائيءَ جي درد جي سامان جي ڪمي آهي. آخر ۾ سلطان چيس تہ، تو منهنجي روبرو افلاس جي دعوا ڪئي آهي ۽ تون جيڪڏهن انهيءَ دعوا ۾ سچو آهين تہ ڪو گواهہ پيش ڪر. هن غريب جواب ۾ چيو تہ، جيستائين منهنجي جان باقي آهي، تيستائين تہ مان مفلسيءَ کان خالي آهيان. ها، جيڪڏهن مان پنهنجي جان، عشق مٿان گهوري ڇڏيان تہ پوءِ تہ هيءَ مفلسيءَ جي چٽي نشاني ٿيندي. هن ائين مس چيو تہ سندس زبان مان آخري لفظ هي نڪتا، ”هن (مون غريب) محبوب جي سر تان پنهنجي جان گهوري ڇڏي.“

اي عزيز! هن راهہ ۾ سچائيءَ جي نشاني، جانفشاني آهي.

هڪ عرب جو عجم ۾ وڃڻ ۽ قلندرن سان ملڻ

عرب ملڪ مان جڏهن هڪڙو ماڻهو، عجم ۾ آيو، تڏهن انهن جون ريتيون رسمون ڏسي عجب ۾ پئجي ويو. هڪ دفعي گهمندي ڦرندي قلندرن جي جاءِ کان لانگهائو ٿيو، ۽ ڏٺائين تہ هو ٻنهي جهانن کان بيخبر ۽ ناپاڪائيءَ ۾ هڪٻئي کان وڌ ۽ شراب ۾ مست آهن. اتفاق سان سندس ميلان انهن جي طرف ٿي پيو ۽ انهيءَ ميلان ۾ ئي هو پنهنجو هوش ۽ حواس گم ڪري

آندو ۾ هوش کيس هٽي چندا جا پاڻيءَ قلندرن ويٺو. تڏهن ويو اندر جڏهن چپائونس. لاءِ آ) (اندر اچڻ اندر ۽ گهڙيءَ انهيءَ ۽ ويٺو وڃائي پاڻ تي مست پي، شراب جڏهن ويو. هليو ڪٺي وٺائنس کو به مال ۽ زر سندس ، ۾ حال پريشان کيس وارن گهر تڏهن پهتو، وطن واپس تي انهيءَ پڇيو. سبب کانئس جو ان ڏسي خالي هٿين مزي تان رستي هڪ جيئن مان ته ٻڌايائين کي انهن وٽان قلندرن وٽي گذر منهنجو تيئن هوس رهيو وٽي سان پاڻ خود ۽ ويٺس وساري سڀڪجهه مان اٽي بس ٿيو. وصف جي قلندرن کيس جڏهن ويس. ٿي بيخبر ٿي کان جي انهن ته ڏنائين جواب تڏهن چپائون، لاءِ ڪرڻ بيان آ" ”اندر ته آهي هيءَ ٿي معلوم کي مون جا وصف (يعني اندر اچ).

شيخ شبليءَ جو هڪڙي ڳالهه ٻڌائڻ

شيخ شبلي، هڪڙي دفعي پنهنجي ياءَ سان ڳالهه ڪٺي ته شهر جي مڪتب ۾ هڪڙو اميرزادو پڙهندو هو جو نهايت خوبصورت ۽ يوسف مثل حسن ۽ جمال جو پيڪر هو. هو جڏهن مڪتب اندر استاد اڪيان ايندو هو تڏهن سڀني شاگردن کان رڙ نڪري ويندي هئي. انهيءَ ساڳئي مڪتب ۾ هڪڙو درويش حال ڇوڪرو به پڙهندو هو جو انهيءَ اميرزادي جي عشق ۾ گرفتار ٿي چريو ٿي پيو. هن جي هيءَ روش استاد کي پسند نه آئي، تنهن مڪتب مان خارج ڪري

ڇڏيس. ان بعد هو ويچارو ڇوڪري جي درد ۽ جدائيءَ جي داغ کان جلي اگر ٿي ويو. سدائين پريشان ۽ سرگردان پئي ڦريو ۽ حياتيءَ کان هٿ کڻي موت لاءِ تيار ٿي ويو. اميرزادي کي ان جي حال کان آگاهي ٿي ويئي، تنهن ماڻهو موڪليس ته آخر هو ٻڌائي ته سندس هي روڄ ۽ راڙو، آهه ۽ فغان ڇاجي ڪري آهي؟ ان هٿ جواب موڪليائينس ته، مون تنهنجي عشق ۾ پنهنجي دل اڙائي ڇڏي آهي ۽ هن راهه ۾ جي تڪليفون مون ڏٺيون آهن سي خدا شال ڪنهن کي نه ڏيکاري. اميرزادي وري ٻيو دفعو پيغام موڪلي ڪانئس گهر ڪئي ته جو ڪجهه تون چوين ٿو سو جيڪڏهن سچ آهي ته پوءِ پنهنجي دل ڪڍي مون ڏانهن ڏياري موڪل. هي پيغام ٻڌنديئي هن گهر وڃي، سينو چيري، دل طبق اندر وجهي ان کي ڍڪي نياپي آڻيندڙ کي آڻي ڏني ۽ کيس عرض ڪيو ته، هو ان منهن ڍڪيل طبق کي لڪائي کڻي وڃي ان اڳيان حاضر ڪري ۽ ائين چونديئي هو فوراً مري ويو. جڏهين اميرزادي ان طبق کي کوليو تڏهن ان جي خون سان ڀريل دل کي ڏسي اکين آڏو اونده اچي ويس ۽ سارو مڪتب هڪ ماتم گهر بڻجي ويو. ان واقعي کان پوءِ انهيءَ اميرزادي پنهنجي ماريل جو ماتم شايان شان نموني ۾ ڪيو ۽ جو ڪجهه ان ڏس ۾ مناسب هو سو سڀ ڪيو. انهيءَ جي خاڪ (قبر)

ڪي پنهنجو قبلو بنايائين ۽ ان جو ماتم پاڻ لاءِ هڪ لازمي مشغلو ڪري ورتائين.

اي يار، جيڪڏهن تون سمجهين ٿو ته تون دنيا جو پير آهين، ته به عشق جي رستي ۾ هڪ ٻار ڪان به گهٽ آهين؛ جيڪڏهن تون واقعي عاشق آهين ته دل کي چيري ٻاهر آڻ، ورنه اجائي لباڙ ڪان باز رهه.

هڪڙي عاشق جو پنهنجي معشوق کي مارڻ جو قصو

ڳالهه ٿا ڪن ته هڪڙو بزرگ، ڪنهن سهڻي تي عاشق ٿي پيو. اتفاق سان سندس معشوق موت جي بيماريءَ ۾ مبتلا ٿي، وڃي پوين پساهن ۾ پيو. جڏهن عاشق کي اها خبر پيئي، تڏهن هٿ ۾ ڇري کڻي ڊوڙندو آيو ۽ اچي چوڻ لڳو، ته مان پنهنجي معشوق کي ماريندس. سيئي کيس بيوقوف سڏڻ لڳا ۽ کانئس پڇڻ لڳا، ته آخر هن فعل (مرڻينگ کي مارڻ) ۾ ڪهڙي حڪمت آهي؟ جواب ڏنائين، ته جڏهن منهنجي هٿان مرندو، تڏهن مان ان جي بدلي ۾ هتي ماريو ويندس. ۽ وري قيامت ڏينهن انهيءَ خاطر شمع جي طرح جلايو ويندس. ڇا منهنجي لاءِ هيءَ جلڻ ڪافي نه آهي!

اي پيارا! تون دل کي هڪدم هن جهان ڪان هٽائي ڇڏ ته جيئن محبوب جي خلوت ميسر ٿئي ٿي.

حضرت ابراهيم عليه السلام جي وفات جو قصو

جڏهن حضرت ابراهيم جي مرڻ جي آخري گهڙي آئي، تڏهن هن حضرت عزرائيل کي آسانيءَ سان جان

ڏيڻ کان انڪار ڪيو ۽ ڪيس چيو، ته هو الله تعاليٰ کي وڃي چوي، ته هو هرو ڀرو پنهنجي دوست جي جان نه وٺي. الله تعاليٰ کيس جواب ۾ چوائي موڪليو، ته جيڪڏهن تون دوست آهين ته پوءِ پنهنجي دوست (مون) لاءِ جان جي قرباني ڏي. حاضرين مان هڪڙي حضرت ابراهيم کي چيو، ته توهين حضرت عزرائيل کي جان ڇو نٿا ڏيو؟ حالانڪ عاشق ته هميشه انهيءَ راهه ۾ جان نثار هوندا آهن. حضرت ابراهيم جواب ڏنس ته مان جان ڇا جي ڪري ڏيان، جڏهن جو هو (عزرائيل) اچي اسان جي (مون ۽ الله تعاليٰ) وچ ۾ پيو آهي. جڏهن مان باهه ۾ اڇلايو ويو هوس، تڏهن جبرائيل اچي مون کي مدد جي آڇ ڪئي هئي، ليڪن مون ان ڏانهن نظر ڪٿي به نه ڏنو هو، ڇا لاءِ جو هو مون ۽ منهنجي پروردگار درميان هڪ روڪ ٿي پيو هو. جڏهن مون جبرائيل کان ئي منهن ڦيري ڇڏيو، تڏهن عزرائيل ڇا آهي؟ مان پنهنجي جان خوشيءَ سان انهيءَ ڪري نٿو ڏيان، جو چاهيان ٿو ته مان اهڙو حڪم (ته جان ڏي) انهيءَ کان پنهنجي ڪنن پڌان. بس ڳالهه صرف هيءَ آهي.

Gul Hayat Institute

معرفت جي واديءَ جو بيان

طلب ۽ عشق جي وادين کي طئي ڪرڻ کان پوءِ معرفت جي وادي سامهون ايندي، جنهن جو نه آهي منڍ ۽ نه آهي ڇيڙو. ڪوبه اهڙو مخلوق ڪونهي،

جو هن رستي جي ڏکيائيءَ سبب مختلف راهه نه رکندو هجي. هن واديءَ جون واٽون ڏي مختلف آهن، ۽ ان ۾ هر هڪ پنهنجي حد اندر ظاهر ٿئي ٿو. سيڪنهن جي رفتار ۽ ترقي هڪجهڙي نٿي رهي. انهيءَ ڪري ڏي ته معرفت جي حصول ۽ سمجهه ۾ ماڻهو مختلف ٿي ويا. ڪن کي اها محراب اندر نظر آئي، ته ڪن کي وري بتخاني ۾ به نظر آئي. جڏهن معرفت جو آفتاب خوب چمڪندو آهي، تڏهن هر هڪ پنهنجي درجي ۽ مقام کي سڃاڻي ويندو آهي ۽ سالڪ، هر ذري ۾ پنهنجي دوست کي ڏسندو آهي ۽ هر طرف انهيءَ جو ڏي منهن نظر ايندو آهيس. ان جي منهن جي پردي اندران لکين اسرار رونما ٿين ٿا، ۽ هن هنڌ ڪئين سالڪ گم ٿي وڃن ٿا، مشڪل سان ڪو هڪڙو وڃي ٿو اصل حقيقت کي پهچي ۽ انهن رازن کي چڱيءَ طرح سان سمجهي. هن عجيب راهه ۾ ڪو ڪامل هجي، جو ان گهري سمنڊ ۾ غوطا هڻي سگهي. خوش قسمتيءَ سان جيڪڏهن انهن اسرارن جاڻڻ لاءِ تو ۾ ڪجهه ذوق پيدا ٿي پيو ته پوءِ هر گهڙيءَ تنهنجي شوق ۾ ويندو اضافو ٿيندو ۽ تنهنجي پياس هتي حد درجي کي پهچي وڃي ٿي.

اي پيارا! تو تي هيءُ فرض عائد ٿئي ٿو ته تون عرفان جي سمنڊ ۾ پاڻ کي ٻوڙي ڇڏين يا وري پنهنجي مٿي تي مٽي وسائين. هاڻي مان توکي به چار

ڳالهيون ٻڌايان ٿو، اميد ته تون انهن مان هدايت حاصل ڪندين.

هڪڙي ماڻهوءَ جو پٿر بڻجي وڃڻ

چين ملڪ جي ڪنهن جبل ۾، هڪڙو سنگدل ماڻهو آهي، جنهن جي اکين مان هميشه پيا لڙڪ وهن، جڏهن اهي لڙڪ زمين تي ڪرن ٿا، تڏهن پٿر بڻجي پون ٿا، جيڪڏهن انهن مان ڪو هڪ پٿر ڪڪر جي هٿ چڙهي وڃي ته هو قيامت تائين پيو افسوس ۽ ارمان جو مينهن وسائي.

هو هڪ سچار ۽ پاڪ مرد آهي. جيڪڏهن توکي ڳولڻو آهي ته وڃي چين ۾ ڳولينس، چاڪاڻ ته بي همتن جي غصي ڪان هو پٿر بڻجي ويو آهي. هن اونداهيءَ دنيا ۾ تنهنجو رهنما علم جو چراغ آهي. تون اٿ ڏي پهر انهيءَ جي طلب ۾ لڳو رهه.

هڪڙي معشوق جي ڳالهه

هڪڙو عاشق، جيئن پريشان حاليءَ ۽ عاجزيءَ سان مٽيءَ تي سمهيو پيو هو، تيئن سندس معشوق اچي هڪڙي مناسب چٺي لکي، سندس آستين ۾ ٻڌي، هليو ويو. جڏهن هو ننڊ مان اٿيو، تڏهن چٺي پڙهي، خوني لڙڪ وهائڻ لڳو. چٺيءَ ۾ لکيل هو ته ”تون جيڪڏهن واپاري آهين ته اٿي ان لاءِ ڪوشش وٺ، ۽ جيڪڏهن زاهد آهين ته ساري رات بندگيءَ ۾ گذار ۽ جيڪڏهن

تون عاشق آهين ته ذرا شرم ڏار. ڪڏهن عاشق غريب جي اکين کي ننڊ آهي؟ هائي جيڪڏهن تون انهن مان هڪ به نه آهين، ته پوءِ عشق جي ڪوڙي دعوا نه ڪر. تون ناداني ڪان عشق ۾ اچي ويو آهين، پلي سمهي ننڊون ڪر.

هڪڙي چوڪيدار جي عشق جي ڳالهه

هڪڙو چوڪيدار، ڪنهن تي عاشق ٿي پيو، جنهن سبب سندس ننڊ آرام ڦٽي ويو. هڪڙي دوست چيس، ته آخر تون ڪا گهڙي ننڊ به ڪر، ساري رات پيو بيخوابي ۾ گذارين. جواب ڏنائين ته عشق چوڪيدار جو ساٿي آهي، انهي (چوڪيدار) کي ننڊ سونهين ئي نٿي. هڪڙي چوڪيداري ۽ پيو ان سان گڏ عشق، تنهنڪري ننڊ جو ته ڪو سوال ئي نٿو اٿي. عشق هر رات منهنجو امتحان وٺي ٿو، گويا چوڪيدار جي چوڪيداري ڪري ٿو، تنهنڪري بيخوابي منهنجي مغز ۾ جاءِ ڪري ويئي آهي ۽ اها مون کي ڏاڍي مٺي لڳي ٿي.

اي متلاشي (ڳوليندڙ)، تون ننڊ کي خيرباد چئو، ۽ دل جي گهٽي جي پاسباني (چوڪيداري) ڪر، ڇالاءِ جو انهي جي اردگرد گهڻا چور رهن ٿا. تون خبردار ٿي، دل جي جوهر کي، چورن جي لٽ ڪان حفاظت ۾ رک، ڇاڪاڻ ته جڏهن ههڙي قسم جي چوڪيداري تنهنجي طبيعت بڻجي ويئي، تڏهن تون عشق ۽ معرفت پنهي جو مالڪ بڻجي وئين. رات جو

بيخوابي ۾ خوني ڳوڙهن ڳاڙڻ سان ته معرفت حاصل ٿيندي آهي. جيڪڏهن انهي وقت ڪنهن ۾ عشق جو ذوق ظاهر ٿيو ته هن اڳيان پنهي جهانن جو راز کلي پوندو؛ پوءِ جيڪڏهن هو ڪمزور هوندو ته مضبوط ٿي ويندو ۽ جيڪڏهن اڳي ئي مضبوط هوندو ته موجزن درياهه بڻجي ويندو.

عباس جي عشق بابت گفتگو

هڪ رات، عباس چيو ته جنهن ماڻهو ۾ عشق جي درد جو ذرو آهي، سو جيڪڏهن مرد آهي ته ان مان عورت پيدا ٿئي ٿي، ۽ جيڪڏهن عورت آهي ته ان مان مرد پيدا ٿئي ٿو. تو ڏٺو آهي ته حضرت آدم کان عورت پيدا ٿي، ۽ حضرت مريم کان مرد پيدا ٿيو، ۽ اهو انهي ڪري آهي ته جيستائين جيڪي ڪي گهربل آهي، اهو تڪميل کي نٿو پهچي، تيستائين هي ڪم ڪڏهن به تو اڳيان، صفائي سان ظاهر نه ٿيندو.

جيڪڏهن تون هن جهان تي قانع رهندين ته هميشه لاءِ ضايع ٿي ويندين. غيرفاني بادشاهي فقط معرفت ۾ آهي. تون انهي جي حصول لاءِ ڪوشش وٺ. جو شخص عرفان ۾ مست آهي، سو ساري مخلوق جو بادشاهه آهي. جيڪڏهن دنيا جي بادشاهن کي ان طرفان ڪا ٿورڙي آگاهي ٿي وڃي ته هو ڏک ۽ ارمان کان سيڪجهه وساري ماتم ۾ ويهي رهن.

هڪڙي ديواني جي ڳالهه

سلطان محمود، جڏهن هڪ دفعي، ڪنهن هنڌ تي پهتو، تڏهن هن آڏو هڪڙو بيدل ديوانو ڏٺو، جو غم جي بار ڪان سر جهڪايو ويٺو هو. جڏهن بادشاهه تي نظر پيس، تڏهن ان کي پري هٽي وڃڻ لاءِ چيائين ۽ کيس پڌايائين ته هو بادشاهه نه، پر هڪ پست همت ۽ خدا تعاليٰ جو ناشڪر بندو آهي. ڪاش! جيڪڏهن توکي هيءُ معلوم ٿي وڃي ته تون ان ڪان ڪيترو نه پري پيو آهين!

استغنيٰ جي واديءَ جو بيان

چوٿين وادي، استغنيٰ جي آهي، جنهن متعلق ڪوبه ڊاڙ هڻي نٿو سگهي. هتي بي نيازيءَ جو جهولو اهڙو ته سخت ٿو لڳي، جو هڪ پلڪ ۾ جهان کي نابود ڪري ٿو ڇڏي. ان اڳيان ست بهشت ۽ دوزخ ڪا معنيٰ ئي نٿا رکن، ۽ نهايت عجب جي ڳالهه آهي، جو هن واديءَ ۾ هڪ ڪتلي به سؤ هاٿين جي طاقت رکي ٿي. هتي تون ڪو عمل ڪرين يا نه ڪرين، هيءُ جهان ٿي بي نيازيءَ جو آهي. هن هنڌ جيڪڏهن هزارين جانيون ڪري پون ته اهي سڀ هڪ بيپايان سمنڊ ۾ هڪ شبنم جي قطري برابري آهن. جيڪڏهن هي سڀيئي آسمان ۽ تارا ذرا ذرا ٿي پون، زمينون ۽ آسمان معدوم ٿي وڃن، پنهي جهانن ۾، جنن ۽ انسانن

جو نشان ئي نہ رهي ۽ جيڪڏهن هيءَ ساري مخلوق خاڪ ۾ ملي وڃي تہ ان استغنيٰ جي دنيا کي ڪا پرواهہ ڪانهي، اها جيئن آهي تيئن رهندي. هاڻي نصيحت خاطر مان توکي ٻہ چار حڪايتون ٻڌايان ٿو.

هڪڙي جوان جي حڪايت

اسان جي ڳوٺ ۾، محمد نالي هڪڙو چنڊ جهڙو خوبصورت جوان کوهہ ۾ ڪري پيو. ڪيرڻ سان مٿس گهڻي مٽي پئجي ويئي، مگر ڪنهن شخص اچي کيس ٻاهر ڪڍيو، ليڪن ان وقت، هو پوين پساهن ۾ هو. پڙس هيءَ حالت ڏسي چوڻ لڳو تہ ”اي بابا، تون مون پيءُ سان تہ مهرباني ڪري ٻہ ٽي لفظ ڳالهاءِ.“ ان جواب ۾ چيس تہ محمد هجي يا ڪو پيو (١)، هتي ڳالهائڻ جي جاءِ ڪانهي. بس، ائين چئي هن دم ڏنو.

اي سالڪ ڪجهہ غور سان ڏس، ڪٿي محمّد ۽ ڪٿي آدم جو اولاد، ڪٿي جزئيات ۽ ڪٿي ڪليات، هتي تہ سڀ گم آهن ۽ ڪنهن جي بہ هلي نٿي!

(١) هتي محمد لفظ ۾ حضرت محمد صلعم جن ڏانهن اشارو آهي ۽ ان جي پيءُ ۾ اشارو وري حضرت آدم ڏانهن آهي. مطلب تہ هن واديءَ ۾ ڪوبہ ڪنهن جي دستگيري ڪري نٿو سگهي. هرڪو پنهنجي جان ڇڏائڻ ۾ ئي پورو آهي.

شيخ يوسف همدانيءَ جي حڪايت

يوسف همداني، جو انهيءَ راهه کان آگاهه هو، تنهن هڪ شخص کي چيو، ته جيڪڏهن تون عرش تي وڃي، وري واپس زمين تي موٽي اچين ته اهو به آسان آهي ۽ جو ڪجهه ٿيو ۽ ٿيندو، نيڪي خواهه بدي، سڀ ان درياءَ جو هڪ قطرو آهي، ليڪن هيءَ وادي ڏاڍي اوکي آهي ۽ تون محض نادانيءَ کان ان کي سهل سمجهي ويٺو آهين. هن جهان ۾ تون ڪيترو به رستو طئي ڪندين، ته به ڏسندين ته اهو اڃا تنهنجو پهريون قدم آهي، ڇاڪاڻ ته هن رستي جي نه ته ڪا انتها آهي ۽ نه هن درد جي ڪا دوا. تون ان اندر ڪيترو به هلندو ۽ ٻوڙندو وڃين، مگر قيامت تائين تون گهنڊ جو آواز نه ٻڌندين (دربار عالي تنهنجي وهم ۽ گمان کان ٿي پري آهي.) تون هرحالت ۾ هن جهان جي بي نيازيءَ ۽ بيپرواهيءَ کي لحاظ ۾ رکيو اچ، ڇالاءِ جو هن دربار ۾ استغنيٰ جي اها بجلي ٿي چمڪي، جنهن جي گرميءَ کان سوين جهان هڪ پلڪ ۾ سڙي ڀسم ٿي وڃن ٿا.

هن جهان جي دشواريءَ جي حڪايت

هڪڙو ڏاهو حڪيم (نجومي)، جيئن مٽيءَ جي تختيءَ تي سيارن ۽ ثابت ستارن، آسمان ۽ زمين جا نقوش ڪيئي، انهن تي پنهنجو فيصلو مرتب ڪندو

آهي ۽ سعادت يا نحوست جا چٽ ڪيندو، موت ۽ ڇم جا خانا بنائيندو آهي، ۽ بعد ۾ جڏهن نحوست جو حساب سعادت سان بدلجي ويندو آهي، تڏهن انهيءَ تختي کي وٺي چنڊيندو آهي، ڇاڪاڻ اهي نقوش اصل هٿائي ڪونہ، تيئن هن دشوار جهان جو نقشو بہ آهي. تون، جيڪڏهن ان جو تاب جهلي نٿو سگهين تہ ان جي چوڌاري چڪر ڪاٽيندو رهہ ۽ وڃي ڪا ڪنڊ وساءِ.

شخص، جنهن اڳيان پردو هٽايو ويو، تنهن جي حڪايت

هڪڙي عارف، ڪنهن شخص کي چيو تہ عالم اسرار تان پردو هٽايو ويو آهي. غيب کان فوراً آواز آيو تہ "اي پيرا! جو ڪجهہ گهرڻو هجيئي، سو جلدي گهري وٺ." پيري جواب ۾ چيو، تہ مون ڏٺو آهي تہ نبي سڳورا هميشه هرڪنهن قسم جي تڪليف ۾ مبتلا رهيا آهن. هاڻي جڏهن نبين سڳورن جي هيءَ حالت هئي، تڏهن هن غريب پيري کي ڪٿي ٿي راحت ملي سگهي؟ مان نہ عزت چاهيان ٿو ۽ نہ ذلت، ڪاش مون مسڪين کي هن عاجزيءَ ۾ ڇڏيو وڃي!

هڪڙيءَ مک جي حڪايت

هڪڙي مک، جيئن پنهنجي ثمر لاءِ وڃي رهي هئي، تيئن ڪنهن ڪنڊ ۾ ماکيءَ جو مانارو ڏسي، مٿس شائق ٿي پيئي ۽ چوڻ لڳي تہ ڪو آزاد مخلوق هجي، جو

مون کان هڪڙو جؤ وٺي، مون کي هن ماناري ۾ آڻي اندر ويهاري. ڪنهن شخص هيءَ ڳالهه ٻڌي، ان کان جؤ وٺي ڪيس اندر جاءِ ڏني؛ پر جڏهن مک جو وچي شهد سان ڪم پيو، تڏهن ان ۾ ڦاسي پيئي ۽ جيترو پاڻ ڇڏائڻ جي ڪوشش ڪيائين، تيترو سوگهي ٿي ويئي. هيءَ حال ڏسي رڙيون ڪرڻ لڳي ته مان ته مصيبت ۾ اچي ويئي آهيان ۽ شهد ته مون لاءِ زهر کان به زياده ڪڙي ٿي پيئي آهي. مان هاڻي هڪ جؤ جي عيوض ٻه جؤ ڏيان ٿي، ته جيئن هن قيد کان ٻاهر نڪري اچان.

اي برادر، هن واديءَ ۾ ڪوبه شخص هڪ گهڙي به شال فارغ نه هجي، ۽ هن واديءَ جو سالڪ به ڪو پختو صوفي هجي!

هڪ گودڙيءَ جي عشق جي حڪايت

هڪ مشهور گودڙيو، ڪنهن شڪاريءَ جي ڇوڪريءَ تي بيتاب عاشق ٿي پيو ۽ ان جي منهن لاءِ انهيءَ جي گهٽيءَ جي ڪتن سان رات جو گڏ گذاريندو هو. جڏهن ڇوڪريءَ جي ماءُ کي اها خبر پيئي، تڏهن چيائينس ته اسان جو ڌنڌو آهي، ڪتا ڌارڻ ۽ پالڻ، ۽ جيڪڏهن تون اسان جو ڌنڌو اختيار ڪرين ته سال کان پوءِ تون نڪاح ڪري سگهين ٿو. شيخ ڇاڪاڻ ته عشق ۾ مضبوط هو، تنهنڪري گودڙي اڇلائي، ڪتي کي هٿ ۾ وٺي، بازار ويندو رهيو ۽ سال ڪن

اهوئي ڪم ڪندو رهيو. هڪڙي ڏينهن، هڪ رفيق صوفيءَ هيءَ حالت ڏسي، کيس چيو ته ٽيهه سال تون پورو صوفي هئين ۽ هاڻي هيءَ تو ڇا ڪيو آهي؟ جواب ڏنائين ته تون اڃا غافل آهين، بهتر آهي ته تون هن ڳالهه کي ڏيکه نه ڏي، ڇاڪاڻ ته الله تعاليٰ رازن کان چڱيءَ پر واقف آهي، ٿي سگهي ٿو ته هو جڏهن تنهنجو مون کي متواتر طعنو ۽ ٽنڪو ڪندو ڏسي، تڏهن هن ڪتي کي منهنجي هٿ کان ڇڏائي تنهنجي هٿ ۾ ڏئي!

حضور قلب جي حڪايت

هڪڙي مريد، جڏهن مرشد کان حضور قلب بابت نڪتو دريافت ڪيو، تڏهن هن کيس جواب ڏنو ته توهان سڀيئي منهن ڌوئي اچو ته مان اهو نڪتو بيان ڪريان. توهان جڏهن ته نجاست ۾ ٿڦيا (لت پت ٿيا) پيا آهيو، تڏهن ان نڪتي ٻڌائڻ مان طرفين کي ڪهڙو فائدو؟

توحيد جي واديءَ جو بيان

پنجين وادي، توحيد جي آهي، ۽ هيءَ تفريد ۽ تجريد جي منزل آهي. جڏهن هن وادي ۾ سالڪ منهن مٿي ڪڻندا، تڏهن هڪئي گريبان مان سر ٻاهر ڪڍيندا. هتي وڌو عدد يا ننڍو، سڀ هڪ آهي. هو حد ۽ عدد کان بالاتر آهي، تنهنڪري ازل ۽ ابد کان نظر ڦيري ڇڏ، هوئي موجود ۽ واجب الوجود

آهي ۽ هن کان سواءِ ٻيو ڪجهه آهي ئي ڪونه. ڇگو هاڻي
تون ٻه چار آکاڻيون ٻڌي ڇڏ، جن ۾ تنهنجي ڀلائي آهي.

هڪڙي شخص جو ديواني کان سوال

ڪنهن شخص، هڪڙي ديواني کان پڇيو ته هن جهان
جي سمجهاڻي ته ڏي ته اهو ڪهڙو آهي؟ جواب ڏنائين
ته ماکيءَ جي گنديل مکهن جيان رنگارنگي آهي.
جيڪڏهن ڪو شخص انهن کي هٿ ۾ وٺي مليندو ته
اهي سڀ موم بڻجي وينديون. هاڻي جڏهن اصل ۾
هي سڀ موم هيون، تڏهن ايترن رنگن جي ته ڪا
حقيقت ئي ڪانهي. جڏهن سڀ هڪ آهي ۽ ٻيائي
ڪانهي، تڏهن هتي 'تون ۽ مان' جو ڪو سوال ئي
پيدا نٿو ٿئي.

هڪ پوڙهيءَ جي آکاڻي

هڪڙي پيرزي، ابوعليءَ وٽ هڪڙو سونهري ڪاغذ
کڻي آئي، ليڪن هن ڪاغذ وٺڻ کان انڪار ڪندي
ٻڌايو ته مون عهد ڪيو آهي ته الله تعاليٰ کان سواءِ
ٻئي ڪنهن کان به ڪا شيءِ نه وٺندس. پيرزيءَ کيس
فوراً جواب ڏنو ته هيءَ تنهنجي ٽيڏائي آهي ۽ جيڪڏهن
تون واقعي ٽيڏو نه آهين ته ڪيستائين غير (ٻئي) کي
ڏسندين؟ پخته صوفيءَ جي نظر ۾ ته هتي غير آهي ئي
ڪونه، چالاءِ جو هتي نه ڪعبو آهي ۽ نه ڪليسا،
هو ڪڏهن انهيءَ ۾ ته ڪڏهن انهيءَ مان ته ڪڏهن
انهيءَ سان آهي. هر شخص پوءِ هو عبيدار هجي يا

بي عيب، غيب جي گريبان اندر (پاڻ سان هڪ) آفتاب رکي ٿو. آخر هڪ ڏينهن اهڙو ايندو، جڏهن هو ان کي پاڻ ڏانهن ڇڪي وٺندو ۽ پوءِ جو به ان آفتاب اندر پهچي ويو، سو يقيناً نيڪيءَ ۽ بديءَ کان آزاد ٿي ويو، ڇا لاءِ جو جيستائين انسان پنهنجي هستيءَ ۾ گرفتار آهي، تيستائين ته هن سان نيڪيءَ ۽ بديءَ جو رڳڙو هلندو رهندو.

اي بندا، تنهنجي جسم اندر اڪيچار گندگي آهي ۽ منجهس نانگ ۽ وڇون لڪا پيا آهن. جيڪڏهن تون ڪا ڪوشش ڪري انهن مان هرهڪ کان ڪو ڇوٽڪارو حاصل نه ڪندين ته اهي توکي (مرڻ بعد قبر ۾) قيامت تائين ڏنگيندا رهندا.

سالڪ جڏهن هن هنڌ پهچي ٿو، تڏهن اهو هنڌ ۽ سالڪ ٻئي گم ٿي وڃن ٿا. هو هتي گم ٿئي ٿو، ڇالاءِ جو گم ٿيڻ ۾ ئي هو ظاهر ٿئي ٿو ۽ گنگو ٿي وڃي ٿو، ڇاڪاڻ ته گنگي ٿيڻ ۾ ئي هو گويا ٿئجي ٿو. هو جزو ٿي ڪل ٿي وڃي ٿو، پوءِ نه ڪل رهي ٿو نه جزو. عقل هن درگاه جي دروازي کان ٻاهر ڪريو پيو آهي ۽ مادرزاد انڌي ۽ ٻوڙي مثل آهي، جو به شخص هن درگاه کان ذرو به واقف ٿيو، تنهن پنهنجي جهانن کان منهن ڦيري ڇڏيو.

شيخ لقمان (سرخسيءَ) جي مناجات

هڪ دفعي لقمان (سرخسيءَ)، دعا ۾ چئي رهيو هو

تہ ”اي منهنجا مولي، مان هينئر پليو، پريشان ۽ صفا جهور ٿي ويو آهيان. مون کي هينئر ڪا خوشي ۽ آزادي عطا ڪر. غلام بہ جڏهن پوڙهو ٿي ويندو آهي، تڏهن ان کي آزاد ڪيو ويندو آهي. غيب مان آواز آيس تہ ”جو شخص بندگيءَ کان آزادي چاهي ٿو تہ ان جو عقل ۽ تڪليف (شرعي قيد) ٻئي محو ٿي وڃن ٿا. هاڻي تون انهن ٻنهي کي ترڪ ڪري اڳتي قدم وڌاءِ.“ هي ٻڌي عرض ڪيائين تہ اي منهنجا پروردگار! مان هميشه (لاءِ) توکي چاهيان ٿو، مون کي عقل ۽ تڪليف گهرجن ئي نہ. بس پوءِ انهن ٻنهي کي ڇڏي نچندو ۽ تاڙيون وڄائيندو چوندو ويو تہ مان نہ ڄاڻان تہ مان ڪير آهيان. جڏهن مان بندو ئي نہ آهيان. تڏهن خبر نہ آهي تہ الائجي ڇا آهيان. بندگي ويندي رهي ۽ ان سان گڏ آزادي بہ، نہ دل ۾ ڪو غم آهي ۽ نہ خوشي. مان هينئر عارف برابر آهيان، ليڪن معرفت کان خالي. مان نٿو ڄاڻان تہ آيا تون منهنجي جاءِ ۾ آهين يا مان تنهنجي جاءِ ۾ آهيان. ها، جڏهن مان تو ۾ محو ٿي ويس، تڏهن (پوءِ) ٻيا ئي ڇا جي؟ (ويندي رهي).

هڪڙي معشوق جو پاڻيءَ ۾ ڪِرڻ

اتفاق سان هڪ معشوق پاڻيءَ ۾ ڪري پيو. عاشق هي ڏسندي ئي ڪٽي پاڻي اندر اڇلايو. جڏهن پاڻيءَ ۾ هڪٻئي سان مليا، تڏهن معشوق عاشق کي چوڻ لڳو تہ جيڪڏهن مان ڪٿي قضا سان پاڻيءَ ۾ ڪري پيس

ته آخر تو کي کھڙي اچي لاچار واريو ھو (جو تو به کٿي پاڻ اُچلايو). عاشق جواب ڏنس ته مون اھو انھيءَ کري کيو جو مان پاڻ کي توکان سواءِ سڃاڻان ئي نٿو (مان پاڻ کي به تنھنجي ئي ذات سمجھان ٿو). کنھن زماني کان مون کي ھي شڪ آھي ته تون مان آھيان ۽ مان تون آھين. مان ۽ تون ھڪ آھيون، اسان درميان دوئي آھي ئي ڪانه، يا تون مان آھيان يا مان تون آھين. جيستائين پيائي قائم آھي، تيستائين شرڪ باقي آھي، جڏھن اھا ويئي، تڏھن توحيد مکمل طور حاصل ٿي والسلام.

سلطان محمود ۽ اياز جي آکاڻي

ھڪڙي مبارڪ ڏينھن، سلطان محمود، حسن وزير ۽ اياز سان گڏ، جيئن پنھنجي بي انداز لشڪر جو جائزو وٺي رھيو ھو، تيئن ھن اياز کي چيو ته سارو لشڪر تنھنجي ملڪيت آھي ۽ منھنجو بادشاھ به تون ئي آھين، ليڪن اياز تي انھن لفظن جو ڪو اثر ڪونه پيو ۽ ھن ڪنھن به قسم جو ادب بجا نه آندو. حسن کان ھي ڏٺو نه سٺو. تنھن چيس ته آخر تون بادشاھ جو غلام آھين، اھڙيءَ بي ادبيءَ سان پيھڻ قطعاً نامناسب ۽ حق شناسيءَ جي بلڪل خلاف آھي. ان تي اياز پڌايس ته ھن جا به واجبي سبب آھن: ھڪڙو ھيءُ آھي ته جو به شخص بادشاھ جي خدمت، خلوص ۽ بي ريائيءَ سان ڪري ٿو، اھو ان اڳيان ذلت ۽ عاجزيءَ سان

بيهي ڳالهه ڪري ٿو. هاڻي پاڻ کي بادشاهه کان
مٿي يا هيٺ ڪري ڏيکارڻ به هڪ طرح کان بادشاهه
سان مقابلو ۽ برابري ڪرڻي آهي (پاڻ کي گهٽ ڪري
ڏيکارڻ به هڪ قسم جي خوديءَ جي نشاني آهي)،
اياز به انهيءَ جي ملڪيت آهي ته، خلعت به انهيءَ
جي ملڪيت آهي، ۽ مان ڪجهه به نه آهيان ۽ فرمان
سارو انهيءَ جو آهي. جا مهرباني هي بادشاهه هر روز
ڪري ٿو، سا ڄڻ ته گويا اڄ اياز سان ڪئي. انهيءَ جو ٿورو
ٻئي جهان نٿا لاهي سگهن. حسن ان جي هن جواب
کي ڏاڍو پسند ڪيو ۽ چوڻ لڳو ته تون هروقت سون
۽ هزارن انعامن جو لائق آهين. جڏهن ڪانئس ٻئي جواب
بابت پڇيائين، تڏهن اياز ٻڌايس ته اهو تنهنجي اڳيان
ٻڌائڻ مناسب نه آهي. جيڪڏهن مان ۽ بادشاهه پاڻ ۾
اڪيلا هونداسون ته پوءِ هن راز جي گهٽي حفاظت
ڪنداسون؛ پر چاڪاڻ ته تون رازدار نه آهين ۽ نه
وري بادشاهه ٿي آهين. بادشاهه انهيءَ دم حسن کي
روانو ڪري ڇڏيو ۽ اياز کي چيو ته هينئر خلوت
ميسر آهي، تنهنڪري اهو راز ۽ جواب مون کي ٻڌاءِ.
اياز عرض ڪيو ته جو به (شخص) بادشاهه جي ڪمال
مهربانيءَ کان مون مسڪين ڏي نظر ڪٿي نهاري ٿو
ته انهيءَ هڪ نگاهه جي عڪس جي روشنيءَ ۾ منهنجو
سارو وجود محو ٿي وڃي ٿو. هاڻي جڏهن بادشاهه جي
آفتاب اڳيان منهنجي وجود جو ناليوئي نٿو رهي، تڏهن

مان ڪيئن تنهنجي اڳيان نياز ۽ نوڙت ڪريان. جيڪڏهن تون ان وقت ڪنهن کي ڏسين ته اهو مان نه هوندس بلڪ بادشاهه محمود پاڻ هوندو آهي. هاڻي جڏهن بندو پنهنجي ذات کان ئي فاني ٿي ويو ته پوءِ هاڻي جيئن تنهنجي دل چاهي، تيئن ڪر.

حيرت جي واديءَ جو بيان

جڏهن تون حيرت جي واديءَ ۾ پير پائيندين، تڏهن سدائين پاڻ کي درد ۽ حسرت ۾ ڏسندين. آهه ۽ سوز ۾ پيو سڙندين. ڏينهن ۽ رات جي توکي ڪا خبر ڪانه رهندي. انهيءَ واديءَ جو سالڪ هڪ وسايل باهه جي طرح، ان جي درد کان خوب پچيل ۽ سڙيل هوندو آهي. توحيد جي واديءَ جو ڪجهه سندس دل تي لکيو هو، سو سڀ هتي گم ٿي وڃي ٿو ۽ ڪيس پتو ئي نٿو رهي ته هو آهي ڪٿي ۽ ڇا آهي؟ نه هن کي باقي هئڻ جو ڪو علم رهي ٿو ۽ نه فاني هئڻ جي ڪا ڄاڻ؛ ۽ جيڪڏهن ڪانئس پڇيو ويندو ته جواب ۾ چوندو ته مان قطعا نٿو ڄاڻان ته مان ڇا آهيان، ڪجهه آهيان به يا نه. عاشق آهيان، ليڪن اها خبر ڪانه اٿم ته ڪنهن تي، مان نه مسلمان آهيان ۽ نه ڪافر، خبر نه آهي ته ڇا آهيان! هاڻي مان توکي ٻه چار ڪهاڻيون ٻڌايان ٿو ته جيئن تون هن حقيقت کي چڱي طرح سان سمجهين.

بادشاهه جي ڌيءَ جو هڪ غلام تي عاشق ٿيڻ

هڪڙي بادشاهه وٽ، هڪ چنڊ جهڙي ڌيءَ هئي، سندس سونهن ۽ سوڀيا اڳيان پريون پڻ شرمايون. سچ پچ هوءَ يوسف ثاني هئي ۽ حسن ۽ جمال جو هڪڙو مجسمو هئي. هن جي ٿي نگاهه ڏسندڙ کي ڦٽي ۽ دائمي داغ لڳائي ٿي ڇڏيو. هڪ دفعي هڪڙو غلام، بادشاهه وٽ نوڪريءَ لاءِ آيو ۽ هو به اهڙو ته مليح ۽ موچارو، جو سج ۽ چنڊ سندس اڳيان بي نُور پئي ٿيا ۽ هو پنهنجي خوبصورتيءَ ۾ پنهنجو مٽ پاڻ هو. اتفاق سان هڪ ڏينهن ان ڇوڪريءَ جي ان ڇوڪر تي نگاهه وڃي پيئي. بس سندس دل سندس هٿان هلي ويئي. عقل ۽ هوش ڪانئس موڪلائي ويا ۽ عشق مٿس مڪمل قبضو ڪري ورتو. ڪجهه ڏينهن ته فڪر ۽ خيال ۾ رهي، ليڪن شوق ماريس، فراق سڙيس، آخر بيچين ۽ بيقرار ٿي پيئي. وٽس ڏهه ڳائيندڙ ٻانهيون هيون، جي ڳائڻ ۾ داؤدي فن رکنديون هيون. لاچار ٿي انهن سان پنهنجو حال اوريائين ۽ کين چيائين، ته مان هن غلام لاءِ تڙپي رهي آهيان، مان هن جو وصال چاهيان ٿي، ليڪن اهڙيءَ طرح جيئن هن کي خبر ئي نه پوي. هيءَ ڳالهه ٻڌي، سڀيئي ڪيس دلداري ڏيندي چوڻ لڳيون، ته اسان ان کي رات جو ڪنهن مهل اهڙيءَ طرح لڪائي وٺي اينديونسين، جو هن کي خبر ئي نه پوندي. نيٺ هڪڙي ٻانهي

وچي ڪيس شراب پيارڻ ۾ ڪامياب ٿي ويئي، جنهن سبب هو مست ۽ بيخبر ٿي ويو بس، جلدئي ڪيس هڪ بستري تي سمهاريندي، ڪٽي آٽي ان ڇوڪريءَ اڳيان پيش ڪيائون، جتي وري هن کي هڪ سوني تخت تي ويهاريو ويو ۽ مٿس هيرا ۽ جواهر گهوريا ويا. اڌ رات جو جڏهن نيم مستيءَ ۾ هن پنهنجون نرگس مثل اکيون پٽيون، تڏهين هڪڙو عجيب محلات ڏسي، حيرت ۾ اچي ويو، جو ساروئي خوشبوءِ سان پٽي پيو هو. انهيءَ دم راڳيندڙين پنهنجو راڳ شروع ڪيو، جنهن (راڳ) عقل ۽ هوش ٻنهي کي لٽي ڇڏيو. ڇوڪرو ساري رات انهيءَ ڇوڪريءَ جي منهن ڏسڻ ۾ ئي گم هو ۽ ڪيس خبر نه هئي ته هو ڪٿي آهي. سينو عشق سان لبريز، زبان گنگي ۽ سندس دل شوق کان پٽي ٿڙپي. جنهن وقت سندس اکيون معشوق جي منهن ۾ ڪتل هيون ۽ موسيقارن جو سريلو آواز ڪنن ۾ پئي آيو ۽ سندس دل ۽ دماغ خوشبوءِ کان معطر هئا، تنهن وقت انهيءَ ڇوڪريءَ ان کي هڪڙو شراب جو گلاس پياريو ۽ دل کولي، چمي به ڏني. ان جون اکيون ڇوڪريءَ جي منهن ۾ لڳل هيون ۽ پاڻ ان اڳيان حيران هو ۽ چاڪاڻ ته سندس زبان ٻولي نٿي سگهي، تنهنڪري ان اڳيان ڳوڙها ڳاڙيندو ۽ ڪنڌ نوائيندو رهيو. هوڏانهن ڇوڪري به هروقت سندس منهن تي لڪين لڙڪ وهائيندي، سندس چپن کي

چميون ڏينديون، سندس وارن سان رانديون ڪيڏنديون ۽ سندس جادو ڀريل اکين ۾ گم ٿينديون پئي ويون. هو مست غلام معشوق اکيون اکين ڪليل، بيهوش پيو هو، تان جو اچي صبح ٿيو؛ ليڪن صبح جي منڙيءَ ڦير وري هن کي سهاري چڏيو ۽ پوءِ انهيءَ حالت ۾ ڪيس آڻي، پنهنجي جاءِ تي پهچايائونس. جڏهن ڪجهه هوش سنڀاليائين، تڏهن ڪجهه شور ڪرڻ ۽ پريشان حاليءَ جو مظاهرو ڪرڻ لڳو ۽ پنهنجا ڪپڙا ڦاڙڻ، وار پٽڻ ۽ مٿي تي مٽي وسائڻ لڳو. جڏهن ڪنهن ان بابت پڇيو ويو، تڏهن جواب ڏنائين، ته مان هن قصي کي ظاهر ڪري نٿو سگهان. هيءَ هڪ عجيب راز آهي، جو ڪڏهن وقوع ۾ ٿي نٿو اچي سگهي. هوءَ هڪڙي خواب جهڙي حالت هئي؛ ليڪن نه ظاهر نه باطن. اها نه ته هڪ گهڙيءَ لاءِ دل تان محو ٿئي ٿي ۽ نه وري مان ان جو ڪو پتو ٿي ٿو لڳائي سگهان. مون هڪ اهڙي حسين هستي ڏٺي، جنهن جهڙي دنيا ۾ آهي ئي ڪانه. مون جيتوڻيڪ ان کي ڏٺو، پر منهنجو ڏسڻ، نه ڏسڻ جي برابر آهي. هاڻي مان هنن ٻن حالتن جي وچ ۾ پريشان ۽ حيران آهيان!

هڪڙيءَ ماءُ جي ڪهاڻي

هڪڙي ماءُ، پنهنجي نياڻيءَ جي قبر تي پئي رني ته هڪ عارف هي ڏسي چوڻ لڳو، ته هيءَ عورت مردن کان بازي کڻي ويئي، ڇالاءِ جو برخلاف اسان جي

Gul Hayat Institute

هوءَ چڱيءَ طرح سمجهي ٿي تہ ڪنهن گم ڪيل شيءِ ڪان پري پيئي آهي ۽ ڪنهن ڪان هن کي ايتري بي صبري آهي. اها مبارڪ زال آهي، جا اصل حال کي ڄاڻي ٿي ۽ ان سان گڏ، ان کي بہ جنهن لاءِ روئڻ جڳائي. مشڪل ۾ تہ مان آهيان، جو رات ڏينهن مصيبت ۾ پيو آهيان ۽ هيءُ معلوم نہ اٿم تہ آخر ڪنهن ڪاڻ روئان ٿو ۽ نہ اهائي خبر اٿم تہ مان ڪنهن کان نڪتڙي پري پيو آهيان.

هڪڙي صوفيءَ جي ڪهاڻي

هڪڙو صوفي، جيئن وڃي رهيو هو تيئن ڪنهن شخص جو آواز ڪنين پيس، چئي رهيو هو تہ مون پنهنجي ڪنجي وڃائي آهي، جيڪڏهن ڪنهن لڌي هجي تہ ڏئي، جو منهنجو در بند پيو آهي، آخر مان ڪيترو وقت ٻاهر ويٺو رهندس. صوفيءَ هي ٻڌي ڪيس چيو تہ جڏهن تون دروازي کي ڄاڻين ٿو، تڏهن اهو ڪافي آهي، ڀلي بند پيو هجي، ضرور ڪونہ ڪو اچي ان کي کوليندو. تنهنجو ڪم آسان آهي، ليڪن مشڪل ۾ مان اچي پيو آهيان، جو حيرت ڪان منهنجي جان جلي رهي آهي. منهنجي ڪم جو نہ آهي منهن نہ سر نہ ان جو ڪو دروازو آهي ۽ نہ ڪا ڪنجي. ڪاش، هيءُ صوفي هميشہ تلاش ۾ ٻوڙندو رهي ها ۽ هڪ ڏينهن وڃي، ان دروازي کي لهي کولي ها!

نصرآبادي شيخ جي ڪهاڻي

نصرآبادي شيخ ۾ جڏهن عشق جو درد پيدا ٿيو، تڏهن توڪل سان چاليهه حج ڪيائين. ڪجهه ڏينهن گذرڻ بعد ڪنهن شخص کيس ڏٺو ته سندس وار اڇا ٿي ويا آهن، جسم ڪري لاغر ٿي ويو آهي ۽ کيس هڪڙي گوڏ ۽ زنار پٽل آهي. شيخيءَ جي ڪاٻه دعوا نٿي ڪيائين، ۽ آتشخاني جي چوڌاري پئي ڦريو. راوي چوي ٿو ته جڏهن مون کانئس ان جو سبب پڇيو، تڏهن جواب ۾ چيائين ته منهنجو معاملو ڏاڍو نازڪ پئجي ويو آهي ۽ حيرت جي اهڙي ته باهه لڳل آهي، جنهن نه فقط منهنجو ننگ ۽ ناموس، مگر اگرتگر سڀ ساڙي ناس ڪري ڇڏيو آهي، ۽ مان پنهنجي ڪم ۾ ماڳهين ڇريو ٿي پيو آهيان.

مريد جو پير کي خواب ۾ ڏسڻ

هڪڙو نئون مريد، پنهنجي پير کي خواب ۾ ڏسي، چوڻ لڳو ته مان تنهنجي جدائيءَ ۾ ڪري رهيو آهيان، ۽ هتي حيرت ڪان منهنجي دل سڙي ويئي آهي. هاڻي تون پنهنجي حال جي خبر ڪر (ته ڇا ڏٺءِ)؟ پير ٻڌايس ته مان هن جهان ۾ بيحد حيران ۽ مست آهيان ۽ هميشه ڏندين آڱريون اٿم. آخرت ۾ جا حيراني درپيش اچي ٿي، تنهن جي اڳيان دنياوي حيراني ڪجهه به نه آهي.

فقر ۽ فنا جي واديءَ جو بيان

حيرت جي واديءَ کان پوءِ، فقر ۽ فنا جي وادي اچي ٿي، جنهن بابت ڪجهه چوڻ ٺيڪ مناسب نه آهي. سالڪ هن هنڌ پهچڻ تي قدم قدم ۾ گم ٿي وڃن ٿا، ۽ اها عين فراموشي، گنگائي، ٻوڙائي ۽ بيهوشيءَ جي وادي آهي. هيءَ پيٺي جهان انهيءَ (واديءَ جي) سمنڊ جا ڇيٽ آهن. پلا، جڏهن سارو سمنڊ جنبش ڪندو، تڏهن هي ڇيٽ ڪٿي ٿا رهي سگهن؟ جو به هن سمنڊ ۾ گم ٿيو، سو هميشه لاءِ آرامي ٿيو. هن راحت ڀرئي سمنڊ ۾ سواءِ گمشدگيءَ ۽ سرگردانيءَ جي ٻيو ڪجهه نه آهي. ها، جڏهن انهيءَ گمشدگيءَ کان سالڪ کي رهائي ملي ٿي، تڏهن گهڻئي راز کيس معلوم ٿي وڃن ٿا. هاڻي مان توکي به چار نصيحت ڀريون آکاڻيون ٻڌايان ٿو.

معشوق طوسيءَ جي آکاڻي

هڪ رات معشوق طوسيءَ، پنهنجي مريد کي چيو ته تون سدائين ڪِرندو رهه. جڏهن تون عشق اندر سارو ڳري ويندين، تڏهن ڪمزوريءَ کان وار وانگر ٿي ويندين ۽ پوءِ جڏهن تنهنجي شخصيت وار مثل سنهي ٿي ويندي، تڏهن اها تنهنجي جاءِ به وڃي، محبوب جي زلفن ۾ ٺاهيندي. جو شخص، خوديءَ کان فارغ ٿيو، سو ڇڏڪ فنا ٿيو ۽ جو فنا ٿيو، سو باقي رهيو.

هڪڙي عاشق جي آڪاڻي، جو گهڻو پٺي رنو

هڪڙو عاشق، هڪ ڏينهن ڏاڍو روئي رهيو هو. جڏهن ڪنهن ان جو سبب پڇيس، تڏهن جواب ڏنائين ته مون پڌو آهي ته سڀاڻ قيامت ڏينهن الله تعاليٰ چاليهه سال لاڳيتو پنهنجي بندن کي زيارت ڪرائيندو. ڪا گهڙي اهي لوڪ هوش ۾ به ايندا ۽ ناز ۾ پرورش وٺي، وري عاجزيءَ ۾ ڪري پوندا. تنهنڪري مان، هن ڪري روئان ٿو ته، جڏهن مان هوش ۾ ايندس، تڏهن انهيءَ هڪڙيءَ گهڙيءَ کي ڇا ڪندس؟ انهيءَ غم کان ته چاهيان ٿو ته پاڻ کي ماري ڇڏيان (مارڻ گهرجي). جڏهن مان پاڻ کي پاڻ کان خالي ڏسندس، تڏهن مان خدا تعاليٰ سان هوندس ورنه ڏاڍو خراب ۽ بڇڙو نظر ايندس. بس، جنهن وقت خودي کان آزادي حاصل ٿي، تنهن وقت اها بي خودي مون لاءِ عين خدائي هوندي.

پتنگن جو شمع جي ڳولا ۾ گڏ ٿيڻ

هڪ رات، سڀ پتنگ اچي هڪ هنڌ ڪٺا ٿي چوڻ لڳا ته اسان مان هڪڙو اهڙو هجي، جو وڃي اسان جي مطلوب جي ڪا خبر وٺي اچي. انهن مان هڪڙو اٿي هڪ محل اندر وڃي شمع جي نور کي پري کان ڏسي، واپس اچي پنهنجي سمجهه آهر ان جي تعريف ڪئي، ليڪن منجهن هڪڙو واقفڪار موجود هو، جنهن هي پڌي چيو ته هن کي شمع متعلق ڪا آگاهي

ڪانهي. وري هڪڙو ٻيو روانو ٿيو ۽ روشنيءَ کي ڏسندي ئي ڪٽي پاڻ کي شمع تي سٽيائين ۽ ان تي پر هڻندي هڻندي، آخر مغلوب ٿي ڪري پيو ۽ موٽي اچي شمع سان پنهنجي وصال جي ڳالهه ٻڌايائين، ليڪن ان واقفڪار ان کي به رد ڪندي چيو ته هيءَ خبر پهرينءَ جيان اڻپوري آهي. آخر ۾ ٽيون جوش ۽ خروش سان اٿي وڃي، سڌو ان باهه تي ويٺو ۽ ان سان بغلگير ٿي، پاڻ کي فنا ڪري ڇڏيو. جڏهن هو ساري جو سارو باهه جي لپيٽ ۾ اچي ويو، تڏهن ان جا سڀئي عضوا باهه وانگر ڳاڙها ٿي ويا. واقفڪار، جڏهن هن کي پري کان ڏٺو ته شمع ان کي هم رنگ بنائي ڇڏيو آهي، تڏهن چيائين ته هيءَ واقعي ڪم وارو پتنگ آهي.

اي عزيز! جيسيتائين تون جسم ۽ جان کان بيخبر نه ٿيندين، تيسيتائين هڪ گهڙي به پنهنجي محبوب جي سڌ نه لهندين.

هڪڙي شخص جو صوفيءَ کي ڪياڙيءَ وارو ڌڪ هڻڻ

هڪڙو صوفي، جيئن بي فائدو وڃي رهيو هو، تيئن هڪڙي سنگدل، ڪياڙيءَ تي مڪ هڻي ڪڍيس. هي ڏسي، ان کي چوڻ لڳو ته جنهن کي تو مڪ هڻي آهي، سو ته ٽيهه سال ٿيا ته هن جهان کان موڪلائي مري چڪو آهي. انهيءَ شخص کلي چيس ته تنهنجي هي دعوا قطعاً غلط آهي. پهرين مري ويل به ڪڏهن

ڳالهائيندو آهي؟ تو ۾ جيسيتائين وار برابر خودي موجود آهي، تيسيتائين تنهنجو انهيءَ منزل تي پهچڻ ڏاڍو مشڪل آهي.

هڪڙي درويش جو هڪ حسين شهزادي تي عاشق ٿيڻ

هڪڙي بادشاهه کي يوسف مثل خوبصورت پٽ هو. جڏهن به هو گهوڙي تي سوار ٿي ٻاهر ميدان ۾ ايندو هو، تڏهن ان جي چئني طرفن کان سندس سپاهي اگهاڙيون تراريون کنيو هلندا هئا ۽ جو به ان ڇوڪري ڏانهن نظر کڻي نهاريندو هو، تنهن کي يڪدم پڪڙي سزاياب ڪندا هئا. اتفاق سان هڪڙو درويش ان تي عاشق ٿي پيو، مگر عاشق به اهڙو جو جهان جي خبر ئي نه رهيس. رات ۽ ڏينهن انهيءَ گهٽيءَ ۾ پيو غم جا ڳوڙها ڳاڙيندو هو، ڇا لاءِ جو هو ڪڏهن ڪڏهن اتان لانگهائو ٿيندو هو. هڪڙي مسڪيني، جو گهر ۾ لولو به نه ليپي ۽ وري اهڙي شهزادي سان عشق!

هڪڙي ڏينهن شهزادو جيئن وڃي رهيو هو، تيئن ان فقير کيس ڏسندي ئي نعرو هڻندي بيهوش ٿي ويو، ۽ چرين وانگر پاڻ کي پٿرن تي سٽيندي رتو رت ٿي ويو. هڪڙي ملازم کي جيئن اها خبر پيئي، تيئن سڌو وڃي بادشاهه کي ٻڌايائين. بادشاهه غيرت کان اهڙو ته جلي ويو، جو فوراً ان کي ڦاسي چاڙهڻ جو حڪم ڏنو، پوءِ جنهن وقت هن کي ڦاسي چاڙهڻ لڳا، تنهن وقت هن سجدي ڪرڻ لاءِ وزير کان مهلت گهري، ۽

سجدي ۾ وڃي پاڙائڻ لڳو تہ اي منهنجا الله! هاڻي جڏهن بادشاھ مون کي بيگناھ ماري ٿو، تڏهن تون هڪڙي مهرباني ڪرينم، ۽ اها هيءَ تہ هن ڪان اڳ جو منهنجي جان بيخبريءَ ۾ نڪري وڃي، تون مون کي ڇوڪري جي جمال جو مشاهدو ڪرائي تہ هن کي هڪ دفعو ڏسي پاڻ گهوريان. اي منهنجا پروردگار! تون لکن جون حاجتون پوريون ڪرين ٿو، مون غريب جي بہ هيءَ هڪڙي حاجت پوري ڪر.

وزير، جو پوشيده طور هي ٻڌي رهيو هو، تنهن ۾ خود احساس پيدا ٿيو ۽ روئندي وڃي هي سارو قصو بادشاھ کي ٻڌايو. بادشاھ تي بہ چڱو اثر پيو ۽ ان کي معاف ڪرڻ لاءِ آمادھ ٿيو ۽ پنهنجي پٽ کي چيائين تہ هو هيئنر جو هيئنر وڃي ساڻس نرمائي ڪري، ۽ دلداري ڏئي ۽ پاڻ کان ڪيس پري نہ ڪري. جڏهن شهزادو سوريءَ جي ويجهو آيو، تڏهن ان کي مٿيءَ ۾ اوندو پيل ڏسي پاڻ کي روڪي نہ سگهيو ۽ سندس اکين مان لڙڪ نار نار ٿي وهڻ لڳا. ان کي جهجهيءَ مهربانيءَ سان پاڻ ڏانهن سڏيائين، مگر هن غريب شهزادي جو آواز نہ ٻڌو ۽ جڏهن ڪنڌ مٿي ڪنيو، تڏهن ان کي سامهون ڏسي تاب جهلي نہ سگهيو ۽ آخري دم ڪڻندي، چوڻ لڳو تہ اي بادشاھ جڏهن تون، مون کي هن طرح ماري ٿي سگهين، تڏهن هن بزدل لشڪر کي وچ ۾ آڻڻ جي ڪا ضرورت ڪانہ

هئي. بس ائين چوندي ئي هو گم ٿي ويو، ڇاڪاڻ ته هو ئي ڪون.

هڪڙي شخص جو حضرت نوريءَ کان سوال

هڪڙي نيڪ شخص، حضرت نوريءَ کان پڇيو ته خدا تعاليٰ تائين پهچڻ لاءِ اسان کان رستو ڪيترو ڪلندو؟ ان کيس جواب ڏنو ته انهيءَ وٽ پهچڻ لاءِ اسان کي پهريائين روشني ۽ باهه جا ست درياءَ پار ڪرڻ گهرجن. جڏهن تون انهن سيني مان لنگهي پار پوندين، تڏهن هڪڙي مڇي يڪدم توکي پاڻ ڏي ڇڪيندي ۽ اها مڇي اهڙي آهي، جا جڏهن سيني مان آهه ڪڍي ٿي، تڏهن اڳين ۽ پوين سيني کي کڻي وڃي ٿي.

پکين جو سيمرغ جي راهه ۾ روانو ٿيڻ

هيءَ ڳالهه ٻڌي، واديءَ جا سيئي پکي جگر جي خون ۾ اوندا ٿي ڪري پيا ۽ گهڻا ته انهيءَ منزل تي ئي مري ويا، ڇاڪاڻ ته ڪين معلوم ٿي ويو ته هيءَ راهه طئي ڪرڻ سڀڪنهن جو ڪم ناهي. جيڪي بچيا تن انهيءَ رستي تي حيرانيءَ سان قدم رکيو ۽ ڪيئي سال ان جي هيٺاهين ۽ مٿاهين پار ڪرڻ ۾ پنهنجيون عمريون ئي ختم ڪري ڇڏيون. انهن کي انهيءَ رستي ۾ ڪئين مشڪلاتون پيش آيون، جن جي شرح گهڻو طويل آهي. پڇاڙيءَ ۾ پکين جي انهيءَ

ولر مان کي تورڙا وچي ان دربار تائين رسياه کي سفر ڪندي درياءَ ۾ ٻڏي مئا، کي آفتاب جي گرميءَ کان جلي ڪباب ٿيا، ڪن کي رستي ۾ ڦاڙيندڙن جانورن کائي کپائي ڇڏيو، کي رڃ ۾ اُڃ کان پريشان ۽ عاجز ٿي ڪري پيا. انهن مان ڪن ته چريائپ ۾ اچي، آپگهات ڪيو ۽ کي ته سخت بيماريءَ ۾ مبتلا ٿي پوئتي رهجي ويا، ۽ انهن ۾ گهٽا اهڙا به هئا، جن رستي جي عجائبات کي ڏسي اُتي ئي موهجي ۽ رڪجي ويا، ۽ طلب ترک ڪري عيش ۽ عشرت ۾ لڳي ويا. آخرڪار فقط ٽيهه پکي وڃي انهيءَ هنڌ پهتا، جن کي نه پر رهيا نه کنڀ، بيمار، ڪمزور، دل شڪسته ۽ مرڻينگ حالت ۾ آيا. ڇا ڏسن ته هڪ اهڙي دربار آهي، جا هر وصف ۽ صفت، ادراک ۽ عقل کان بالاتر آهي، جتي استغنيٰ جي بجلي اهڙو پئي چمڪي، جنهن هزارن جهانن کي هڪ پلک ۾ پئي ساڙيو، عجب ۾ پئجي ويا، جڏهن ڏٺائون ته هزارين سج، چنڊ ۽ تارا حيرت زده هڪ ذري مثل نچندا نظر اچن ٿا! اهڙي نظاري کي ڏسي هو چوڻ لڳا ته جڏهن هن دربار اندر سج به هڪ معدوم ذري مانند آهي، تڏهن اسين اُتي ڪيئن ڏسڻ ۾ ايندا سين! افسوس، اسان رستي جي ايتري ساري تڪليف اجايو سر تي کنئي. هيءَ ته اها شيءِ ئي ڪانهي، جنهن جو اسان گمان ڪيو هو، (يعني اها ساڳي شي آهي، جا

اسين پاڻ آهيون ۽ نہ ڪا غير). هتي تہ هزارين آسمان بہ هڪ ذري مثل آهن، اسان هجون خواهہ نہ هجون، ان کي ڪهڙي پرواهہ؟ جڏهن اهي سيئي پکي بيدل ۽ اڌ مئا ٿي پيا، تڏهن محو ٿي ويا، جنهن کي بہ ڪو زمانو گذري ويو.

هڪ معزز نقيب جو پهچڻ

آخرڪار، انهيءَ عالي دربار کان هڪڙو مانوارو نقيب آيو ۽ تيهن پکين کي نهايت پريشان حاليءَ ۽ بدحواسيءَ ۾ ڏسي ڪائين پڇڻ لڳو تہ توهان جو نالو ڇا آهي، ڪهڙو شهر آهي، ۽ هن هنڌ ڪهڙي ڪم لاءِ ويٺا آهيو؟ سڀني جواب ڏنو، تہ اسين هتي انهيءَ ڪاڻ آيا آهيون تہ سيمرغ اسان جو بادشاهہ ٿئي. ڪنهن مدت کان وٺي، اسين هن رستي تي هلندا رهيا آهيون، ۽ اسان مان پيا تہ سڀ مري ويا ۽ باقي وڃي ڏيهہ بچيا آهيون، ۽ اهو سڀ انهيءَ لاءِ تہ اسان کي انهيءَ جي دربار ۾ حضوريءَ جو شرف حاصل ٿئي. اسان تہ ائين سمجهون ٿا تہ بادشاهہ خود اسان جي رنج ۽ غم کي وڏيڪ وقت لاءِ پسند نہ ڪندو. مهرباني ۽ محبت جي نظر سان ڏسندو. هي ٻڌي، نقيب کين جواب ڏنو تہ توهان هن جهان ۾ رهو يا نہ رهو، هو هميشہ لاءِ مطلق بادشاهہ آهي، هن کي ڪنهن جي پرواهہ! اڙي حقير ۽ ذليل، توهان واپس موٽي وڃو! پکين غريبن جڏهن اهڙو سخت جواب ٻڌو، تڏهن نا اميد ٿيا ۽

انهيءَ ئي مهل چٽڪ هميشه لاءِ مري ويا. چوڻ لڳا ته ههڙو وڏو بادشاهه اسان کي ڪٿي خواريءَ سان روانو به ڪري ته اها خواري نه بلڪ عزت آهي.

مجنونءَ جي ثابت قدميءَ جو قصو

هڪڙي دفعي، مجنونءَ چيو ته جيڪڏهن ساري دنيا ڪٺي هر گهڙيءَ منهنجي تعريف ڪري ته به مون کي اها قبول نه آهي. مون لاءِ ليليٰ جون گاريون ئي بس آهن. هن جي هڪ گار مون وٽ سون تعريفن کان پياري آهي ۽ انهيءَ جو نالو پنهي جهانن کان وڌيڪ سٺو. جيڪڏهن توکي معشوق جي پٺر تي ڪا چڙ لڳي ته اهو تو لاءِ انهن موتين کان وڌيڪ سٺو آهي، جي توکي ڪنهن غير کان ملن.

اي پيارا، منهنجو مذهب ته اجهو هيءُ آهي. جيڪڏهن محبوب خاطر خواري سهڻي ٿي پوي ته کهڙي وڏي ڳالهه. ان کان پوءِ اهو سڙيل ٽولو چوڻ لڳو، ته اسان جي دلين ۾ هن (معشوق) باهه لڳائي آهي. ڀلا ڪڏهن پتنگ به باهه کان پري ٿيندو! ان جي حضوريءَ جو شرف ئي باهه ۾ ملي ٿو. جيڪڏهن اسان کي يار جي وصال نه ٿي ميسر ٿئي، ته به اسان جي خواهش اهائي آهي ۽ رهندي ته هو اسان کي جلائيندو رهي، ۽ جيڪڏهن هن تائين پهچڻ لاءِ ڪا راهه ئي نه آهي ته اسان کي به هيءَ راهه ڇڏي، ڪا ٻي راهه وٺڻي ئي ڪانهي.

پکين جي پتنگن سان گفتگو

سيني پکين پاڻ ۾ پتنگ جو قصو ڇيڙيو ۽ اچي ان کان پڇڻ لڳا تہ جڏهن شمع جو وصال تون نٿو ماڻي سگهين، تڏهن پوءِ جان اجايو ڇو ٿو ضايع ڪرين؟ هن ڳالهہ تي پتنگ نہ فقط رنج ٿيو، پر مست بہ، ۽ فوراً جواب ڏنائين تہ مون بيدل لاءِ هيءُ ئي ڪافي آهي تہ جيڪڏهن مان هن تائين نہ رسان تہ هن جي هميشہ پڇا ڪندو رهان.

اهي جي ان جي عشق ۾ سچا مرد ٿي آيا، سي تہ ساروئي درد سان پرجي آيا، پوءِ اگرچ ڪٿي محبوب وٽ استغنيٰ حد کان زيادہ آهي تہ ان جي مهربانيءَ جو بہ ڪو ڪاٿو ئي ڪونهي.

هن نيٺ اچي دروازو کوليو، سوين پردا پري ڪيا ۽ جڏهن پردا هٽي ويا، تڏهن نور ئي نور وڃي رهيو. انهيءَ کان پوءِ ڪمال مهربانيءَ سان کين پنهنجي قريب، عزت ۽ مانُ سان ويهاريو. بعد ۾ انهن جي اڳيان هڪ چٺي رکي کين پڙهڻ لاءِ چيو. انهيءَ قوم جي اُن چٺيءَ جو مضمون مثال جي طور هن پريشان حاليءَ کان ئي معلوم ٿي سگهي ٿو.

پاڇُرن جو يوسف کي وڪرو ڪرڻ ۽ بعد ۾ پشيمان ٿيڻ

يوسف، جنهن جي حسن کان خود چمڪندڙ تارن بہ سپند سوزي پئي ڪئي، تنهن کي سندس ڏهہ پاڇُر ڪنهن طريقي وڪڻڻ لڳا. مصر جي مالڪ، جڏهن

ان کي انهن کان خريد ڪيو، تڏهن ڪائنس وڪري جي چٺي به لکارائي ورتي. وري جڏهن عزيز مصر، يوسف کي ان کان خريد ڪيو، تڏهن اها (خريداري جي) رسيد به ڪائنس حاصل ڪئي. آخر جنهن وقت يوسف بادشاهه ٿيو، تنهن وقت قحط ماريل سندس ڏهه ئي ڀائر سندس خدمت ۾ آيا، ليڪن ان کي سڃاڻي نه سگهيا. (ڇا لاءِ جو يوسف جي منهن تي اڪثر نقاب رهندو هو). حضرت يوسف انهن کي چيو ته مون وٽ عبراني زبان ۾ هڪڙو خط آهي، سو جيڪڏهن اوهان مان ڪو پڙهي ڏئي ته مان ان کي گهڻو سون ڏيندس، ۽ جيئن ته هو سڀيئي عبراني ڄاڻندا هئا، تنهنڪري ڪائنس خط ورتائون. جڏهن منجهس نهاريائون، تڏهن ڏڪي وئي وين. نه ان کي پڙهي ٿي سگهيا ۽ نه ان متعلق ڪجهه چئي ٿي سگهيا. غم ۽ ارمان ۾ پئجي ويا ۽ زبان بيهي وين. جڏهن حضرت يوسف اُن حيرانيءَ جو ڪائنس سبب پڇيو، تڏهن چوڻ لڳا ته اسان جي سرن جو ڪٽجي وڃڻ، هن خط پڙهڻ کان اسان لاءِ صدبار بهتر آهي.

جنهن يوسف کي اهڙيءَ لاپرواهيءَ ۽ بي توجهيءَ سان وڪڻي ڇڏيو، تنهن واقعي يوسف جي جان کي خواريءَ ۾ جلايو. اڙي ناقص فقير! تون هي سمجهين نٿو ته تون هرگهڙيءَ هڪڙي يوسف کي وڪڻي رهيو آهين. جڏهن تنهنجو بادشاهه خود يوسف هوندو،

Gul Hayat Institute

تڏهن تون ان وٽ هڪ ڏينهن اچيو، بکيو، ننگو ۽ پينو ٿي ايندين.

جڏهن انهن ٽيهن پکين ان سبق سيکاريندڙ خط جي مضمون کي ڏٺو، تڏهن ان ۾ پنهنجن سمورن اعمالن کي منجهس ذري پرزي لکيل ڏسي ڏاڍو پشيمان ٿيا ته هاء افسوس، اسان يوسف جهڙي بادشاهه کي هٿ وٺي فراموش ڪري ڇڏيو (وڃائي ويٺاسون).

پکين جو خط پڙهڻ بعد فنا ٿيڻ

جڏهن پکين جون جانيون شرم ۽ حيا کان بالڪل فنا ٿي ويون، تڏهن انهن کي خداوندي دربار ۾ دوباره جانيون مليون ۽ سندن سينا سيئي پراڻن خيالن کان پاڪ ۽ صاف ٿي ويا. ان وقت جهان جي سيمرغ جي منهن جو عڪس ٽيهن پکين جا منهن ڏيکاري رهيو هو. هي ڏسي سيئي حيران ٿي ويا ۽ سمجهي نه سگهيا ته آيا هو، اهو سيمرغ آهي يا اهو سيمرغ هو پاڻ آهن. بهر حال پاڻ کي مڪمل سيمرغ ڏٺائون ۽ اهو سيمرغ آهيئي ٽيهه پکي هئا ۽ نه ڪا ٻي شيء. جڏهن پاڻ ڏي ٿي نهاريائون، تڏهن اهو سيمرغ هنن ٽيهن جي علاوه ٿي ڪين نظر آيو ۽ جڏهن وري ٻنهي طرف پئي ڏٺائون ته ٻيئي هڪ پئي نظر آيا (هڪڙو ٿي سيمرغ پئي نظر آيا) هي، هو هو ۽ هو هي هئا. جهان ۾ اهڙي ڳالهه ڪنهن ٻڌي ٿي نه هوندي. جڏهن هو سڀ حيرت ۾ ٻڏي ويا ۽ ڪجهه سمجهي نه سگهيا، تڏهن بي زبان ٿي ان درگاهه

ڪان 'مان' ۽ 'تون' جي راز بابت پڇڻ لڳا. اتان پڻ بي زبان جواب آيو ته اسان جي هيءَ درٻار سڄ وانگر آهي، جو به اتي اچي ٿو، سو پاڻ کي ئي ان ۾ ڏسي ٿو. توهين هتي ٿيهه پکي آيا تنهنڪري آئيني ۾ به ٿيهه ظاهر ٿيا. پر جيڪڏهن وڌيڪ مثلا: چاليهه اچن ها ته اهي به آئينيءَ اندر اوترائي نمودار ٿين ها. هاڻي جڏهن توهين ٿيهه بيدل، بيخبر ۽ بي جان وڃي رهيا (بچيا) آهيو، تڏهن اسان کي به ٿيهن پکين سان گهڻي مناسبت آهي، ڇا لاءِ جو حقيقي سيمرغ اسان ئي آهيون. هاڻي توهين سڀئي مون ۾ محو ٿي وڃو ۽ بي انتها عزت ۽ مان پايو. آخر ٿيو به ائين، اهي سڀئي ان ذات اندر هميشه لاءِ ائين محو ٿي ويا، جيئن پاڇو سڄ ۾ محو ٿي ويندو آهي.

منصور حلاج جي خاڪ تي هڪ عاشق جو ويهڻ

چون ٿا ته جڏهن منصور جلي خاڪ ٿي ويو، تڏهن هڪڙو عاشق اچي ان خاڪ تي ويٺو ۽ ڪانئس (خاڪ کان پڇڻ لڳو ته اهو شخص جو "اناالحق" چوندو هو، سو ڪٿي آهي؟

اي عزيز، جو ڪجهه تو ٻڌو يا پڙهيو، سمجهيو يا ڏٺو سو سڀ محض هڪ افسانو آهي ۽ هاڻي جڏهن هيءَ قتل دنيا تنهنجي رهائش نه آهي، تڏهن محو ٿي وڃ. حقيقي سچ سدائين پيو چمڪي، تنهنڪري نه ذرو هئڻ گهرجي نه پاڇو.

فنا ۽ بقا

جڏهن انهن پريشان حال پکين کي انهيءَ واديءَ اندر لکين ورهيه گذري ويا، تڏهن انهن کي ڪُلّي فنا جي سپرد ڪيو ويو، ۽ انهيءَ فنائيءَ کان پوءِ کين بقا جو جامو پهرايو ويو هن دنيا ۾ فنا ۽ بقا جي ڪنهن کي چاڻ ٿي ڪانهي ۽ هيءُ راز مرڻ بعد ئي معلوم ٿيندو. البت تون هيءَ ڳالهه سمجهي ڇڏ ته جيستائين تون وجود ۽ عدم جي درميان آهين، تيستائين تون هن حقيقت کي پڙوڙي نه سگهندين. هيءَ منزل گهڻو ڏورانهين آهي، جنهن لاءِ فقط جان ڏئي رستو ڳاهي سگهي ٿي. تنهنڪري تون پهريائين ان کي مطيع ڪر ۽ نيست ٿي وڃ ته جيئن بعد ۾ هست ٿين.

بادشاهه جو وزير جي پٽ تي عاشق ٿيڻ

هڪڙو روءِ زمين جو بادشاهه، پنهنجي وزير جي حسين پٽ تي عاشق ٿي پيو. هو ڇوڪرو چاڪاڻ ته چوڏهينءَ جي چنڊ مثل هو، تنهنڪري بادشاهه به ان جي عشق ۾ اهڙو گرفتار ٿي پيو جو هڪ گهڙي به ان کان سواءِ آرام نٿي آيس. رات ۽ ڏينهن ان سان گڏ گذاريندو هو ۽ ساڻس راز ۽ نياز جون ڳالهيون ڪندو رهندو هو. جيڪڏهن اتفاق سان ڪا گهڙي پلڪ ڪٿي اک کان پري ٿئي ته هو غيرت کان ان جو سر قلم ڪري ڇڏي. انهيءَ ٿي بادشاهه جي پاڙي ۾ هڪ خوبصورت پري پيڪر ڇوڪري رهندي هئي،

جنهن تي وري هو ڇوڪر عاشق ٿي پيو. هڪ رات بادشاهه ڪان چوريءَ اچي هن ان ڇوڪري وٽ رهاڻ ڪئي. جڏهن (پيتل) بادشاهه پنهنجي نشي مان هوش ۾ آيو، تڏهن ڇوڪري کي نه ڏسي ان جي تلاش ۾ ٿي نڪتو ۽ آخر ان ڇوڪريءَ سان ان کي گڏ ويٺل ۽ هڪبئي سان دليون ملايل ڏسي سڙي ويو. مست هڪ طرف، عاشق ٻئي طرف ۽ بادشاهه ٽئين طرف سو ڪڏهن پنهنجي معشوق جو ٻئي سان ويهڻ برداشت ڪندو؟ هي ڏسي، بادشاهه کي ڏاڍي مٺيان لڳي ته هن مون جهڙي بادشاهه کي ڇڏي وڃي (بيوقوفيءَ ڪان) ٻئي کي چونڊيو آهي، سو حڪم ڪيائين ته ڪيس فوراً ٻڌي ڪل لاهي پوءِ سوري تي چاڙهيو وڃي ته جيئن هن ڪان پوءِ جو به بادشاهه جو رازدار ٿئي، سو ڪڏهن به ڪنهن ڏي نظر ڪئي نه نهاري.

وزير کي جڏهن پنهنجي پٽ جي خبر ملي، تڏهن مٿي وساڻيندو ڊوڙندو آيو ۽ اچي انهن نوڪرن کي چوڻ لڳو جي سندس پٽ کي مارڻ لاءِ تيار بيٺا هئا ته، اڄ رات بادشاهه نشي ۾ آهي ۽ علاوه ان جي ڇوڪري اهڙو ڪو گناهه به نه ڪيو آهي، تنهنڪري توهان هن فعل کان باز اچو، ورنه جنهن مهل هو هوش ۾ آيو، تنهن مهل پنهنجي ڪئي تي ڏاڍو پشيمان ٿيندو ۽ اوهان سان ڪنهن کي به جيئرو نه ڇڏيندو ليڪن انهن جواب ڏنو ته هو جيڪڏهن هتي ايندو

۽ مقتول ڪسي نہ ڏسندو تہ اسان سيني ڪي سوريءَ چاڙهيندو. ٻيو ڪو چارو نہ ڏسي وزير فوراً هڪڙي قيديءَ کي وٺي آيو جو قتل جو سزاوار هو ۽ ان جي ڪل لهرائي ڪيس سوريءَ تي لٽڪائي ڇڏيو ۽ پنهنجي پٽ کي پردي اندر لڪائي رکيو. ٻئي ڏينهن جڏهن بادشاهہ هوش ۾ آيو، تڏهن نوڪرن کي گهرائي ڪانئن ان ڇوڪري جو حال پڇيو، جنهن تي هنن ساري ڳالهہ ڪري ٻڌايس. ان تي بادشاهہ ڏاڍو خوش ٿيو، ليڪن ڪجهہ ڏينهن پڇاڻان پنهنجي محبوب کي نہ ڏسي پنهنجي ڪئي تي پشيمان ٿيڻ لڳو. ڀلا، اهو جو رات ڏينهن يوسف جهڙي سان گڏ خلوت ۾ گذاريندو هو، سو هاڻي ان جي جدائيءَ ۾ ڪيئن ٿو ويهي سگهي؟ بس، لباس بدلائي نيرو ڪيائين ۽ بند ڪمري اندر ويهي ڳوڙها ڳاڙڻ لڳو ۽ سندس ننڊ ويندي رهي ۽ کائڻ پيئڻ جي اشتها موڪلائي ويئي. قصہ مختصر، هن انهيءَ سوريءَ جي پاسي ۾ پورا چاليهہ سال روئندي رڙندي اچ ۽ ٻڪ ۾ گذاري، ڪري وار مثل سنهون ٿي ويو.

ان کان پوءِ هن هڪ رات ان ڇوڪري کي خواب ۾ ڏٺو تہ هو ساروئي رتوڇاڻ ٿيو پيو هو. جڏهن بادشاهہ ان بابت ڪانئس پڇيو، تڏهن جواب ڏنائين تہ تنهنجي دوستيءَ سبب منهنجو هيءُ حال ٿيو آهي. تو مون غريب جي بيگناهہ ڪل لهرائي ڀلا ڪڏهن ڪو

عاشق پنهنجي معشوق سان اهڙو برتاءُ ڪندو آهي؟ هينئر مان توکان منهن موڙيان ٿو ته جيئن قيامت ڏينهن توکان بدلو وٺان. بادشاهه هي خطاب ٻڌي ڇرڪ ماري اٿيو ۽ زارو زار روئڻ شروع ڪيو ۽ چوڻ لڳو ته اي محبوب! جيڪڏهن مون کان خطا ٿي آهي ته تون معاف ڪرينءِ. مون کان هي سڀ غفلت ۽ مستيءَ ۾ ٿيو هو. هينئر ته مان تو ٻنا هڪ گهڙي به نٿو گذاري سگهان. موت جو ڪو ڊپ ڪونهيم، ليڪن پنهنجي ظلم ۽ ستم کان سچ پچ گهبرايان ٿو.

اي الله، منهنجي جان حيرت ۽ اشتياق ۾ جلي ويئي آهي. مان وڌيڪ جدائيءَ جو تاب سهي نٿو سگهان. تون مهرباني فرمائي منهنجي جان وٺ، ڇالاءِ جو هينئر مون ۾ ڪا طاقت ٿي نه رهي آهي. ائين چوندي خاموش ٿي ويو، ۽ خاموشيءَ ۾ بيهوش ٿي ويو. ان وقت وزير پنهنجي پٽ کي سينگاري بادشاهه ڏانهن روانو ڪيو. هو جڏهن بادشاهه وٽ آيو، تڏهن ان اڳيان زمين تي هنجون هارڻ لڳو. بادشاهه خاڪ ۾ پئي لِتڙيو ۽ ڇوڪرو خون ۾. بس هيءَ عجيب ڳالهه هئي، ان راز کان، سواءِ عاشق ۽ معشوق جي ٻيو ڪو واقف ٿي ڪونهي.

ڪتاب جي خاتمي متعلق

اڙي عطار، تو جهان کي رازن جي مشڪ سان پري ڇڏيو آهي. تنهنجي شعر ۾ واقعي عاشقن جو

سرمايو آهي. جهڙيءَ طرح روشني سج وٽ ختم آهي
تهڙيءَ طرح پڪين (عاشقن) جون ٻوليون ۽ انهن جون
منزلون تـو وٽ ختـم آهـن. اڙي سالڪ، تـون منهنجي
ڪتاب ۽ شعر کي درد (۽ عاجزيءَ) جي نظر سان
ڏس ته جيئن ڏوکي منهنجي به درد جو يقين ثي وڃيءَ
چالاڪ جو اهو جو منهنجي ڪتاب کي درد جي نظر
سان ڏسي ٿو، سوئي خوش نصيبي ۽ سعادت ماڻي ٿو.
جنهن به منهنجي ڪتاب کي پڙهيو سو ڪم وارو ماڻهو
ٿيو ۽ جنهن ان کي سمجهيو ۽ ان جي رنگ ۾ رڱجي
ويو، سو ڪامياب ۽ فائز ٿيو. هيءُ ڪتاب عام ۽ خاص
ٻنهي لاءِ نفع بخش آهي. منهنجي نظم جي هڪ عجيب
خاصيت هيءَ آهي ته ان کي جيترو زياده پڙهجي ٿو
تيترو زياده فائدو پهچائي ٿو. ڪو به شخص ويندي
قيامت تائين مون جهڙو ڪلام لکي نه سگهندو. مان
حقيقت جي سمنڊ مان موتي چٽڪاري رهيو آهيان ۽
مون وٽ گويائي ختم آهي. جيڪڏهن مان مري به وڃان
۽ هيءَ ساري دنيا درهم برهم ٿي وڃي ته به مان پنهنجي
ڪلام سبب قيامت تائين باقي آهيان ۽ ماڻهو جيستائين
هي جهان آهي، تيستائين مون کي ياد ڪندا رهندا. هي
ڪتاب جيڪڏهن ڪنهن جي ڪا رهنمائي ڪري ۽
سندس اڳو غير ۽ گمراهيءَ جا پردا هٽائي ته منهنجو
مقصد پورو ٿيو ۽ منهنجو رنج ۽ غم ويندو رهيو. هاڻي
جهڙي طرح گذريل زماني ۾ بزرگن پنهنجي ڪلام

سان ستل دلين کي جاڳايو، تهڙيءَ طرح مون به انهن ستلن کي پنهنجي جان جي پڪيءَ جو جلوو ڏيکاريو (حتي المقدر مون به انهن کي جاڳائڻ جي ڪوشش ڪئي). مون پاڻ کي چراغ وانگر خوب جلايو، تڏهن مس وڃي جهان لاءِ هڪ روشن شمع ثابت ٿيس (هڙي ڪم لاءِ سدائين جگر جو خون پيئڻو پوي ٿو).

هڪڙي دينذار جو سڪرات ۾ پوڻ

جڏهن هڪڙي دينذار جي سڪرات جو وقت آيو، تڏهن چوڻ لڳو ته جيڪڏهن مان هن کان اڳ ڄاڻان ها ته پڙهڻ، ڳالهائڻ تي ڪيترو شرف ۽ فضيلت رکي ٿو ته مان ڪڏهن به پنهنجي عمر ڳالهائڻ ۾ ضايع نه ڪريان ها. نيڪيءَ جي ڳالهه ڪڻي سون وانگر آهي مگر ماٺ ۾ رهڻ انهيءَ کان وڌيڪ پلو آهي. الله وارا هميشه ڪم کي چاهن ۽ نه اسان وانگر رکيو ڳالهه کي سچائڻ؛ چالاڪ جو اهو ماڻهو جو ڪنم ۾ لڳل آهي سو خود مست ۽ خاموش آهي ۽ جو بيڪار آهي سو اجايو پيو وقلي ۽ بڪواس ڪان جوش ۾ هوندو آهي.

سڪندر جو موت ۽ ارسطو جي گفتگو

جڏهن سڪندر مري ويو، تڏهن ارسطا طاليس چوڻ لڳو ته اي بادشاهه، جيستائين تون دنيا ۾ جيئرو هئين تيستائين تون ماڻهن کي نصيحت ڪندو رهئين،

Gul Hayat Institute

مگر اڄ ڏينهن جي نصيحت انهن لاءِ نهايت ڪافي ۽ سبق سيکاريندڙ آهي، ڇالاءِ جو حال جي نصيحت قال جي نصيحت کان هميشه زياده مؤثر هوندي آهي.

اي دل، مون پکين (عاشقن، عارفن) جون سڀ زنابون توکي کولي ٻڌايون. هاڻي تون غفلت ڇڏي، فهم ۽ فراست کان ڪم وٺ. سيمرغ جي اڳيان انهيءَ شخص، واقعي اڪسير بنايو (ڪامياب ٿيو جنهن سيني پکين جي ٻوليءَ کي سمجهي ورتو.

اي عزيز، يوناني فلسفي اندر تون روحاني دولت ڪٿي سڃاڻي سگهندين؟ جيستائين تون انهيءَ فلسفي کان پاڻ کي الڳ نه ڪندين، تيستائين تون دين جي فلسفي کان واقف ٿي نه سگهندين. مان (پنهنجي معرفت جو) قسم کڻي ٿو چوان ته منهنجي نزديڪ ڪفر جو 'ڪاف'، فلسفي جي 'ف' کان وڌيڪ محبوب ۽ پسنديده آهي. مديني جي فلسفي، يوناني فلسفي کي شڪست فاش ڏيئي ڇڏي آهي. تون انهيءَ فلسفي کي ڌوڙ ۾ ملائي وڃي دين جي راهه اختيار ڪر، جا صحيح ۽ سالم آهي.

هڪڙي شخص جو، ڪنهن صوفيءَ کان سوال پڇڻ

هڪڙي پيرسن، صوفيءَ کي چيو ته تون ڪيستائين الله وارن جي ڳالهه ڪندو رهندين؟ ان جواب ڏنس ته الله وارن جي ڳالهه ڪرڻ منهنجي زبان کي ڏاڍي مٺي لڳي ٿي.

جيڪڏهن مان (عطار) ڪٿي انهن الله وارن مان نه آهيان ته به ڪم از ڪم انهن جي ڳالهه ٻولهه ته ڪندو رهان. مان جيڪڏهين انهن‌جي وات وٺان ها ته شعرگوئيءَ ۾ پاڻ‌کي ڇو غرق ڪريان ها، ليڪن مان معذور آهيان جو جڏهن ڏٺم ته ملڪ ۾ ڪو رازدارئي نه آهي، تڏهن مناسب سمجهيم ته شعر ۾ راز ظاهر ڪري، پنهنجي دل وندرائيندو رهان.

دل جي تونگري منهنجي لاءِ جان افزا آهي ۽ قناعت منهنجو هڪ غيرفاني خزانو آهي. الله تعاليٰ جو شڪر آهي، جو مان ڪنهن نالائق جو ٿورائتو نه آهيان. مان نه ته پنهنجيءَ دل تي ڪنهن جو بار رکان ۽ نه هر ڪميڻي کي آقا سڏڻ لاءِ تيار آهيان. مون ڪڏهن به ظالم جو طعام نه کاڌو ۽ نه ڪتاب ۾ پنهنجو تخلص رکيو آهي. منهنجي بلند همت منهنجو ممدوح آهي ۽ منهنجي بدن جي غذا، منهنجي روحاني طاقت آهي. جڏهن مون کي عارف لوڪن پنهنجي طرف سڏيو، تڏهن هاڻي منهنجو انهن خودغرض ۽ خودپسندن سان ڪهڙو تعلق؟ مان جڏهن سڀني ماڻهن کان آزاد ٿي ويس، تڏهن سون مصيبتن هوندي به گهڻو شاد ۽ خوش رهيس.

هڪڙي پاڪ دين جي مرڻ وقت گفتگو

هڪڙو عارف، موت جي وقت ڇوڻ لڳو ته جڏهن مون وٽ هن راهه (آخرت) جو سامان ڪونهي، تڏهن

شرم جي پگھر سان هڪ پڪ مٽيءَ جو ٺاهيو اٿم ۽
انهيءَ مٽيءَ مان هڪ سر بنائي اٿم. علاوه ان جي
هڪڙو شيشو گوڙهن سان پريل به پاڻ وٽ اٿم ۽
هڪڙي پراڻي گودڙي به ڪفن لاءِ چونڊي رکي اٿم.
هاڻي جنهن مهل مان مران، تنهن مهل توهان مون کي
گوڙهن سان غسل ڏيئي، بعد ۾ اها سر منهنجي مٿي
هيٺان رکي ڇڏجو. جڏهن توهان ائين ڪيو، تڏهن
توهان ڏسندؤ تہ منهنجي قبر تي ڪڪر، ويندي قيامت
تائين افسوس جو مينهن وسائيندو رهندو.

هڪڙي پاڪ دين جي ڳالهه

هڪڙي پاڪ دين، چيو تہ مان پورن ٽيهن سالن
کان پنهنجي عمر بيخوديءَ ۾ گذاريان ٿو. مان پاڻ کان
ائين بيخبر آهيان، جيئن حضرت اسماعيل پنهنجي سر
ڪٽائڻ وقت بيخبر هو. ڀلا، ان شخص جي ڪهڙي
حالت هوندي، جنهن جي ساري عمر حضرت اسماعيل
جي بيهوشيءَ جي گهڙيءَ وانگر گذري تي! ڪڏهن
شمع مثل انتظار ۾ جلان ٿو، ڪڏهن بهار جي ڪڪر
جيان نار وهايان ٿو. اهو شخص جو مون تي ٻاهر کان
نظر ڪندو سو منهنجي سيني جي اندروني حالت کي
ڇا سمجهي سگهندو؟ هاءِ افسوس، منهنجي عمر اجائي
ويئي ۽ هينئر سواءِ عاجزيءَ ۽ لاچاريءَ جي ٻيو ڪجهه
بہ نہ رهيو آهي.

هڪڙي جوان مرد جو شبليءَ کي خواب ۾ ڏسڻ

جڏهن شبلي رحہ، هن دنيا مان رحلت فرمائي ويو تڏهن هڪ جوان مرد کيس خواب ۾ ڏسي ڪانئس اتان جو حال پڇيو. جواب ڏنائين ته جڏهن حساب ۾ منهنجو معاملو تمام سخت ٿي ويو ۽ هن مون کي منهنجو دشمن ڏٺو ۽ منهنجي ضعيفي، نااميدي ۽ عاجزيءَ جو پورو مشاهدو ڪيو، تڏهن ان کي منهنجي بيچارگيءَ تي رحم اچي ويو ۽ پنهنجي ڪرم سان مون کي بخشي ڇڏيو.

اي عزيز، جنهن وٽ ڳوڙهن جو درياهه آهي، سو پلي هن منزل ۾ پير پائي. هتي جو ٿمر سواءِ عجز ۽ افلاس جي ٻيو ڪونهي.

هڪڙي پير جو فرشتن جي جماعت کي رستي ۾ ڏسڻ

هڪڙو پير، جيئن هڪڙي ڳوٺ ۾ وڃي رهيو هو، تيئن ملائڪن جي هڪ جماعت منهن پئجي ويس. انهن درميان ڪا رائج الوقت روڪڙ به پئي هئي، جنهن کي هڪٻئي کان پئي کسيائون. جڏهن پير کانئن انهيءَ روڪڙ بابت پڇيو، تڏهن انهن مان هڪڙي جواب ڏنو ته هڪڙو دردمند هتان وڃي رهيو هو جنهن پنهنجي پاڪ دل مان هڪ آه ڪڍي ۽ زمين تي چند ڳوڙها ڳاڙيا. اسان هينئر انهيءَ سرد آه ۽ گرم ڳوڙهن کي هڪٻئي کان کسي رهيا آهيون.

ابوسعيد جي هڪ مست سان ملاقات

هڪڙي دفعي، ابوسعيد سالڪن جي جماعت سان گڏ پنهنجي خانقاه ۾ ويٺو هو ته هڪڙو مست پريشان حاليءَ ۾ روئندو اندر آيو ۽ اچي اجايو سجايو راڳ ڳائڻ لڳو. شيخ مهربانيءَ ۽ شفقت سان کيس سمجهايو ته تون روءِ نه، شور بند ڪر ۽ منهنجو هٿ وٺي کڙو ٿي. مست جواب ۾ چيو ته اي شيخ، الله تنهنجو مددگار هجي، دستگيري (مدد ڪرڻ) تنهنجو ڪم نه آهي. جيڪڏهن هر شخص کان دست گيري ممڪن هجي ها ته ڪيئلي به اميريءَ جو دم هڻي ها. هي ٻڌي شيخ تي وجد طاري ٿي ويو ۽ چوڻ لڳو ته اي منهنجا مولا، تون سڀڪجهه آهين، مان عاجز آهيان، تون منهنجي دستگيري ڪر.

هڪڙي شخص جي گفتگو

هڪڙي شخص چيو ته جيڪڏهن قيامت جي ڏينهن الله تعاليٰ مون کان سوال پڇندو ته تو دنيا مان ڪهڙو سامان آندو آهي ته مان جواب ڏيندس ته مان قيدخاني مان ڇا ٿي آڻي سگهيس؟ مان ته مفلس؟ ڪنگال ۽ تنهنجي رستي جو قيدي آهيان ۽ تو ۾ هيءَ اميد رکان ٿو ته تون مون کي سڀني آلودگين کان پاڪ ڪري، مسلمانيءَ سان خاتمو ڪرينم، ۽ جو ڪجهه چڱو يا برو ڪيم، سو سڀ معاف فرمائينم. جڏهن سواءِ

ڪنهن معاوضي جي منهنجو پيدا ڪرڻ جائز آهي، تڏهن تنهنجو مون کي مفت معاف ڪرڻ به سزاوار آهي.

نظام الملڪ جي سڪرات جي ڳالهه

جڏهن نظام الملڪ پنهنجي پوين پساهن ۾ هو، تڏهن چوڻ لڳو ته اي الله، مان ته هميشه خالي هٿين وڃي رهيو آهيان، تون مون کي ان شخص جي طفيل معافي ڏي، جنهن کي مون جڏهن تنهنجي ڳالهه ڪندي ڏٺو، تڏهن ان جو هرطرح سان خريدار بڻجي ويس ۽ ان جي پوري مدد ۽ امداد ڪيم. هن آخري گهڙيءَ ۾ تون ان جي محابي منهنجو خريدار ٿي ۽ منهنجي مدد فرماءِ.

حضرت سليمان جو هڪ منڊي ڪئليءَ کان سوال پڇڻ

حضرت سليمان ابتري عظمت جي باوجود هڪ منڊي ڪئليءَ کان عاجزيءَ سان سوال پڇيو ته غم ۾ زياده کهڙي مٿي ڳوهي ويئي آهي. ان جواب ڏنس ته سوڙهيءَ قبر ۾ اها آخري سر جا جڏهن خاڪ سان ملي وڃي ٿي، تڏهن سڀيئي اميدون ختم ٿي وڃن ٿيون.

ابوسعيد مهنہ جي خادم سان گفتگو

حضرت ابوسعيد مهنہ هڪڙي ڏينهن حمام ۾ هو، سندس نوڪر جو هڪ بي عقل ۽ ناتجربيڪار هو تنهن شيخ جي بدن جي ميراڻ کي ڇڪي ان جي ڪلهن تي آڻي، سندس منهن اڳيان ڪٺو ڪيو; ۽ بعد ۾

ڪانئس پڇيائين ته هاڻي ٻڌاءِ ته جوان مردي ڇا کي چوندا آهن. شيخ جواب ڏنس ته ميراڻ کي لڪائڻ ۽ ماڻهن جي اکين اڳيان (جي روبرو) نه آڻڻ کي ئي جوانمردي چوندا آهن. اهو ٻڌي هن فوراً ان جي پيرن تي ڪري معافي گهري.

ڪتاب جو ختم

الله سائينءَ جا لک احسان ۽ مهربانيون، جنهن مون ناچيز لاءِ پنهنجي مدد ۽ توفيق جون سڀ راهون کولي ڇڏيون. نتيجي ۾ هي ڪتاب اڳاري ڏينهن منجهند جو تاريخ ۲۰ رمضان المبارڪ، سن ۱۳۸۳ هجريءَ ۾ لکجي پورو ٿيو. منهنجو اهو سارو وقت دل جي صفائيءَ، ذوق، آرام ۽ خوشيءَ ۾ گذريو. بلاشبهه عطّار سچي سالڪن ۽ عارفن متعلق گفتگو ڪئي آهي. جيڪڏهن تون به انهن مان آهين ته ان کي نيڪيءَ سان ياد ڪر.

پورو ٿيو

Gul Hayat Institute

هي ڪتاب ظاهر ۾ ته ننڍين ڪهاڻين، ٽوٽڪن ۽ ڳالهين تي ٻڌل آهي، پر سنجهس ڏاهپ ۽ عقل جا انيڪ راز سمايل آهن.

پکين جي پارليامينٽ اصل فارسي ٻوليءَ ۾ منطق الطير جي نالي سان خواجه فريدالدين عطار رح جي لکيل مشهور مثنوي آهي.

هي ڪتاب تصوف جي راهه ۾ دل ۽ خيالن جي پاڪيزگيءَ لاءِ هڪ ڪسوٽي وانگر آهي. نفس ۽ شيطان جهڙن دوکيبازن کي سڃاڻڻ لاءِ هي اهڙي نموني ننڍين ڪهاڻين، قصن، ٽوٽڪن ۽ ڳالهين تي ٻڌل آهي، جو پڙهندڙ لاءِ ڏاڍي دلچسپي رکي ٿو.

هي ڪتاب پڙهندڙ نه رڳو ذاتي طرح لطف وٺي ٿو، پر ڪچهرين ۾ اهي ڳالهيون ٻڌائي وندر جو سامان مهيا ڪري سگهي ٿو. انهيءَ ڪري ئي هن ڪتاب جون ڳالهيون، جتي به ڪچهريون ٿين ٿيون، اتي ٻڌايون وڃن ٿيون.

هي ڪتاب ٻارن توڙي وڏن لاءِ هڪجهڙو دلچسپ آهي.

Gul Hayat Institute